كل الحقوق محفوظة

المعروف المشهور

فتاویٰ قاسمیہ

حررہ الفقیر
محمد قاسم غفر
لہ ولوالدیہ

مصنف

حضرت قبله مفتي اعظم پير طريقت علامه

محمد قاسم مشوري

قدس الله تعاليٰ سره العزيز

مؤلف

فقير غلام محمد عفي عنه

ڊاڪٽر محمد حنيف مشوري

ٽائيپنگ

سيد وحيد احمد شاهه قاسمي

اِي بُڪ ڪمپائيل

جنيد احمد فاروقي

پروگرامر، قاسميه آن لائن لائبرري، لاڙڪاڻو

درگاهه عاليه حضرت مشوري شريف

ضلع لاڙڪاڻو، سنڌ پاڪستان

http://www.qasimia.org

email: qasimia@qasimia.org

كل الحقوق محفوظة

فتاوىٰ قاسميه

المعروف المشوري

جلد پهريون

القاسميه اكيڊمي شعبه نشر و اشاعت
درگاهه عاليه حضرت مشوري شريف ضلع لاڙڪاڻو، سنڌ، پاڪستان

سوانح حيات

حضرت پير طريقت

محي السنة

قامع البدعت

امير العلماء سلطان الاولياء

قبلہ تاج ڏٽي بادشاھ

قبلہ

محمد قاسم مشوري

سائين مدظله العالي

بِسمِ اللّٰهِ الرَّحمٰنِ الرَّحيمِ

الحمد للّٰه العلي الوهاب منزل الكتاب علىٰ عبده و حبيبه الاواب صلي اللّٰه تعالىٰ عليه و علىٰ آلہٖ وسائر الاصحاب

اما بعد هي چند سٽون حوالي قلم جي ڪجن ٿيون، جن ۾ مختصر حالات

حضرت قبله با برڪت شمس العلماء

وصدر الفضلاءِ فياض الزمان

قيوم الزمان، قطب الدوران

مرشد الزمان هادي الدوران

غواص بحر عرفان الملقب بلقب

"تاج ڏٽي"

بادشاه مولانا الحاج حضرت

محمد قاسم مشوري

سائين اسڪنه اللّٰه تعالىٰ

بحبوحة الجنان

وافاض علىٰ مرقده شبابيب الرضوان

جا بيان ڪجن ٿا.

والله ولي التوفيق واليہ المآب و المتاب

ماڻهون سپ نہ سهڻا پکي سپ نہ هنجھ
کنهن کنهن ماڻهون منجهہ اچي بوءِ بهار جي

ہزاروں سال نرگس اپنی بی نوری پر روتی ہے
بڑی مشکل سے ہوتا ہے چمن مین دیدہ ور پیدا.

مقدس زبان از کجا آورم کہ توصیف پاکان بجا آورم
خدایا مطہر بسازم زبان کہ نام شہنشہ بخوانم بہ آن

أَعُوْذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيْطَانِ الرَّجِيْمِ

بِسمِ اللّٰهِ الرَّحمٰنِ الرَّحيمِ

حضرت قبلہ مشوري سائين جن جا آبائو اجداد ڪشمور ۾ شورڻ ناڙي بلوچستان کان هت سنڌ ۾ آيا. تن مان ڪي، جنهن هنڌ درگاهہ شريف آهي اتي اچي رهيا. ڪي درياهہ تي وڃي ويٺا، ڪي سنڌ ۾ بين هنڌن تي کنڊڙي پکيڙجي ويا. باقي سندن پڙ ڏاڏو نالي الله بخش مشوري ۽ صاحب خان مشوري هتي اچي رهيا، جتي هاڻي درگاهہ مشوري شريف آهي. پهريان اهو ملڪ سارو جهنگ ۽ ٻيلو هيو. پوءِ آهستہ آهستہ آبادي ٿيندي وئي ۽ الله بخش مشوري جي پاءُ صاحب خان مشوري جي نالي سان انهي ڳوٺ جو نالو صاحب خان مشوري پيو، جو هاڻي ”مشوري شريف“ سان مشهور آهي.

نسب نامہ

حضرت مشوري سائين محمد قاسم بن محمد عثمان
محمد عثمان بن نهال
نهال بن اللّٰه بخش
اللّٰه بخش بن يار محمد
يار محمد بن پيارو
پيارو بن شاهہ محمد.

يار محمد کي ڇهہ پٽ هئا.

- صاحب خان
- ٻيڙو خان
- اللّٰه بخش
- آڍو خان
- دودو
- محمد پريل

حضرت مشوري سائين، اللّٰه بخش جي اولاد مان آهن.

اللّٰه بخش جو پٽ نهال خان، نهال خان جو پٽ حاجي محمد عثمان، حاجي محمد عثمان کي ٻہ فرزند ٿيا.

هڪ حضرت محمد قاسم صاحب ۽ ٻيو ننڍو نهال خان جيڪو جواني جي وقت ۾ وفات ڪري ويو.

حضرت قبلہ مشوري سائين جن جي دستار بندي کان اڳ ۾ طالبائي جي وقت سندن جي شادي خانہ آبادي ٿي وئي هئي. پنهنجي ڳوٺ مشوري شريف ۾ نالي اللہ بخش مشوري جي معصومن سان شادي ڪرڻ فرمايائون. سندن شادي مبارڪ سنہ ١٣٣٧ هجري مطابق 1918ع ۾ ٿي هئي.

حضرت قبلہ مشوري سائين جن کي ان ئي حرم پاڪ مان چار فرزند ٿيا.

- محمد
- شفيع محمد
- علي محمد
- محمد

وڏو پٽ محمد ۽ ٻيو شفيع محمد ننڍي هوندي فوت ٿيا. باقي ٻہ فرزند حال حيات آهن. ميان مولوي علي محمد صاحب ۽ حضرت قبلہ حافظ مولوي محمد عرف ”نالي منا“ سائين.

سندن پيدا ٿيڻ جي بشارت اولياء جي زباني

هڪڙو فقير مجذوب نا معلوم شخص، جيڪا سٽڪ سندن ڳوٺ مبارڪ کان ڏوڪري ۽ دادو طرف وڃي ٿي، ان سان اهو مجذوب وڃي رهيو هو، سندن ڳوٺ مبارڪ جي آمهون سامهون بيهي ڳوٺ ڏي منهن ڪري هي لفظ فرمايائين ته ”هائو يار هائو! هن ڳوٺ ۾ هڪ گل پيدا ٿيندو جنهن جي خوشبوءِ کان سارو ملڪ واسبو“.

حضرت پير سائين قبله ”صالح شاهه“ عليه الرحمة راڻيپور شريف وارا پنهنجي مريدن ڏانهن انهيءَ ئي رستي سان رهگذر ٿيا هئا. ان وقت فرمايائون ته ”هن ڳوٺ“ صاحب خان مشوري“ ۾ هڪ مرد پيدا ٿيندو جو ملڪن کي فيض ڏيندو ۽ دين اسلام جو زبردست غوغاءُ ٿيندو“.

نقل ٿا ڪن ته سندن ولادت با سعادت کان اڳ اوير واري سٽڪ سان حضرت قبله پير سائين تخت ڌڻي قدس سره (راشدي) جماعت سڳوريءَ سان گڏ محافي ۾ ٿي اسريا. جڏهين هن ڳوٺ جي سامهون آيا تڏهين بيهي رهيا ۽

فرمايائون تہ ”سبحان الله ! هت اسان جي دستار ۾ امانت کيئن؟“ گريہ ڪري وري مرڪيا. جماعت سڳوريءَ جي پڇڻ تي فرمايائون تہ ”هن ڳوٺ ۾ هڪڙو مڙس پيدا ٿيندو جنهن وٽ اسان جي دستار ايندي پر اهو اسان جي اولاد مان نہ هوندو ۾ حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه و آله و سلم ان وٽ تشريف فرما پيا ٿيندا، رناسين انهي ڪري تہ اسين هن حياتي ۾ ان سان ملي نہ سگهياسين، ۾ مرڪڻ انهي ڪري ٿيو جو اهو مڙس اسان جي جماعت ۾ قادري طريقة مان هوندو“.

ولادت با سعادت

معلوم هجي تہ هن فيض جي درياهہ بي ڪنارء قبلہ مشوري صاحبن جي ولادت ١٢ تاريخ مهينہ ربيع الاول سنہ ١٣١٦ هجري مطابق 1897ع ۾ سومر جي رات تهجد جي وقت ڳوٺ مشوري شريف ۾ ٿي. مشوري شريف صوبہ سنڌء ضلع لاڙڪاڻہ تعلقہ ڏوڪري ۾ آهي.

زمانہ طفلي

پاڻ ننڍي پڻ کان ئي سنين عادتن جا مالڪ هئا. سندن والده ماجده رحمة الله تعالىٰ عليها سندن کي سدائين وضوء سان ٿڃ پياريندي هئي. پر جيڪڏهن ڪنهن وقت ڪٽي بنان وضوءَ جي ٿڃ مبارڪ آڇيندي هئي تہ پاڻ ٿڃ نہ پيئندا هئا. ڪڏهن ٻارن وانگر بي فائده راند روند ۾ وقت ضايع نہ ڪيائون. سندن والد شريف جو چوڻ آهي تہ پاڻ ڪڏهين بہ مون کان ننڍن ٻارن وانگر انگل ڪري کائڻ پيئڻ جي شين لاءِ ضد نہ ڪيائون، نہ وري پيسو پائي گهريائون.

تعليم

پاڻ اجا معصوم هئا ڳالهائڻ جهڙا مسين ٿيا تہ سندن تعليم مختصر نموني سان سندن شفيق والدين ڪئي. قرآن شريف پنهنجي والده ماجده رحمها الله تعالىٰ کان پڙهي پورو ڪيائون، جا عابده، زاهده، شب خيز، قرآن شريف جي شائق ۽ عامله هئي. بعد ۾ سندن والد ماجد رحمة الله عليه کين ڳوٺ ملان ابڙن، ضلع لاڙڪاڻہ تعلقہ ڏوڪري، ۾ قبلہ مولوي محمد عالم وٽ چڏي آيا. پاڻ والد شريف جي امر موجب نهايت خنده پيشاني ۽ ڪشاده دليءَ سان تعليم حاصل ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويا.

سندن کان نقل آهي تہ پاڻ فرمايائون تہ ”اسان کي طلب علم جو ايڏو شوق هوندو هو جو اسان سڄي سڄي رات بہ مطالعو ڪيو ۽ پڙهيو. جڏهن اسان مُلان ابڙن جي مدرسي ۾ پڙهندا هئاسين تہ هڪ پيري بابا اتان هي چئي موڪل وٺي آيو تہ مان اڪيلو آهيان هلي مون سان رونبي ڪرڻ ۾ مدد ڪراءِ. سانوڻ جي سخت اس ۾ ماڻهو رونبو ڪري ٿڪا ٽٽا گهر موٽن، اسان ڳهران ڪتاب کڻي ملان ابڙي مدرسي ڏي پڙهڻ ويندا هئاسين“.

(ملان اٻڙو مشوري شريف کان ٽن ميلن جي پنڌ تي آهي)
”اتي رات جو مطالعو ڪري سبق وٺي صبح جو سوير اچي بابا سائين کي رونبو ڪرائيندو هئس“.

جيئن تہ پاڻ نهايت ذهين حافظي جا قوي ۽ پڙهڻ ۾ يڪتا هئا تنهن ڪري ٿورڙي ئي عرصي ۾ سڄي فارسي پڙهي پوري ڪيائون. سندن والد ماجد حاجي محمد عثمان مشوري، حضرت قبلہ مرشد ڪريم قبلہ سيد امام الدين شاھ صاحب راشدي درگاھ ”ٽَلاھ شريف“ وارن جا مريد هئا. جيڪي صاحب ڪمال ۽ وقتِ غوث هئا.

سندن کان نقل آهي تہ ”جڏهن اسين ٻارنهن ورهين جا ٿياسين تہ بابا سائين عليہ الرحمة مون کي ٽلاھ شريف حضرت پير سائين قدس سره وٽ وٺي آيو. پير سائين جن ان وقت ڳوٺ کان ٻاهران باغ ۾ تشريف فرما هئا. اتي اسان قدمبوسي ڪئي سون. بابا سائين عرض ڪيو تہ قبلہ سائين، نينگر جوان ٿيو آهي، ديني علم پڙهائڻ جو ارادو آهي، سائين جن اجازت بہ ڏين ۽ دعا بہ فرمائين تہ هن کي مدرسي ۾ ڇڏي اچان. پاڻ مون ڏي نهاري فرمايائون تہ بابا! علم پڙهي پلي، پر خشڪ

ملان نہ ٿجانءِ. حضرت پير سائين جن جا اهي لفظ اڄ ڏينهن تائين ياد بينا آهن. پوءِ ان وقت تہ خشڪ ملان جو مطلب سمجهه ۾ نہ آيو. جڏهن ظاهري علم سان گڏ رب العالمين باطني علم بہ پنهنجي فضل ڪرم سان مَرحَمت فرمايو تہ سموري حقيقت کان واقف ٿياسون. حضور پُر نور صلي الله عليه و آله و سلم جي شان اقدس کي تور تڪ ڪرڻ وارا بہ ڏناسون تہ برابر حضرت پير سائين جن قدس سره جا لفظ سڳورا سچ نظر آيا“.

جڏهن سندن ڄمار ٻارنهن سالن کي پهتي تہ سنہ ١٣٢٧ هجري مطابق 1907 ع تي سندن والد محترم ان وقت جي مشهور ديني درسگاهہ ”دار الفيض“ سونہ جتوئي لڳ لاڙڪاڻي ۾ سندن کي عربي ۽ ديني علم حاصل ڪرڻ لاءِ داخل ڪرايو. اهو ڳوٺ ناري جي پيڪ تي ضلع لاڙڪاڻي ۾ آهي.ان وقت ۾ ”دار الفيض“ مدرسو سڄي سنڌ اندر مشهور ديني علم ۽ ”دار الافتاء“ شرعي ۽ عربي علوم جو زبردست مرڪز ۽ درسگاهہ هيون. سڄي سنڌ ۾ مراجع خلائق هيون. سونہ جتوئي ۾ ان وقت بہ سئو طالب العلم مسافر ملڪي غير ملڪي جهڙوڪ

ناڙي، بلوچستان، قلات، لاڙ، پنجاب، سنڌ، ايران، عربستان جا پڙهي رهيا هئا. جامع عربيہ دار الفيض جو مدرس ۽ ناظم اعلىٰ ۽ مهتمم بزرگ جناب قبلہ استاد الكل مفتي اعظم علامہ حضرت غلام عمر جتوئي صاحب رفع الله تعالىٰ مقامه في اعلىٰ عليين هئا.

مختصر حالات حضرت با برکت فريد الدهر وحيد العصر مولانا ”ابو الفيض غلام عمر“ رحمة الله عليه

حضرت استاد الکل قدوة اهل العلم والفضل جو اسم گرامي ”غلام عمر“ قدس الله تعالیٰ سره العزيز ۽ سندن والد معظم جو نالو محمد صادق، شهر سونو جتوئي تعلقي ضلع لاڙڪاڻي جا هئا.

سندن جي ولادت اغلباً سن ١٢٣٣ هجري جي لڳ ڀڳ ٿي ۽ سندن جي عمر تقريبا هڪ سئو ويهه ورهين کي پهتي، پاڻ ذوالحج مهيني ٢٩ تاريخ سن ١٣٥٣ هجري ۾ وفات فرمايائون.

ابتدائي جواني جي وقت کين طلب علم جو شوق پيدا ٿيو ۽ گهر وطن ڇڏي علم جي طلب ۾ سفر اختيار ڪرڻ فرمايائون. انهيءَ شوق جو محرڪ سندن خاندان جو هڪ بزرگ نالي محمد عثمان رحمة الله تعالیٰ هو.

محمد عثمان رحمة الله تعالیٰ پيرزادن جو مريد ۽ فيضيافتہ ۽ ڪامل صاحب مڪاشفہ ۽ ولايت جو هو. ان ڪي مراقبہ ۾ حضور اڪرم صلي الله عليه و آله و سلم جن ڪان حضرت غلام عمر قدس سره جي لاءِ ارشاد ٿيو تہ ”چئوس تہ طلب علم جي ڪن“. انهيءَ ارشاد ڪان پوءِ ان بزرگ محمد عثمان رحمة الله تعالیٰ ان تي عمل ڪيو، ۽ مولانا غلام عمر قدس سره الاقدس ڪي ڳولڻ شروع ڪيائين، ڳوليندي ڳوليندي نيٺ وڃي ناري واهہ جي موري تي هڪ باغ ۾ ڪم ڪندي هٿ ڪيائين. اتي هن درويش مولانا غلام عمر صاحب ڪي ويهاري مذڪور بالا ڳالهہ اهڙي تہ سني انداز ۾ ٻڌائي جو مولانا غلام عمر صاحب رحمة الله عليه جن سڀ ڪم ڪار اُتِ ۾ ڇڏي جلد ئي ديني تعليم پرائڻ لاءِ تيار ٿي ويا. ايتري قدر جو سڀ ڪجهہ اتي باغ ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيائون ۽ اتان ئي تعليمي سفر تي روانا ٿي ويا.

مولانا غلام عمر صاحب رحمة الله عليه جن ڳوٺان نڪري پنڌ ڪندي رات وڃي پير واري ڳوٺ ماهي پٽن ۾ ترسيا. اتان هن نئين طالب العلم جي حيثيت سان توڪل جو ترهو ٻڌي بي سرو ساماني جي حالت ۾ علم جي تلاش جو سفر جاري ڪيائون. سڄو ڏينهن پنڌ ڪيائون تان جو شام جو

وجي ٻُٽ سرائين ۾ پهتا. جتي پاڻ رات وجي درگاهه حضرت پير سائين پنهل شاهه راشدي رحمة الله تعالىٰ ۾ گذاريائون.

ان رات پير سائين جن کي ارشاد ٿيو ته اڄ رات وٽس اهڙو شخص اچي مهمان ٿيو آهي جيڪو علم دين جي حاصل ڪرڻ لاءِ گهران نڪتو آهي، تنهن کي علم پڙهڻ لاءِ ”رهڙي شريف“ جو ڏس ڏيڻ گهرجي. حڪم موجب حضرت غلام عمر صاحب کي رهڙي شريف جو ڏس ڏنو ويو. اتي مولانا ”محمد صالح مهيسر“ صاحب جن پڙهائيندا هئا. اتي پاڻ سموري فارسي تعليم پوري ڪيائون. تنهن کان پوءِ ملڪ ۾ سخت ڏڪر اچي پيو. ڪجهه طالب العلم پڙهڻ ڇڏي ويا ته پوءِ مولانا محمد صالح مهيسر جن حضرت غلام عمر سائين جن کي ٻئي هنڌ پڙهڻ لاءِ اجازت ڏني. تنهنڪري پاڻ مولانا رهڙوي صاحب جي صلاح ۽ مشوري سان عربي علم پڙهڻ لاءِ ”ڪاٺ پاٽ“ جي طرف روانا ٿيا.

پاڻ پنهنجي ڳوٺ به نه ويا ۽ نه ئي وري ڳوٺ ڏي پنهنجو حال احوال يا ڏس پتو ئي موڪليائون. استاد مولانا محمد صالح مهيسر رهڙي شريف کان خير سان موڪلائي سڌو ”پاٽ شريف“ ۾ آيا.

سندن مائٽن مان هڪ عورت سان سندن جو نڪاح پيل هو. مائٽن علامہ غلام عمر رحمة اللّٰه عليه سائين جي ڳولا ڪندي اچي مدرسي ۾ پڙهندي ڏٺائون، شاديءَ لاءِ چيائونس. پاڻ فرمايائون تہ جيستائين علم پورو نہ ڪندس تيستائين شادي نہ ڪندس. انهي عورت کي طلاق ڏئي ڇڏيائون ۽ چيائون تہ پلي ٻئي هنڌ پرڻائي ڇڏيو.

”پاٽ شريف“ ۾ مخدوم حضرت ”حاجي حسن اللّٰه“ صاحب عربي تعليم ڏيندا هئا ۽ پاڻ حضرت مولانا ”غلام صديق“ ۽ مولانا ”گل محمد“ صاحب شهداد ڪوٽي جن وٽان عربي علم حاصل ڪيو هيائون. پوءِ دستار بندي ڪري ستت ئي پنهنجي ڳوٺ پاٽ شريف ۾ مدرسو کوليائون. مدرسي جي هاڪ ٻڌي جلد ئي وٽس اچي مولانا غلام عمر رحمة اللّٰه عليه جن بہ پڙهڻ لڳا.

طالب علمي جي وقت ۾ حضرت غلام عمر صاحب پنهنجي استاد جي ڏاڍي خدمت چاڪري ڪندا هئا. ايتري قدر جو سندن گهر جو پاڻي بہ ڀريندا هئا. رات جو جهنگ مان ڪانيون ڪري، ڪارين ڪانين جي ڪل لاهي اچو ڪندا هئا تہ جيئن اندرين جا هٿ ڪارا نہ ٿين. رات جو دروازي مبارڪ

تي ڪانئيون رکي ڇڏيندا هئا تہ جيئن کنهن کي خبر نہ پوي تہ کنهن ڪانئيون آنديون هيون. جڏهين استاد کي اها خبر پئي تہ ڏاڍو راضي ٿيا ۽ سندن کي ڏاڍيون دعائون ڪيائون.

جڏهين حضرت غلام عمر سائين علم جي تڪميل ڪري ۽ دستار بندي ڪئي تہ پوءِ وري "رهڙي شريف" ۾ آيا. اتي پنهنجي استاد محمد صالح وٽ ٻارنهن مهينا ڪن ترسيا. اتي پنهنجي استاد جي خدمت ڪرڻ جي خيال سان طالب علمن کي ويهي درس ڏنو. اهڙي طرح حضرت مولانا محمد صالح جي دل بہ خوش ڪيائون ۽ سندن دعائون حاصل ڪيائون. ٻارنهن مهينا خدمت ڪري سندن کان ڳوٺ وڃڻ جي موڪل گهري تہ مهيسر صاحب رحمة الله عليه نہ رڳو خوشيءَ سان موڪل ڏني پر ڪيس دعا بہ ڪئي ۽ پنهنجا ٻہ شاگرد بہ ساڻس گڏ موڪليائين. کين ديني مدرسي کولڻ جي پارت بہ ڪيائون ۽ دعا بہ ڪيائونس تہ جتي بہ مدرسو کوليندين اتي رب پاڪ جي فضل و ڪرم سان گل گلزار لڳي ويندو.

سندن استاد جناب حضرت مخدوم حسن الله عليه الرحمة سائين مدرسي جو بنياد وجهڻ لاءِ سونہ جتوئي آيا. اتي شهر جي چڱي مڙس ڪان سندس ڏيڍُ جو سگ وني حضرت

غلام عمر سائين رحمة اللّٰه عليه کي شادي ڪرايائون ۽ مدرسي جو بنياد وجهي دعا ڪري ويا. جلد ئي مدرسي جي شهرت ملڪ جي ڪند ڪڙڇ تائين پهچي وئي.

ناظم اعلیٰ حضرت قبله ابو الفيض غلام عمر صاحب جتوئي قدس سره الاقدس سونه جتوئي وارن جي هيٺان سندن مدرسي ۾ چار مدرسه پيا به هئا. حضرت قبله مشوري سائين اتي ڏاڍو ذوق شوق سان تعليم حاصل ڪرڻ لڳا. پاڻ فرمايائون ته ”جيتري قدر شفقت اسان کي حضرت استاد سائين کان ملي اوتري والدين کان به نه ملي. پيءُ ماءُ وسرايو ته حضرت استاد سائين جن وسرايو“.

سندن کان منقول آهي ته ”انهيءَ وقتن ۾ اَنُ گهٽ پيدا ٿيندو هو، شهر مان فقر ونڻ ويندا هئاسين. رات جو ماني زياده ٿيندي هئي ۽ ڏينهن جو گهٽ هوندي هئي. انهي ڪري رات واري ماني کي ننديا ٽڪر ڪري رکي ڇڏيندا هئاسين. صبح تائين سڪي ويندا هئا. پوءِ صبح جو انهن کي پاڻي ۾ پسائي کائيندا هئاسين. انهن کي اسان ريوڙيون سڏيندا هئاسين“.

پاڻ فرمايائون تہ ”شهر ۾ فقر ونڻ ويندا هئاسين تہ اسان کي شهر جا ماڻهون معشوق کري سڏيندا هيا. استاد سائين کي عرض ڪيم تہ سائين! مان شهر ۾ فقر ونڻ ڪونہ ويندس، مون کي شهر جا ماڻهون معشوق ٿا سڏن. استاد سائين فرمايو تہ تون زوراور آهين، تون سڀي جهان جو معشوق ٿيندين، تون مخدوم ٿيندين“.

هڪڙي ڀيري سندن والد صاحب استاد سائين وٽ سندن کي ملڻ آيو. حضرت استاد سائين انهيءَ کي فرمايو تہ اي حاجي محمد عثمان! تون ايئن نہ سمجهجانءِ تہ هي تنهنجو پٽ آهي. انهيءَ ۾ اڌ تنهنجو آهي تہ اڌ اسان جو آهي. سندن کان منقول آهي تہ ”اسان کي پنهنجي ڳوٺ ۾ سخت بخار ٿيو. فرحت نہ پئي ٿئي. محمد چٽل پيرزادي کي انهي مهل سونہ جتوئي حضرت استاد سائين ڏي دعا گهرائڻ لاءِ موڪليوسون. محمد چٽل جڏهن سونہ جتوئي پهتو تہ پاڻ ان وقت وضو ساري رهيا هيا. محمد چٽل اسان جي لاءِ عرض ڪيو تہ پاڻ ڏاڍا بي خوش آهن، سخت بخار اٿن. پاڻ انهيءَ مهل ٻئي هٿ کڻي دعا گهريائون تہ اي منهنجا مولا! هي محمد قاسم مشوري نہ آهي، هي منهنجو پٽ فيض الله آهي، هن کي خوش ڪر. سندن دعا سان بخار ڇڏي ويو، فرحت ٿي.

استاد سائين مستجاب الدعوات هوندا هئا. جيڪا بہ دعا گهرندا هئا تہ ائين ٿي پوندو هو. ٻئي ڏينهن وجي استاد سائين جي قدم بوسي ڪئي سين. پاڻ اسان کي خوش ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا. پاڻ جيتريون دعائون اسان کي ڪيائون ايتريون شايد پنهنجي صاحبزادن لاءِ بہ ڪونہ ڪيون هونديون". استاد سائين جي زبان سيفي زبان هوندي هئي، جو جيئن چوندا هيا ايئن ٿي پوندو هيو، "انهي وقت جا حاڪم بہ سندن کان ڊڄندا هئا. شريعت جا سخت پابند هوندا هئا. ڪنهن کي بہ ڪو شريعت جي برخلاف ڪم ڪندي ڏسندا هئا تہ سخت جلال ۾ ايندا هئا. ان غير شرعي ڪم کان سختي سان جهليندا هئا".

سنہ ١٣٣٧ هجري جي آخر ۾ محبوب سنڌ قبلہ مشوري سائين جن جامعہ عربية دار الفيض سونہ جتوئي ۾ فتوىٰ نويسي ۽ هينئين ڪتابن جي تدريس تي مقرر ٿيا. وسيع ڪتبخانہ جي تنظيم ۽ سنڀال بہ سندن جي حوالي ٿي. ساري سنڌ ۾ پير سائين جهنڊي وارن جي ڪتبخانہ کان پوءِ ٻهريون نمبر ڪتبخانہ حضرت قبلہ ابو الفيض غلام عمر سائين قدس سره الاقدس جو هيو.

حضرت قبلہ مشوري سائين جن طالب علمي جي وقت پهرئين تصنيف علم ورثہ بابت مختصر رسالہ مگر جامع نالي ”معلم الفرائض“ لکي تيار ڪيائون، جو ساري سنڌ اندر عالمن وٽ ۽ خاص عام ماڻهن ۾ بہ مقبول آهي. پاڻ ڪي استاد سائين جي ڪتبخانہ جو ايترو تہ وسيع مطالعو هيو جو فرمائيندا هيا تہ ”اسان رات جي انڌاري ۾ بنا روشني جي جيڪو بہ ڪتاب استاد سائين رات جو گهرندا هئا تہ ڪڍي ايندا هئاسين. استاد سائين ڪي ڪتب بيني جو ڏاڍو شوق هوندو هيو. پاڻ پڇاڙي واري حياتي ۾ بہ نوان ڪتاب گهرائيندا هئا. پڇاڙي وارن وقتن ۾ تفسير ”اڪليل“ گهرايائون. هيٺائي جي ڪري پاڻ پڙهڻ جهڙا نہ هوندا هئا، تنهن ڪري مونکي چوندا هئا تہ اهو تفسير تون پڙهہ تہ اسان ٻڌون، اسان ڪي فتوىٰ شامي جا جلد وني ڏنائون ۽ فرمايائون تہ هن ڪي گهر ڪڻي وڃ ۽ وڃي چڱي طرح سان مطالع ڪر. ڪتاب جي قيمت سٺ روپيہ آهي اها پوءِ ڏجانءِ. هڪڙي ڏينهن استاد سائين جو ماڻهون آيو تہ سٺ روپيہ بہ ڪڻي اچ ۽ هٿ ڪجهہ تحريرات جو ڪم بہ ڪرڻو آهي، صبح سان پهچي وڃ. اسان تارڪ دنيا هئاسين، پائي پيسو ڪو بہ گڏ ڪيل ڪو نہ هئو. انتظار ٿيو تہ استاد سائين جو حڪم بہ ضرور مڃڻو آهي، پئسا ڪٿي وڃڻا آهن. صبح جي وقت هڪڙو شخص وهڙو ڪاهي اچي مسجد

شريف جي در تي بينو چيائين تہ ھي وھڙو مدرسي ۾ خيرات ڏيڻ لاءِ آندو اٿم، قبول پوي. ايتري ۾ يار محمد مشوري آيو پڇيائين تہ ھي وھڙو ڪنھن جو آھي؟ اسان چيو تہ اسان جو آھي. چيائين تہ وڪڻندؤ؟ اسان چيو تہ ھائو. چيائين قيمت ڪيوس. چيوسين تہ ڪتاب ھجن تہ اسان قيمت ڪيون، مال جي اسان کي ڪھڙي خبر، تون قيمت ڪر. چيائين سٺ روپيہ ڏيندوسانوَ. چيوسون تہ قيمت ڏادي پوري ڪئي اٿئي. اسان کي ڪپن بہ سٺ روپيہ پيا، وھڙو ڪاھي گھر ويو ۽ سٺ روپيہ آڻي ڏنائين. انھي وقت ئي پيسا ڪڍي استاد سائين ڏي وياسين“.

پاڻ جڏھن مدرسي ويندا ھئا تہ پيادل ويندا ھئا. ڪڏھن سواري تي نہ چڙھيا. پيرين پنڌ ويندا ھئا. پنڌ جا چوھا ھوندا ھئا. ھلندا پوري ساري وک سان ھئا، ساڻن گڏ ھلندڙ ماڻھون سندن کي پھچي نہ سگھندا ھئا. حضرت استاد غلام عمر سائين جڏھن بہ ڪا تحرير ڪندا ھئا تہ حضرت قبلہ مشوري سائين کي تحرير ڪيڻ ۾ گڏ ويھاريندا ھئا. جي پاڻ نہ ھوندا ھئا تہ تحرير واري کي ويھاري ڇڏيندا ھئا. جيستائين پاڻ اچن يا مولوي نور محمد منگلي کي موڪليندا ھئا تہ مشوري صاحب کي وني اچ. ھڪ دفعي تحرير ڪرائڻ ھڪڙو شخص آيو. انھي وقت حضرت قبلہ مشوري سائين ڳوٺ ويل ھئا.

استاد سائين تحرير ڪرائيندڙ ماڻهون کي چيو ته اسان جي گهوڙي ڪاهي وڃ ۽ مولانا محمد قاسم مشوري کي گهوڙي تي سوار ڪري وٺي آءُ. اهو گهوڙي ڪاهي سائين جي ڳوٺ آيو ۽ اچي استاد سائين جو حڪم ٻڌايو. پاڻ فرمايائون ته استاد سائين جي گهوڙي تي مان ڪيئن چڙهندس؟ گهوڙي کي ڏور واڳ ڪري پيرين پنڌ استاد سائين جي ڳوٺ ويا. گهوڙي تي نه چڙهيا. پاڻ فرمايائون ته ”اسانجي استاد سائين کي پنهنجي استاد جي دعا هئي. جڏهن به ڪو مسئلو پڇندا هئاسين ته پاڻ فرمائيندا هئا ته فلاڻي ڪتاب جي فلاڻي صفحه تي اهو مسئلو لکيل آهي. ڪتاب کولي ڏسندا هئاسون ته جيئن فرمائيندا هئا ايئن لکيل هوندو هيو“.

پڙهائي وقت جيڪڏهن سندن تقرير ڪرڻ سان ڪو مسئلو سمجهه ۾ نه ايندو هيو ته عرض ڪندا هئاسين ته اسان کي مسئلو سمجهه ۾ نه آيو آهي. پاڻ فرمائيندا هئا ته مسئلو سؤلو آهي، وري وجي ڏسو ته سمجهه ۾ اچي ويندو. وري جو ڪتاب ۾ مسئلہ کي ڏسندا هئاسين ته سندن لفظن مبارڪن جي برڪت سان جهٽ مسئلہ سمجهه ۾ اچي ويندو هيو.

حضرت قبلہ مشورين واري سائين جا اڪر تمام سهڻا هوندا هئا. پاڻ ڪنز شريف جو هڪڙو ګم ٿيل صفحو هٿن

سان لکيو اٿن جو پريس وارن کان سھڻو بيٺو آھي. ڪتاب ڪتبخاني ۾ اڄ بہ موجود آھي.

حضرت قبلہ مشورين وارا پڙهڻ وارن ڏينهن ۾ پنھنجي استاد سان سفر حضر ۾ گڏ ھوندا ھئا، جو استاد گهڻو ڪونہ لکندا ھئا. پاڻ رڳو پنھنجي صحيح ۽ مهر هڻي ڏيندا هئا. جيڏانهن بہ استاد سائين ڪين علمائن جي مقابلہ ۾ مناظره لاءِ موڪليندا هئا تہ فتح ڪري ايندا هئا. هڪڙي ڀيري بنگل ديره ۾ استاد سائين غلام عمر رحمة الله عليه صاحب جن جي تحرير تي ڪن علمائن اختلاف ۽ اعتراض ڪيو. جنهن تي حضرت استاد سائين، حضرت قبلہ مشوري سائين کي هن مسئلہ جي تصفيہ لاءِ موڪليو. اتي ملتان شريف جو پير بہ آيل هيو، جو خود بہ وڏو عالم هيو. ٻنهي ڌرين جا دلائل ٻڌا. قبلہ مشوري سائين اهڙا تہ قوي دليل ڏنا جو پير صاحب ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ مخالف ڌر چپ ٿي وئي.

هڪڙي شخص حضرت قبلہ غلام عمر سائين کي خوشطبعي طور چيو تہ اوهان جي شاگرد کي تہ ٻي ڌر چپ ڪرائي ڇڏي. تنهن تي استاد سائين وڏي جوش ۾ اچي فرمايو تہ ”ها! هي جو مون هن جي پنيان صلوات شريف موڪلي

هئي، سا ڪاڏي وئي“. پوءِ انهي شخص سچي ڳالهه ڪري ٻڌاين تہ پاڻ مخالف ڌر ڪي چپ ڪرائي ڇڏيائون. استاد سڳورن جي مٿن ايڏي تہ شفقت هوندي هئي جو فرمائيندا هئا تہ اي مشوري تون مخدوم ٿيندين.

جڏهن مدرسة دارالفيض مان فارغ تحصيل ٿي ڳوٺ اچن پيا تہ استاد سڳورن وصيت فرماين تہ ”ابا! زميندارن ۽ وڏيرن ڏي نہ وڃجانءِ، باقي جي ڪلر ۾ ويهندين تہ باغ ٿي پوندو“. حضرت قبلہ مشورين واري سائين جن جي لکيل هڪ تحرير چشمہ وارن بزرگن وٽ پهتي جا تمام قابليت سان لکيل هئي. بزرگ تحرير ڏسي حيران ٿي ويو ۽ پنهنجن ٻن پٽن کي موڪليائين تہ وڃي ان عالم سڳوري جي زيارت ڪري اچو. اها تحرير ”فتوىٰ المشوري“ ۾ موجود آهي. حضرت قبلہ مشوري سائين ڪنهن ڪم لاءِ شمس العلماء عمر بن محمد دائود پوٽو (جو ڪنهن وقت تعليم کاتي جي مٿان ڊي پي آءِ هيو) ڏي عربي ۾ خط لکيائون، جو خط جي قابليت ڏسي حيران ٿي ويو. ڪن لفظن جي معنىٰ ڏسڻ لاءِ لغت جا ڪتاب ڏسڻا پيس.

حضرت قبلہ مشوري سائين
جن جي علم جي دستار بندي

سنہ ١٣٣٩ هجري مطابق سنہ 1920 ع ۾ مروج نصاب سيال ڪوٽي ڪان فارغ تحصيل ٿيا. ڳوٺ سونہ جتوئي ۾ استاد بحر الفيض ابو الفيض غلام عمر سائين رحمة الله تعالیٰ عليه جن پنهنجي هٿن مبارڪن سان اسان جي محبوبن ڪي مٿي مبارڪ تي تڪميل علم جي دستار شريف ٻڌرائي. دستار بندي جي رسم ادا ڪرڻ لاءِ بزرگ ڪامل حضرت قبلہ غلام محمد صاحب مهيسر رحمة الله عليه ڳوٺ ڪمال ديرو ضلع خيرپور رياست وارا مدعو ٿيل هئا. جنهن پنهنجي هٿن مبارڪن سان دستار بندي جا پيچ ورايا هئا. جنهن لاءِ اسان جا سائين فرمائيندا هئا تہ مولانا حضرت غلام محمد صاحب وڏن استادن حضرت خواجہ مولانا غلام صديق صاحب شهدادڪوٽي رحمة الله عليه جا شاگرد رشيد هئاۂ بلڪ سندن جو سر مبارڪ هئا.

دستار بندي ڪرڻ بعد ٻه پنهنجي شفيق استاد جي حضور ۾ هڪ سال رهي وري تدريس ۽ فتویٰ نويسي ۾ مشغول ٿيا. مدرسي مان موڪلائڻ وقت حضرت استاد سائين فرمايو ته اسان جي وفات ڪان پوءِ اسان جي مزار شريف تي اچو ته هي چار لفظ پڙهي ويهندؤ ته اسان توهان سان ٻاهر نڪري ملنداسين. ”استاد سائين جي وفات ڪان پوءِ هڪڙي جماڻي تي طبيعت خوش نه هجڻ ڪري زيارت لاءِ مدرسي ڪو نه وياسين. جمعي جي رات خواب ۾ ڏٺوسين ته استاد سائين جي مزار تي ويا آهيون ٻاڻ ٻاهر وينل ڏسڻ ۾ آيا ۽ فرمائن پيا ته طالب الائي ته چا ٿا سمجهن، اسان ته سندن ملڻ لاءِ ٻاڪر جهليو بيٺا آهيون“.

مدرسہ قاسم العلوم مشوري شريف جو سنگ بنياد

پاڻ پنهنجي استاد غلام عمر قدس سره الاقدس جي اجازت سان پنهنجي ڳوٺ صاحب خان مشوري المعروف بہ مشوري شريف ۾ سنہ ١٣٤٠ مطابق 1921ع ۾ حضرت استاد سائين کان مدرسي جو سنگ بنياد رکائي، ديني تعليم شروع ڪري ڏنائون. استاد سڳورن وصيت فرمائين تہ ”ابا! زميندارن ۽ وڏيرن ڏي نہ وڃجانءِ باقي ڪلر ۾ ويهندين تہ باغ ٿي پوندو“.

مدرسي کولڻ کان اڳ ڪن دولتمندن وڏيرن سندن والد ماجد حاجي محمد عثمان کي چيو تہ مولانا موصوف اسان وٽ اچي مدرسو کولي تہ بهتر. اها ڳالهہ جڏهن سندن استاد شفيق ٻڌي تہ تڏهن فرمايائون تہ ”توهان ڪنهن اهل دنيا جي اوطاق تي نہ وڃجو. اتي پنهنجي ڳوٺ توڪل بر خدا ڪري ويهي وڃي دين جي خدمت سان مشغول رهو تہ اتي ڪلر مان ڦري باغ ٿي پوندو. اهل دنيا جا ازخود اچي توهانجي در تي گوڏا کوڙيندا“. دنيا ڏٺو تہ صدر، وزير، امير، پاڪستان جا فوجي آفيسر سندن دروازي پاڪ تي دعا لاءِ متلجي ٿيا.

پاڻ استاد سڳورن جي امر مطابق پنهنجي ڳوٺ مشوري شريف ۾ محض توڪل عليٰ الله تي مدرسو کوليائون. سندن مدرسي جي لاءِ نه ڪو چندو ڪيو ويو ۽ نڪي پاڻ چندي اوڳاڙڻ لاءِ ڪو سفير ئي موڪليائون. حڪومت جي طرفان مدرسن کي گرانٽ ڏين پيا، سندن مدرسي لاءِ هڪڙو آفيسر آيو ۽ چيائين ته توهان پنهنجي مدرسي لاءِ به گرانٽ وٺو. پاڻ فرمايائون ته ”اسان کي گرانٽ ملندي آهي، حڪومت جي گرانٽ جي اسان کي ضرورت نه آهي“. پاڻ فرمايائون ته ”جي اسان حڪومت جي طرفان گرانٽ وٺون ها ته الله سائين جل جلاله جي طرفان توڪل ڪري ملندڙ مدد بند ٿي وڃي ها“.

الله سائين جل شانه تي توڪل ڪري پنهنجي ڳوٺ ۾ درس تدريس ڏيڻ ۾ مشغول ٿيا. زمين جا ڪجھ ٽڪرا پنهنجا هئا، ڪي ٽڪرا هارپي تي وٺي آباد ڪندا هئا. طالبن لاءِ فقر به پورو سارو هيو. پاڻ فرمايائون ته ”اسان پنهنجي ماني جو اڌ ڪائيندا هئاسون ۽ اڌ طالبن کي کارائيندا هئاسين“. طالب علم ڳوٺائي خواه گرد نواح، خواه دور دراز ملڪن جا اچي تعليم حاصل ڪرڻ ۽ فيض پرائڻ لڳا. سَوَن جي تعداد ۾ وڏا ننڍا

شاگرد مسافر پڙهڻ لڳا. گهٽ ۾ گهٽ ٽي سؤ شاگرد طلب علم جي ڪندا رهيا.

”ڳوٺ جي چڱي مڙس مدرسي جي مخالفت ڪئي ته طالب علم لڙ تا ڪن، مسجد ۾ ڏمچر مچايون وينا آهن. مسجد شريف جي پاڙي وارن به مخالفت شروع ڪري ڏني. تان ته مسجد شريف کان ٻاهر اندر اچڻ وڃڻ واريون گهٽيون به بند ڪري ڇڏيائون. طالبن کي مسجد شريف مان ٻاهر نڪرڻ ۽ ٿلهي سنهي ڪرڻ لاءِ رستو به بند ٿي ويو. اسان پنهنجي گهر مان اندران پردو ڪري طالبن کي ڇڏيندا هئاسين ته جيئن ٻاهران ٿي اچن. ڪجهه اها تڪليف هلي. پوءِ شهر وارا پاڻ ۾ ڦٽي پيا. انهن مان ڪن اسان کي چيو ته فلاڻن توهان جي مسجد شريف جا رستا بند ڪيا اٿن توهان هلي حڪومت ۾ فرياد ڪيو“. پاڻ فرمايائون ته ”اسان جنهن جي در تي وينا آهيون اسان جي فرياد انهيءَ کي آهي. اسان کي وڏيرن ۽ حڪومت وارن ڏي وڃڻ جي ضرورت نه آهي“. پوءِ ڳوٺ وارن پاڻ هڪ ٻئي تي مختيارڪار وٽ فرياد ڪئي. مختارڪار ٻئي ڌرين کي سر زمين ڏسڻ لاءِ چيو. جن گهٽيون بند ڪيون هيون، انهن صبح ٿيڻ کان اڳ ئي گهٽيون صاف ڪري کولي ڇڏيون. وري ڪڏهن به بند نه ڪيائون. قدرت جو شان جن به

مسجد شريف جون گهٽيون بند ڪيون هيون اهي سڀ آهستي آهستي لڏي ويا. هاڻي سيني جا گهر مسجد شريف ۾ اچي ويا آهن.

ربنواز صوبيدار جي دشمني

نائچ جي شهر ۾ سنگها ۽ سک وڏي طاقت وارا زميندار هئا. پنهنجي هارين سان سنو نہ هلندا هئا. انهي کري مسلمانن جي انهن سان اڻ بڻت تي پئي. هڪڙي رات کن غيرت وارن انهن سنگن کي ماري ڇڏيو. انگريزن جي حکومت سخت هئي. هڪڙي صوبيدار نالي ربنواز دشمني ۽ ساڙ سبب خون جي اسان تي پيک ڏني. رپورٽ لکي تہ مشوري صاحب خون کرائي تو. انهيءَ جي جماعت سنگهن کي ماريو آهي. سخت مخالفت جي لفظن سان هن رپورٽ تيار کئي. ٻئي ڏينهن تي هن کي کيس داخل کرٽو هيو. اسان جي تہ رب کريم کان سواءِ کا واھ کا نہ هئي. رات جو دعا گهري سين تہ دشمن جي شر کان امن نصيب ٿئي.

او درين خيال کہ بہ ما چہ کند، ما درين خيال کہ خدا چہ کند

”دشمن انهي خيال ۾ آهن تہ هو اسان سان چا کن اسان انهي خيال ۾ آهيون تہ الله سائين چا تو کري“.

مٿان حڪومت مان راتو رات تار آئي ته ربنواز صوبيدار کي نوڪري مان خارج ڪيو ٿو وڃي ۽ جيل ۾ وجهوس. اهي رپورٽ وارا ڪاغذ ائين اتي ئي پيا هئا ته وڃي ڪراچي جيل ۾ پيو ۽ اتي ئي جيل ۾ مري ويو.

حضرت حافظ امام بخش رحمة الله عليه سومرو، جن جي ولادت با سعادت ١٢ ربيع الاول سنه ١٣١٥ هجري مطابق 11 آگسٽ 1867ع سومر جي رات ٿي. سندن وفات ١٥ جمادي الثاني سنه ١٣٨٨ هجري مطابق 9 سيپٽمبر سنه 1968ع ۾ ٿي. ان وقت سندن عمر ٧٣ ورهيه هئي.

هي صاحب حضرت غلام عمر صاحب وٽ ديني معلومات حاصل ڪرڻ ۽ مسئلن سمجهڻ لاءِ گهڻو ويندا هئا.

هڪڙي پيري استاد سائين غلام عمر صاحب، حضرت حافظ امام بخش رحمة الله عليه کي فرمايو ته جيڪو به مسئلو پڇڻو اٿو ته اهو مولانا محمد قاسم مشوري (رحمة الله عليه) کان پڇندا ڪيو جو اسان پنهنجي شاگرد کي علمي لحاظ کان بلڪل تيار ڪري ڇڏيو آهي، اسان جو سر سمجهوس. انهيءَ کان پوءِ حضرت حافظ امام بخش رحمة

الله عليه حضرت قبلہ مشوري سائين ڏي صحبت ڪرڻ لاءِ گهڻو ايندا ويندا هئا. پاڻ ۾ گهڻي محبت پيدا ٿي پيئي. اهو ئي سبب هيو جو حضرت قبلہ مشوري سائين جن پنهنجو فرزند ارجمند حضرت ”محمد“ عرف نالي منا سائين حفظ ڪرڻ لاءِ حضرت امام بخش رحمة الله عليه ڏي موڪليائون. جتان هو صاحب حفظ جي دستار بندي ڪري آيا.

ڪن وقتن ۾ حضرت قبلہ مشوري سائين ٻوڏ جي ڪري پنهنجي مرشد ڪريمن حضرت پير سائين جن جي ڳوٺ نلاھ شريف لڏي ويا هيا. جڏهن پاڻي سڪو تہ موٽڻ جو ارادو ڪيائون تہ حضرت پير سائين جن فرمايو تہ اسان ڏھ جريب مدرسي لاءِ وقف ٿا ڪيون توهان هت اسان وٽ پڙهايو. پاڻ مرشدن ڪريمن کي عرض ڪيائون تہ قبلہ سائين! هي باطني فيض جي مهرباني اوهان جي آهي، باقي ظاهري علم حضرت استاد سائين جو ڏنل آهي ان لاءِ استاد سائين کي عرض ڪبو پوءِ جيئن انهن فرمايو ائين ڪبو. پوءِ پاڻ جڏهن استاد سڳورن ڏي ويا ۽ اها حقيقت بيان ڪيائون. پاڻ استادن سڳورن زبان سيف الرحمان سان فرمايو تہ ابا! تون وڃي پنهنجي ڳوٺ ويهہ، تنهنجو ڳوٺ هڪڙي ڏينهن مدينہ منور ٿيندو. اهو منظر اکين سان ڏٺوسين ۽ ڏسندا رهون ٿا جو

ساري دنيا جي خلق پئي ٿي زيارت لاءِ اچي. جو نہ رڳو سنڌ ۾ پاڪستان بلڪ پنجاب، بلوچستان، مڪران، ايران، عراق، عربستان سيني ملڪن مان ايندڙ جماعت پتنگن وانگر سندن جي جمال با ڪمال تي عاشق ۾ سيني جا سينہ سندن جي توجه سان معمور ۾ منور لڳا پيا آهن. جنهن سان سندن جو ڪٽي ذڪر ڪوليو تہ ائين پيو معلوم ٿئي تہ گوياڪ هن سان ئي ساري مهرباني ٿيل آهي.

هر کجا چشمهء بود شيرين ، مردم و مرغ مور گرد آيند

ڪتبخاني ۾ درس تدريس

حضرت قبله مشورين وارا سائين صبح کان وٺي شام تائين طالبن کي پڙهائيندا هئا. پاڻ فرمائيندا هئا ته طالب علم جيڪڏهن اڌ رات تائين مطالعو ڪندا هئا ته اسان اسر تائين وينا هوندا هئاسون. ٿوري عرصي ۾ ئي ڪافي طالب علم سنڌ بلوچستان جا فارغ تحصيل ٿي تڪميل علم جي ڪري دستار فضيلت جي ٻڌي پنهنجي ملڪن ۾ مدرسا کوليائون.

سندن دار العلوم اهل سنت والجماعت جي عظيم جامعات مان آهي. علم تفسير، حديث، فقه، فتوىٰ ۾ ماهر هيا. پر ميراث جي علم ۾ خاص مقام حاصل هين. پاڻ سائين ايڏي ته عظمت جا جامع هئا جو طبقه علماء ڪرام ۾ ممتاز فضلاء ۾ شمار ڪيا ويندا هيا. خاص ڪري فقه ۽ ميراث جي علم ۾ پاڻ امام مڃيا ويندا هيا. سندن جو فقه ۾ علمي مقام ايترو ته بلند هيو جو سندن همعصر جيد علماء ڪرام به سندن وٽ فقهي مسئلن لاءِ خدمت ۾ حاضر ٿيندا هيا. ملڪ جا وڏا

وڏا جج صاحبان ۽ وڪلاء مشڪل ترين فيصلن لاءِ سائين جن
ڪان مشورو وٺڻ لاءِ خدمت ۾ حاضر ٿيندا هيا. هفتي ۾ هر
خميس جو ڏينهن مسئلن ڪڍڻ، ۽ فتوىٰ نويسي ۽ فيصلن لاءِ
مقرر هيو. پاڻ اڪثر ڪري تحريرون سنڌي زبان ۾ عوام جي
سمجهڻ خاطر لکندا هيا. ڪڏهن ڪڏهن سائلن جي مختلف
ٻولين جي ڪري فارسي ۽ اردو ۽ عربي زبان ۾ بہ لکندا هيا.
اهي سيئي تحريرون سندن ”فتوىٰ المشوري“ ۾ موجود آهن.
هرهڪ فن جي تحرير لکڻ ۾ لامثال ۽ لاثاني هوندا هئا.

حضرت مشوري سائين جن کي هڪ تمام سٺو
ڪتبخانو آهي. ڇو تہ پاڻ فقہ، مفتي ۽ محدث هيا ان لاءِ سندن
کي ڪتابن جي مطالع جي سخت ضرورت هئي. تنهن ڪري
وٽن هڪڙو ڪتبخانو آهي جنهن جو شمار ملڪ جي وڏن
ڪتب خانن ۾ ڪري سگهجي ٿو. جا سندن ذاتي ملڪيت
آهي. هي ڪتبخانو تفسير، حديث شريف، فقہ، منطق، تصوف،
تاريخ، ادب، طب ۽ معاشيات وغيره ۽ مختلف ۽ متعدد

موضوعن تي اٽڪل ويهن هزارن کان به وڌيڪ ڪتابن تي مشتمل آهي ۽ ڪيترا ئي ناياب قلمي ڪتاب به موجود آهن. ميراث متعلق وٽن وڏو مواد موجود آهي. ان کان سواءِ اسلامي تاريخ ۽ سيرت طيبه تي پڻ مستند ڪتاب سندن لائبريري جي زينت بڻيل آهن. پاڻ سنڌ خواه هند، ايران، افغانستان، عربستان، مصر عراق کان به ڪتاب گهرائيندا هئا.

تصنيف ڪتب و ترجمات

١. معلم الفرائض

حضرت قبلہ مشوري سائين پنهنجي طالب علمي جي وقت ۾ هڪڙو مختصر رسالو ”معلم الفرائض“ نالي تصنيف فرمايو هيائون، جو عالمن توڙي طالب علمن، عوام ۽ خواص وٽ تمام مقبول ٿيو. توري ٿئي عرصي ۾ پهرين ايڊيشن ختم ٿي وئي. ان ڪان پوءِ نئون ”معلم الفرائض“ تصنيف ڪيائون. جنهن ۾ وڌيڪ تفصيل ۽ ضميمو وڌايو ويو آهي.

عالمن توڙي قانون دانن وڪيلن لاءِ ورثي جي علم ۾ رهبري ڪري رهيو آهي. سراجي ۽ شريفي وغيره جو احتياج لاهيندڙ آهي. منجهس سراجي ۽ شريفي کان سواءِ ٻين وڏن وڏن ڪتابن مان بہ مسئلہ حل ڪري نئين ”معلم الفرائض“ ۾ داخل ڪيا ويا آهن.

٢. هدية الابرار في تحيقيق ان المصطفیٰ نور الانوار

هن ڪتاب ۾ قرآن شريف حديث شريف ۽ ٻين معتبر ڪتابن جي قوي دليلن سان حضور ڪريم صلي اللہ عليہ و آلہ و سلم جن جو نور هجڻ ثابت ڪيو ويو آهي.

٣. نفحات الڪرامات

پير سائين روضي ڌڻي رضي الله تعالىٰ عنہ جي ملفوظات مجمع الفيوظات جي اصل نسخ فارسي جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو اٿن. هن ڪتاب ۾ شريعت، طريقت، معرفت، حقيقت جا مڙيوئي مسئلا موجود آهن. هڪ بحر عميق جي ڪاڻ آهي. مرده دلين لاءِ آب حيات ۽ ڪٽيل قلبن لاءِ صيقل جو ڪم ڏئي ٿو.

٤. فصل الخطاب في لزوم الستر والحجاب المعروف پردهءِ عورت

هي ڪتاب عورتن جي ستر ڪرائڻ ۽ انهن کي بنا پرده ۽ بنا وارث محرم جي ٻاهر نہ نڪرڻ ۽ نہ ڪڍڻ جو حڪم قرآن شريف ۽ حديثن شريفن جي زبردست دليلن سان ثابت ڪيو ويو آهي.

٥. مواعظ القاسميہ

هي حضرت قبلہ مشوري سائين جون فرمايل تقريرون شايع ٿيل آهن ۽ سندن تقرير مبارڪ جون ڪيسٽون بہ پريل آهن، جي درگاھ شريف تي موجود آهن. هن وقت تقريرن جا پندرنهن حصا شايع ٿي چڪا آهن.

٦. **حزب البحر**

بلڪل صحيح نسخ حضرت ابو الحسن شاذلي رحمة اللهٰ تعالىٰ جو تصنيف ٿيل.

٧. **دلائل الخيرات**

جناب علي حريري قدس سره جي روايت موجب مديني شريف مان سندن اولاد مان هڪ ڪامل بزرگ جو درست ڪرايل صحيح نسخ.

٨. **ضياءُ الهدىٰ**

هي شيعن جي اعتراضن جي رد ۾ لکيل آهي. منجهس دليل دلائل خود اهل تشيع جي ڪتابن مان ڏنل آهن.

ٻيا بہ ڪيترا ئي رسالا حضرت قبلہ مشوري سائين جا شايع ٿيل آهن ۽ ڪي اڻ شايع ٿيل نسخ بہ موجود آهن.

شايع ٿيل ڪتابن جا نالا

٩ رحمتي رات شب برات۔
١٠ ارشاد العباد الىٰ نطق الضاد۔
١١ اتحاف الاشراف في تبديل الاوقاف۔
١٢ اشباع الڪلام في تحقيق مدة الرضاع والفطام۔

۱۳البشریٰ لمن احتفل بميلاد مصطفیٰ صلي الله عليه و آله وسلم،
۱۴ الحجة البيضاءُ في حرمة الصدقات الواجبة علي الشرفاء
۱۵البينات الواضحات في استحباب الجهر بالذكر بعد المكتوبات، وغيره.

عالمن كان ٻڌل آهي تہ ”من تعلم ولم يتصوف فقد تفسق و من تصوف و لم يتعلم فقد تزندق و من تعلم و يتصوف فقد تحقق“
ترجمہ: انهيءَ شخص جو ظاهري علم پڙهيائين ۽ باطني علم نہ سکيو تہ اهو فاسق ٿيندو. جنهن تصوف سکيو ۽ ظاهري علم حاصل نہ ڪيائين تہ اهو زنديق ٿيندو ۽ جنهن ظاهري علم بہ سکيو ۽ باطني علم بہ حاصل ڪيائين تہ اهو حق کي حاصل ڪندو.

طريقت ۾ قدم

مٿي معلوم ٿي آيو آهي تہ حضرت قبلہ مشوري سائين جا والدين حضرت خواجہ پير سائين امام الدين شاهہ راشدي قدس سره الاقدس جا دست بيعت ٿيل هئا. پاڻ بہ حضرت پير سائين امام الدين شاهہ صاحب وٽ طريقت پاڪ ۾ داخل ٿيا. سندن ڪان منقول آهي تہ حضرت پير سائين روضي ڌڻي قدس الله تعالیٰ سره العزيز جي فارسي ملفوظات مجمع الفيوظات، جا عارف بالله خليفي محمود رحمة الله المعبود ڪڙيہ واري جي گڏ ڪيل هئي، مطالع ڪئي سين. انهيءَ ڪان پوءِ طريقہ عليہ قادريہ ۽ نقشبنديہ جي حاصل ڪرڻ جو شوق پيدا ٿيو. انهيءَ ڪان پوءِ فارسي ملفوظات شريف جو سنڌي ۾ ترجمو نفحات الڪرامات ڪيوسين تہ جيئن هن فيض جي بحر بي پايان مان عام ۽ خاص فائدو وٺن.

حضرت قبلہ مشوري سائين جي باطني سلسلہ جو تعلق مشائخ راشديہ خاندان سان آهي، جي قادري ۽ نقشبندي ٻنهي طريقن جا صاحب هئا. پاڻ ڪي پڻ انهن طريقن جي تلقين ڪرڻ ۽ سلوڪ طريقت، رشد هدايت ڪرڻ جي اجازت ۽ خلافت پنهنجي شيخ ڪامل پير دستگير روشن ضمير حضرت

پير سائين سيّد امام الدين شاه رحمة اللهٰ عليه راشدي ڪان مليل آهي. جن جو روضو شريف اسٽيشن باقراڻي روڊ ڪان اوڀر طرف درگاهه نلاهه شريف ۾ آهي.

پير سائين امام الدين شاه حضرت مرشد ڪريم ڪامل مڪمل پير سائين روضي ڌڻي رحمة اللهٰ تعالىٰ جي فيض جي درياهه مان فيضياب ٿيا هئا. انهي ڪري حضرت محبوب سائين مشورين وارا سائين الملقب ”تاج ڌڻي“ جو قادري ۽ نقشبندي سلسلہ حضرت پير سائين روضي ڌڻي رحمة اللهٰ تعالىٰ سان مليل ٿو. جنهن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

سلسله قادري ۽ نقشبندي حضرت ”تاج ڌڻي“ مشورين وارا سائين قدس اللهٰ تعالىٰ سره الاقدس

١. شيخ المشائخ خواجه شمس الاولياء محي السنة النبوية ماحي آثار البدعة بدرقة السالڪين و موصل الطالبين الى مطالبهم حضرت پير سائين السيد السادات محمد راشد صاحب المعروف ”روضي ڌڻي“ رضي اللهٰ تعالىٰ عنہ.

٢. شيخ المشائخ حضرت خواجہ پير سائين سيد محمد ياسين شاھ المعروف ”پير سائين جاين وارا“ قدس سره الاقدس.

٣. شيخ المشائخ حضرت خواجہ پير سائين سيد رشيد الدين شاھ المعروف ”پير سائين بيعت ڏٽي“ قدس سره الاقدس.

٤. شيخ المشائخ حضرت خواجہ قطب الاقطاب سراج الواصلين حضرت پير سائين الحاج امام الدين شاھ قدس سره الاقدس.

٥. شيخ المشائخ حضرت خواجهء خواجگان سراج السالڪين شمس المشارق والمغارب قدوة العلماء الربانين فخر العاشقين مخزن علوم سبحاني معدن فيوض يزداني جناب فيض مآب مولانا مرشدنا الحاج محمد قاسم المعروف ”تاج ڏٽي“ قدس الله تعالیٰ سره الاقدس.

حضرت پير سائين روضي ڌڻي رضي الله تعالیٰ عنہ جي قادري ۽ نقشبندي طريقن جو سلسلہ حضور ڪريم صلي الله عليه و آله و سلم تائين تفصيل وار سندن ملفوظات شريف ”نفحات الڪرامات“ ۾ ڏنو ويو آهي.

مختصر حيات طيبہ قطب الاقطاب فيض مآب حضرت پير سائين ”روضي ڌڻي“ قدس سره الاقدس

پاڻ حضرت خواجہ پير سائين محمد بقا شاه المعروف ”پاڪ شهيد“ جا فرزند ارجمند آهن. حضرت پير سائين پاڪ شهيد ”پَٽ ڌڻي“ قدس سره باڪمال اولياء ۽ مقتدا ۽ پيشوا قادري ۽ نقشبندي طريقن جا مجمع البحرين هئا. قادري طريقہ حضرت ڪامل مڪمل مرشد پير سائين عبدالقادر جيلاني قدس سره (رهندڙ ديهہ سوڍاڻي) ڪان حاصل ڪيائون. اها ديهہ جهنگ سيال ضلع ۾ آهي. هاڻي چناه شريف جي درگاهہ سڏجي ٿي.

حضرت سيد پاڪ شهيد قدس سره پنهنجي پير مرشد سيد عبدالقادر حسيني جيلاني جي امر ۽ اجازت سان نقشبندي طريقہ حضرت مخدوم محي السنة امام الامة مخدوم محمد اسماعيل قدس سره پريالوءِ شريف وارن ڪان ورتائون. حضرت پاڪ شهيد اصل وينل شهر رسول پور عرف نندي سائيدي جا هيا. اتان لڏي اچي شهر رحيم ڏنا ڪلهوڙه واقع ديهہ فريد آباد ۾ رهيا. سندن ولادت سنہ ١١٣٥ هجري ۾ ٿي. پاڻ نندي هوندي ڪان ئي الله پاڪ جي محبت ۽ ذوق شوق وارا هيا بزرگن الله وارن جي زيارت جو ڏاڍو شوق هوندو

هئن. انهي ڪري حضرت مخدوم محمد اسماعيل پرياڻوءِ واري ڏي صحبت لاءِ گهڻو ايندا ويندا هئا.

هڪ دفعي پير سائين پاڪ شهيد پنهنجي مرشد حضرت مخدوم پرياڻوءِ شريف واري جي زيارت لاءِ آيا. صحبت ڪري جڏهن موڪلائي واپس وڃڻ لڳا ته مخدوم عليه الرحمة فرمايو ته شاه صاحب! اڄ توهان جو اچڻ اسان جي واسطي ڪونه ٿيو آهي. پاڻ بڌي حيران ٿي ويا ته اسان خاص زيارت جي خيال سان آيا آهيون، ڪو به زماني جو غرض ڪو نه هيو، مرشدن ڪريمن اسان کي ائين چو فرمايو. پاڻ انهي فڪر ۾ هئا ته پاڻ سان گڏ هڪڙو خليفو به هين. پاڻ انهيءَ کان پڇا ڪيائون ته متان تو کان ڪا بي ادبي ٿي هجي. انهي عرض ڪيو ته قبلا! مون کان ڪا ڳالهه اهڙي صادر نه ٿي آهي، باقي ايترو ٿيو آهي جو سڻ ڦاٽي پئي هئي انهي جي سبڻ لاءِ سندن ڳوٺ مان سئي سڳو ورتو هيم. پاڻ فرمايائون ته تنهنجي انهي سئي سڳي اسان جو پنڌ بيڪار ڪري ڇڏيو.

پاڻ سنه ١١٩٨ هجري ۾ ڪن رهزنن واٽ ڦرينڊڙن جي هٿان ٦٣ ورهين جي ڄمار ۾ شهادت جي خلعت پاتائون. سندن

مزار مقدس شيخ طيب ۾ آهي. پڇاڙي ۾ هي وصيت فرمايائون تہ:

١. انهن چورن کي، جن اسان کي شهيد ڪيو آهي، مون معافي ڏني آهي، اوهان بہ معافي ڏجون.

٢. منهنجي دين جي پڳ آهي، سا جنهن تي بہ اچي توڙي اهو ننڍو هجي تہ بہ بيٺا ان جو ادب ڪجو.

٣. سفر دين جي خاطر ڪجو، طمع نہ رکجو. پاڻ ۾ محبت سان رهجو. الله تعاليٰ اوهان جو رزق ڪشادو ڪيو آهي سو اوهان کي ملندو.

٤. اسان کي شيخ طيب رحمة الله عليه جي مقام ۾ پَٽَ تي رکجو. (انهيءَ ڪري سندن "پٽ ڌڻي" لقب مليل آهي).

حضرت پير مرشد مڪمل روضي ڌڻي رضي الله تعاليٰ عنہ جي ولادت پهرين تاريخ شعبان يا رمضان عليٰ اختلاف الاقوال سنہ ١١٧٠ هجري ۾ ٿي. پاڻ سيني پائرن ۾ ننڍا مگر سيني کان بخت بلند ارجمند، مقتدائي جهان، علو شان ۾ اعليٰ ۽ جان جهان ۽ صاحب سلسلهء طيب راشدي جا ٿيا. سندن ولادت جو هنڌ رحيم ڏنو ڪلهوڙا جو ڳوٺ آهي. جنهن کي هاڻي پراڻي درگاهه سڏيو ويندو آهي.

نقل ٿا ڪن تہ جڏهن حضرت ميان صاحب جن پير سائين محمد بقا شهيد قدس سره کي چار فرزند سڳورا تولد ٿيا، تڏهن هيڪر پاڻ حضرت مقتدائي اهل مقبول بارگاهہ جليل مخدوم محمد اسماعيل قدس سره کي، جي سندن نقشبندي مشرب جا پير طريقت هئا، پنهنجي ڳوٺ وني آيا. اتي ٽئي نينگر دعا طلبي لاءِ سندن خدمت ۾ آندا ويا. پاڻ انهن کي ڏسي نالو پڇيائون ۽ فرمايائون پئي تہ ”چڱو ٿيندو“. جڏهن حضرت پير سائين روضي ڌڻي قدس سره کي، جو ان وقت ٻڌڻ ۾ هئا، ڪٺي آيا تڏهن مخدوم صاحب قدس سره کين ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ جهولي ۾ جهلي فرمايائون تہ ”هي يار آهي جنهن کان دنيا جو گهڻو حصو فيضياب ٿيندو“.

سندن ابتدائي تعليم هڪ حافظ نالي زين الدين رحمة الله تعاليٰ وٽ ٿي. ان کان پوءِ طلب علم لاءِ کين سفر ڪرڻو پيو. پهريائين ميان صاحب حضرت پاڪ شهيد قدس سره جن کين مولانا حاجي فقير الله صاحب نقشبندي قدس سره وٽ شڪارپور ۾ ويهاريائون. اتي ڪجهہ وقت تعليم حاصل ڪيائون. ليڪن حضرت پير سائين پاڪ شهيد قدس سره جڏهن ٻئي ڀيري اتي آيا تہ ڏٺائون تہ کين مڪلف طعام ماني ٻوڙ پلاءُ تعظيم تڪريم سان پئي مليو. پاڻ فرمايائون تہ بابا!

جنهن مدرسي ۾ ماني ٻوڙ ۽ طعام عام جام آهي اتي علم حاصل ڪرڻ محال آهي. اتان وري شهر ڪوٽڙي ڪبير ۾ مخدوم ميان يار محمد عليه الرحمة وٽ طلب علم لاءِ ويهاريائون، جو هڪ اهل دل عالم فاضل ڪامل عالم سڳورو هيو. پاڻ آخر ۾ مولانا مولوي مخدوم محمد صاحب آريجوي عليه الرحمة وٽ ڪتاب پورا ڪرڻ فرمايائون.

پاڻ فرمايائون تہ اسان کي اسان جي والد سڳوري پهريائين نقشبندي طريقہ ۾ داخل فرمايائون. پر مون کي انهيءَ ذڪر شريف مان ڪابہ ڪيفيت محسوس ڪانہ ٿي، تنهنڪري پاڻ وري مون کي طريقہء قادريہ ۾ داخل فرمائي ذڪر جهر سان مشغول فرمايائون. پوءِ وڏي آواز سان ذڪر ڪرڻ سان سڄي وجود کي وٺي ويو، جو مٿي کان پيرن تائين وار وار مان ذڪر جاري ٿي پيو.

پاڳارا لقب: پير سائين ميان امام الدين شاهہ قدس سره حضرت پير سائين روضي ڌڻي کان نقل ڪيو آهي تہ هيڪر پاڻ مينهون چاريندي رات جي وقت ۾ واهي جي هن پاسي ستا پيا هئا ۽ واٽ واهي جي ٻئي پاسي هئي، تہ ائين گهوڙن جو ڊٻڪو ٿيو. پاڻ پانيائون تہ ڪي حاڪمن جا ماڻهون هوندا.

تنهنڪري ماٺ ڪري سمهي رهيا. تان جو اچي گهوڙا ويجها پيا. جڏهن ويجها ٿيا تڏهن اٿيا ۽ هنن سلام ڏنو ۽ مڙئي لهي پيا. ڪل پنج ڄڻا هئا. حضرت علي ڪرم الله وجهہ حضرت رسول مقبول صلي الله عليه و آله و سلم جن ڏي اشارو ڪري چيو ته هي پاڻ آهن. پوءِ پاڻ سڳورا صلي الله و آله و سلم اچي پير سائين جن وٽ ويجها ويٺا ۽ پنهنجي دستار مبارڪ مٿي تان لاهي فرمايائون ته بابا! تون مٿي ۾ وجهه ۽ اٿي خلق کي الله سائين جل شانہ ڏي سڏ. تنهن تي پاڻ جواب ڏنائون ته اسان جو اهڙو حال ڪونهي ۽ خلق جو بہ اهڙو حال ڪونهي، ۽ اسان پنهنجو بار کڻڻ جهڙا ناهيون ٻين جو بار کيئن کڻون؟ حضرت پير جن چيو ته ذڪر ڏسڻ مهل سڀ کنهن مريد کي امر ڪجو ته يارهن قل پڙهي اسان کي ختمون ڏين پوءِ انهن مڙين جو اسان جو ذمون آهي. حضور ڪريم صلي الله عليه و آله و سلم جن کان دستار يعني پڳ ملڻ ڪري سندن "پاڳارو" لقب ٿيو.

هي هدايت ۽ فيض الاهي جو سج مسند ارشاد ۽ تلقين جي آسمان تي نوراني ڪرڻن سان چمڪندي جهان کي روشن ۽ منور فرمائيندي، عين متابعت حبيب ڪريم صلي الله عليه و آله و سلم جي مطابق پوري ٦٣ ورهين جي عمر پهچڻ بعد

پهرين تاريخ شعبان سنہ ١٢٣٣ هجري ۾ غيب جي پردي ۾ محجوب ۽ محبوب حقيقي عز اسمہ جي وصال سان مشرف ٿيا. سندن خاڪي جسم مقدس پراڻي درگاھ تي دفن ڪيو ويو. پر درياھ جي پائڻ جي خطري جي ڪري سيد علي گوهر شاھ عرف ”بنگلي ڏڻي“ تخلص ”اصغر“ قدس سره ٦ جمادي الاول سنہ ١٢٥٠ هجري مطابق آڪٽوبر سنہ 1834 ع ۾ سندن سيڻي روضا شريف منتقل ڪرائي نئين درگاھ ۾ رکيائون. انهيءَ ڪري سندن لقب ”روضي ڌڻي“ قدس سره الاقدس مشهور ٿيو. اتي نئون ڳوٺ ٻڌو ويو. جنهن کي هاڻي پير جو ڳوٺ يا نئين درگاھ سڏجي ٿو. پير سائين جي اولاد مان ڪي اتي رهجي ويا جنهن ڪري انهيءَ کي هاڻي پراڻي درگاھ سڏجي ٿو.

مختصر حالات حضرت سيد محمد ياسين شاه المعروف ”پير سائين جاين وارا“

حضرت پير سائين روضي ڌڻي قدس سره الاقدس کي ١٨ فرزند هئا. جن مان وڏو حضرت قبله سيد صبغت الله شاهه هئا. حضرت قبله ياسين شاهه ننڍا هئا پر حضرت پير سائين روضي ڌڻي رضي الله تعالیٰ عنہ کي زور پيارا هئا. پير سائين محمد ياسين شاهه کي بہ پنهنجي والد سان گهڻي محبت هوندي هئي.

حضرت پير سائين روضي ڌڻي قدس سره الاقدس کي وصال واري بيماري ۾ ڪجهه ضعف ۽ تڪليف ٿي پئي، تنهن تي پاڻ فرمايائون تہ اڳي اهڙا ماڻهون هوندا هئا جو مرشد جو عيوض ٿيندا هئا هاڻي اهڙو آهي ئي ڪونہ. اتي پير سائين جاين وارا بہ وينا هئا. تن سندن ڳالهه ٻڌي باغ ۾ وڃي وضو ساري نفل پڙهي دعا گهريائون تہ جيڪا پير سائين جن کي بيماري آهي سا اسان کي ٿئي. پوءِ انهي وقت باغ ۾ اها بيماري ٿي پين ۽ پير سائين روضي ڌڻي قدس سره الاقدس کي تخفيف ٿي ۽ ماڻهن ۾ مبارڪون پئجي ويون تہ پاڻ خوش ٿيا آهن. اتي پير سائين جن فرمايو تہ بيا مڙئي آهن

فلاڻو يعني پير سائين جاين وارا ڪو نہ آهن. تنهن تي جاچ ڪيائون. پوءِ هڪڙي فقير خبر ڪئي پاڻ باغ ڏي اسريا هئا. پوءِ ماڻهن ڪان پڇا ڪري ڏانهن جاڻ لاءِ ويا. وجي ڏٺائون تہ پاڻ تمام گهڻو ضعيف ٿيا پيا آهن. پر هڪڙي ماڻهون تي ٽيڪ ڏئي سندن حضور ۾ آيا. پاڻ ڏٺائون تہ تمام گهڻي تڪليف تي اٿن. تنهن ڪري پاڻ فرمايائون تہ تون جي ائين ٿئين جو جهان مان هلين، اها ڳالهہ اسان کي پنهنجي هلڻ کان وڌيڪ تڪليف ڏيندي، مان پير مرد آهيان مان پلي وڃي پنهنجي مالڪ سان گڏجان، اوهان جي مهل نہ آهي، اوهين جوان آهيو، پلي ماڻهن کي الله تعالیٰ ڏي سڏيو. تڏهن پير سائين جاين وارن چيو تہ قبلا! مان پنهنجي زبان سان ڪيئن چوان تہ پير سائين هيئن ڪي هيئن ٿين. پوءِ پير سائين روضي وارن فرمايو تہ تڏهن هيئن چئو تہ ڏٽي منهنجا جيڪا منهنجي بابي جي مرضي. پوءِ پاڻ اها دعا گهريائون تہ پوءِ پير سائين جاين وارا خوش ٿيا ۽ پير سائين روضي وارا وري ساڳي طرح بي خوش ٿيا.

پير سائين روضي ڌڻي رضي الله تعالیٰ عنہ جي واري ۾ ڪن پناڻن، ميان صبغت الله شاھ ۽ پير سائين جاين واري وارن سان خرخسو ڪيو هيو، جتي پير صاحب کي ترارين جا ڌڪ بہ لڳا هئا. پوءِ اها خبر پير سائين روضي وارن رحمة الله

عليه کي ٻڌايائون. تنهن تي پاڻ فرمايائون تہ منهنجا تہ ڪين وڙهيا؟ فقيرن چيو تہ نہ. تنهن تي فرمايائون تہ الحمد لله. اهي پناڻ وري شايد حضرت روضي ڌڻي رحمة الله عليه جن وٽ معافي گهرڻ آيا هيا. تنهن تي پير سائين جن، پير سائين جاين جي طرفان هي جواب ڏنو تہ انهيءَ جي طرفان اسين اوهان کي بخش ڪيون ٿا، باقي ميان صاحب کان پاڻ بخشايو. پوءِ هنن عرض ڪيو تہ ميان صاحب ڏي اوهان اسان سان گڏجي هلو. پوءِ پاڻ هنن سان گڏجي هليا. پوءِ ميان صاحب کي پاڻ هلي چيائون. ميان صاحب اول تہ تمام گهڻي ڪاوڙ ڏيکاري ۽ چيائين تہ اسين هنن سان هيئن ڪنداسين هيئن ڪنداسين. پر آخر سائين جن جي گهڻي چوڻ سان معافي ڏنائون، ۽ پير سائين جاين وارا اتي حاضر هيا. پاڻ انهن ڏي خطاب ڪري ڪلي فرمايائون تہ اسان اوهان جي طرفان بخشي ڇڏيو آهي. تنهن تي وري پير سائين جاين واري فرمايو تہ اسان انهن کي ڏک هڻڻ مهل بخشي ڇڏيو آهي.

پير سائين جاين واري فرمايو تہ جڏهن حضرت پير سائين روضي ڌڻي وارن جو اولاد گهٽو ٿيو ۽ فرزند وڏا ٿيا تڏهن سوڙهہ سببان اصلي جاين مان سندن اڪثر وڏا فرزند نڪري ٻاهر ڏار جايون جوڙي ويٺا. اسان بہ ارادو ڪيو تہ ٻاهر

ڏار جاءِ جوڙي ويهون. پوءِ جڏهن ڏاڪڻ وٽ آياسون تہ اتي پاڻ اسان کي پاڪر پائي چيائون تہ بابا! تون اسان سان سوڙهہ ۾ گذ گذار.

حضرت پير سائين امام الدين شاهہ قدس سرہ کان نقل آهي تہ پاڻ سڳورا فرمائيندا هئا تہ هيڪر ميان صاحب يعني پير ميان صبغت اللّٰہ شاهہ ۽ پير سائين جاين وارا رحمة اللّٰہ عليہ گڏجي شڪار تي ويا هئا، پاڻ نہ تي ويا، پر ميان زور ڪري وٺي وين. اها خبر پير سائين روضي وارن بہ ٻڌي. پاڻ شڪار تي وڃڻ ناخوش پانيائون. جڏهن شڪار تان موٽي آيا تڏهن پير سائين جاين وارا ۽ ميان صاحب هٿ هٿ ۾ ڏيون ٿي آيا، پير سائين روضي وارن قدس سرہ الاقدس جي آڏو پئي آيا تہ سندن هٿ کي ميان صاحب جي هٿ مان ڇڏائي چيو تہ هينئر توکي ميان صاحب هٿ هٿ ۾ ڏئي ٿو هلي، مون کان پوءِ هٿ مان وٺي ڪيندئي.

بهر حال مٿئين حقيقت مان معلوم ٿئي ٿو تہ حضرت پير سائين روضي ڌڻي رضي اللّٰہ تعالیٰ عنہ جو حضرت پير سائين جاين وارن سان گهڻي محبت ۽ پيار هوندو هيو.

حضرت پير سائين امام الدين شاهه پير سائين کان نقل
تا ڪن ته حضرت پير سائين روضي وارن کان سندن پائرن ۾
خليفن پڇيو ته قبلا! پڳ اوهانجي ڪنهن کي ٻڌائبي؟ پاڻ
فرمايائون ته ظاهر ڪري وڏو ميان صاحب (صبغت الله شاهه
آهي، پر منهنجي پڳ ڪپڙي جي نه آهي جو ڪنهن کي ٻڌان،
باقي منهنجي پڳ آهي ”دين منجهان“ مڙئي ديندار پاڳارا آهن.
(ڪير به هجن ڪهڙي به قوم جا هجن).

حضرت پير سائين روضي ڌڻي قدس سره الاقدس جي
وصال کان پوءِ زماني جي دستور موجب وڏو صاحبزادو سيد
صبغت الله شاهه سائين سجاده نشين ٿيا. جيئن پير سائين
روضي ڌڻي قدس سره الاقدس به پنهنجي حياتي مبارڪ اهڙو
اشارو ڏئي ويا هيا. باقي دين جي پڳ وڏيڪ ديندار ۾ مرشد
ڪريم جي منظور نظر جي حوالي ٿيندي آهي.

حضرت پير سائين جاين وارا نهايت عابد زاهد زماني
جا قطب هئا. فيض جا مالڪ هيا. سندن فيض جي درياهه مان
ڪيترا خشڪ لب سيراب ٿيا.

حضرت پير ميان صبغت الله شاهہ حضرت پير سائين جاين وارن جو پاڻ ۾ نهراءُ نہ تي سگهيو. تنهن ڪري پير سائين جاين وارا قدس سره الاقدس اتان لڏي اچي ٿلاھ شريف، لڳ باقراڻي اسٽيشن تي رهائش پذير ٿيا. پير سائين روضي وارن بہ اهڙي پيشن گوئي فرمائي هئي تہ توکي ياءُ هٿ مان وٺي ڪڍي ڇڏيندئي.

حضرت قبلہ روضي ڌڻي قدس سره الاقدس جي تبرڪات مان ”پڳ“ گادي نشين حضرت قبلہ ميان صبغت الله شاهہ جهلي، جنهن ڪري سندن لقب ”پير پاڳارو“ مشهور ٿيو ۽ سندن تبرڪات مان ”جهنڊو“ ميان محمد ياسين شاهہ کي مليو.

جهنڊي جو احوال

هي جهنڊو حضرت پير سائين روضي ڌڻي قدس سره الاقدس کي شاهہ ڪابل زمان شاهہ بن تيمور شاهہ بن احمد شاهہ ابدالي تيار ڪرائي سندن جي خدمت ۾ بطور نذراني جي پيش ڪيو هيو، جو سائي ريشمي ڪپڙي جو ٺهيل هيو. جنهن تي سونهري تارن سان ڪلمہ طيب ”لاالہ الا الله محمد رسول الله صلي الله عليہ و آلہ وسلم“ لکيل آهي، جو محمد ياسين شاهہ

قدس سره الاقدس کي ڏنو ويو. جنهن کري ”پير جهنڊائي“ جي لقب سان مشهور ٿيا.

هڪڙي عورت مائي بختاور جا وڏي فقيرياڻي هئي، سندن خدمت گذار هئي. انهي چيو ته پير سائين جاين وارا پير سائين روضي ڌڻي قدس سره جي درگاهه تي وڃڻ لاءِ تيار ٿيا ته مائي عرض کيو ته قبلا! پير سائين روضي ڌڻي قدس سره وارن جي زيارت هت کرايو ته مون کي ٻيو ڇا گهرجي. تڏهن پاڻ فرمايائون ته مسجد ۾ اچ. پاڻ ٻه هلي مسجد ۾ وينا. مان ٻه اتي ويس. پاڻ فرمايائون ته اکيون ٻوٽ. مون اکيون ٻوٽيون. وري فرمايائون ته اکيون پٽ. اجا اکيون پٽي ڏسان ته پاڻ روضي وارا پير سائين جي پرسان وينا آهن. سندن برکت سان مون هنن اکين سان پير سائين روضي وارن جي زيارت کئي.

وصيت

پير سائين جاين وارن فرمايو ته ”اسان جي وفات کان پوءِ منهنجي اولاد مان ان جي پنيان لڳجو جنهن مان خدائي جي بوءِ اچيو. متان ڏسو منهنجي کاڻ منهنجي اولاد جي کتن جون رسيون ڇکيندا وتو، ترين تي بار کڻندا وتو. جنهن ۾

اهو حال ڏسو تنهن جي پنيءَ نہ لڳجو. بلڪ اسان جو ڄاڻي خدمت ڪجوس. بي ادب نہ ٿجو. پنيان ان جي لڳجو جنهن ۾ خدائي ڏسو. ٻيو تہ منهنجي ڪپڙي جي پڳ نہ آهي، جو مان ڪنهن کي ڏيان. منهنجي پڳ آهي دين جي، جنهن کي مسجد ۾ ڏسو ۽ متابعت تي پورو ڏسو، انهيءَ سان صحبت ڪجو ۽ انهيءَ جي ئي پنيءَ لڳجو“.

پاڻ درگاهہ شريف تي هيا جو مريد خدا جو اسم وجهي دعوت تي وني ويا. ربيع الاول ۾ پاڻ درگاهہ تان اسريا هيا. ساڍا چار مهينا سفر ڪيائون، جو سفر ۾ ئي وفات ڪيائون. ان وقت سندن ٽي فرزند حاضر هيا.

١ پير رشيد الدين شاهہ.
٢ حاجي هدايت اللّٰہ شاهہ.
٣ پير ميان صديق شاهہ.

ٻيا خليفا بہ گهڻا صحبت ۾ هئا. خليفو مراد علي نظاماڻي ان وقت وڏو هيو. انهن جي صلاح سان اتر ڏي موٽڻ ٿيو ۽ راجي خاناڻي جي شهر ۾ کين غسل ڏنائون، راجي نظاماڻي جي ڳوٺ ۾ دفن ڪيائون. پاڻ حياتي مبارڪ ۾ راجي نظاماڻي جي ڳوٺ دفن واري جاءِ ڏسي فرمايائون تہ ڪي

ڏينهن هتي اچي ويهنداسين. پوءِ ١٢ مهينا اتي رهڻ ٿيو. پوءِ سندن وڏو فرزند پير فضل الله شاهه جسم مبارڪ کڻائي جاءِ ڪرائي نلاهه شريف ۾ دفن ڪيائون جتي اڄان سوڌو روضو مبارڪ آهي. پاڻ سڳورن ١٥ رجب سنه ١٢٧٥ هجري ڇنڇر جي ڏينهن اشراق جي وقت وفات فرمائي.

"انا لله وانا اليه راجعون"

حضرت قبلہ پير سائين رشيد الدين سائين الملقب پير سائين بيعت ڌڻي قدس سره الاقدس.

حضرت پير سائين جاين وارن جي وصال کان پوءِ حضرت سيد رشيد الدين شاھ قدس سره ھدايت ۽ رشد جو سلسلہ جاري رکيو ۽ سندن سجاده نشين لقب ”بيعت ڌڻي“. ٿيو جو پاڻ ھڪڙو بيعت نامہ لکرايو ھئائون. ھي سائين سدائين الله سائين جل شانہ جي محبت ۾ مستغرق رھندا ھئا. پاڻ شعر بہ چيا اٿن جن ۾ معرفت ۽ حقيقت جا راز بيان ڪيا اٿن. سندن شعرن جي مجموعہ کي پير سائين جون ڪافيون سڏيو وڃي ٿو. پاڻ پنھنجي والد سڳوري پير سائين جاين وارن کان دست بيعت ٿيل ھئا. ھڪڙي دفعي پاڻ شھر کان ٻاھر ڪنھن ڪم سان ويل ھئا واٽ تي ھڪڙو شخص بروھين جي شڪل جھڙو آيو، اچي پڇيائين تہ ھت ڪا بروھين جي ڏُٺي آھي. ڪير بہ ڪو نہ پيو ٻڌائيس پوءِ پير سائين بيعت ڌڻي کان پڇا ڪيائين پاڻ فرمايائون تہ اچ تہ توکي بروھين جي ڏُٺي ڏيکاريون. جڏھين ڪجھ پنڌ پري ويا تہ پير سائين کي ياڪر پائي وني زور ڏنائين ۽ جيڪو ڏيٺو ھوس سو ڏنائين. پاڻ فرمايائون تہ اھو حضرت خضر عليہ السلام ھيو. پاڻ دست بيعت ٿيل پنھنجي والد پير سائين جاين وارن کان

هئا اجان ڪجهه مقامات طي ٿيل نہ هئا. تنهن ڪري پنهنجي چاچي پير سائين محمد بقا شاهہ مشهور نالي وڏو شاهہ کي چيائون تہ اسان کي ذڪر شريف ڏسيو. پاڻ ڪجهه دير ڪيائون ۽ چيائون تہ جمعي جي ڏينهن اچجان. پاڻ کي عشق ۽ محبت جو ايترو تہ غلبو هيو قرار نہ پيو اچين باهر نڪري گهنور واهہ تي پريشان بيٺا هئا تہ پير سائين جاين واري جي روضي شريف مان آواز آيو پاڻ اوڏانهن ڏٺائون تہ پير سائين جاين وارا چيلهہ جيترو باهر بيٺا آهن ۽ فرمائن پيا تہ پٽ! هن دري جي سامهون اچي ويهہ. (اها دري مسجد شريف جي آهي جنهن جي سامهون حضرت پيرسائين جاين وارن جي مزار مبارڪ آهي) تہ توکي طريقت طي ڪرايون پوءِ پير سائين ”بيعت ڏني“. صراط الطالبين (هي ڪتاب قادري طريقي جي ذڪر اذڪار جو آهي) ڪٽي پير سائين جاين واري جي روضي جي سامهون اري دري ڪان ويهي سبق ونندا هئا. ائين سڄي طريقت پير سائين جاين وارن جي وصال کان پوءِ سندن مزار مبارڪ تي طئي ڪيائون انهي ڪري پير سائين بيعت ڏٽي جو طريقہ اويسي ڪري سڏيندا آهن. جمعي جي نماز حضرت ”بيعت ڏٽي“. پاڻ پڙهائيندا هئا. خطبہ سندن فرزند حضرت امام الدين پڙهندا هئا. ميان امام الدين شاهہ کان نقل آهي تہ اسان جمعي جي ڏينهن خطبہ پڙهڻ لاءِ تيار ٿي اچي پير سائين

”بيعت ڏٽي“. جي ماڙي جي دروازي وٽ ويهندا هئاسون پوءِ پاڻ جمعي جي تياري ڪري ٻاهر ايندا هئا ته اسان به ساڻن گڏجي مسجد شريف ۾ ايندا هئاسون. هڪڙي ڀيري خطبه ڪٽي دروازي تي وينا هئا سون ۽ پير سائين جن جون ڪافيون پئي جهونگاريونسين ته اوچتو پير سائين بيعت ڏٽي چرڪ ڀري اٿيا ۽ صاحبن کي چيائون ته در کوليو! در کوليو! در کوليائون ته مان اندر آيس. پاڻ وريشان متي اگهارا وينا هئا. پاڻ فرمايائون ته فلاڻا! اسان سجهيو ته پير سائين جاين وارا آيا آهن. مون عرض ڪيو ته قبلا! پير سائين جن اوهان کان پري ته نه آهن؟ پاڻ فرمايائون ته هائو ابا! پر هنن اکين ۽ ڪنن جي لذت ٻي آهي، توهان کي قدر تڏهين پوندو جڏهين اسان توهان وٽان وينداسين. حضرت پير سائين بيعت ڏٽي قدس سره الاقدس جي ننڍي ڀاءُ ڪن گهرو ڳالهين جي ڪري ٺلاهه شريف مان لڏي وڃڻ جو خيال ڏيکاريو. جڏهين پير سائين ”بيعت ڏٽي“. کي اها خبر پئي ته هڪڙي رات پنهنجي ننڍي ڀاءُ وٽ آيا. پاڻ فرمايائون ته اسان ڪنهن ڪم لاءِ تو وٽ ميڙ تي آيا آهيون. سندن ننڍو ڀاءُ پنهنجي وڏي ڀاءُ جو ڏاڍو ادب ڪندو هو. پاڻ چيائون ته ميڙ جي ڪهڙي ڳالهه آهي هي سر به سائين جن جي مِلڪ آهي جيئن حڪم ڪندؤ ايئن ڪندس. پاڻ فرمايائون ته ڀهريائين واعدو ڪر ته پوءِ ڳالهه ڪنداسون.

پاڻ واعدو ڏنائون پير سائين بيعت ڏٽي فرماين تہ توهان جي لڏي ويندؤ تہ ماڻهن ۾ ڳالا هلندي تہ پنهنجي نندي ڀاءُ کي ڪدي چڙيائين. اسان کي موڪل ڏي تہ اسان پنهنجي خوشي سان نلاهہ شريف مان لڏي وڃون تہ پوءِ ڪنهن کي بہ ڳفتڳي ڪرڻ جو وجهہ نہ ملندو. پاڻ واعدو ڏئي وينا هئا. تنهن ڪري لاچار پير سائين بيعت ڏٽي ڪي لڏڻ جي موڪل ڏنائون جو لڏي سعيد آباد رهڻ لڳا. سندن مزار مبارڪ بہ اتي ئي آهي.
پير سائين "بعيت ڏٽي" جي وصال بعد حضرت قبلا امام الدين شاهہ ڳادي نشين ٿيا. قادري طريقي جي سلسلہ کي جاري رکندي ذڪر اذڪار ۾ مشغول رهيا خلق جي رهبري ڪندا رهيا.

مختصر حالات
پير سائين الحاج سيد امام الدين شاھ قدس سره

پير سائين امام الدين شاھ رحمة الله عليه حضرت پير سائين ”بيعت ڌڻي“. جا فرزند ارجمند آھن سندن ولادت با برڪت اندازاً سنہ ١٢٨٦ ھجري ۾ پير ڳوٺ لڳ نلاھ شريف تعلقہ ڏوڪري ضلع لاڙڪاڻي ۾ ٿي. سندن ڪان ٽي يا چار پائر وڏا ھئا. سندن ڪان ھڪڙو ڀاءُ حضرت محمد حسين شاھ رحمة الله عليه ننڍو ھو. پاڻ ننڍي ھوندي ئي پنھنجي والد سڳوري حضرت پير سائين ”بيعت ڌڻي“. رحمة الله عليه کي زور پيارا ھوندا ھئا. پير سائين امام الدين شاھ رحمة الله عليه ننڍي ھوندي کان متواصل حزن ۽ نرم طبيعت ھوندا ھئا. حضور ڪريم صلي الله عليه و سلم جي عشق ۾ مستغرق ھوندا ھئا ۽ غوث وقت جا ھئا. ننڍي ھوندي کان پيچاڙي تائين ڪافيون جھونگاريندا ھئا. اڪين مان وڏ ڦڙو مينھن وسائيندا ھئا. پاڻ تارڪ دنيا جا ھئا. پنھنجي حياتي مبارڪ ۾ ٽي ڀيرا ترڪ ڪيائون. پاڻ حاويلي مبارڪ مان ٻاھر نڪري چوندا ھئا تہ اسان جي گھر جو سڀ سامان خيرات آھي جنھن کي جيڪي وڻي سو کڻي وڃي. پنھنجي سرجا ڪپڙا بہ خيرات ڏئي ڇڏيندا ھئا. پر رات جو گھر جو پاٽي بہ ھارائي ڇڏيندا ھئا تہ صبح جو

نئون پاڻي ملندو. بمبئي ۾ سندن مريد هوندا هئا هڪڙي پيري دعوت تي اوڏناهن ويا. هڪڙي مريد نئون بنگلو ٺهرايو هو. پير سائين جن کي اهو بنگلو ڏيکاري پيو. پاڻ پڇيائون تہ هي دريون ڇا جي لاءِ آهن؟ عرض ڪيائين تہ هوا جي گذر لاءِ آهن. وري فرمايائون روشن دان ڇا جي لاءِ آهن؟ عرض ڪيائين تہ روشني جي اچڻ لاءِ ناهيا ويا آهن. پاڻ فرمايائون تہ جي اها نيت ڪجي ها تہ هي روشندان نماز جي وقت معلوم ڪرڻ لاءِ ٺهيل آهن تہ سڄي جاءِ جو ٺهرائڻ الله سائين جل شانہ جي واسطي ٿي پوي ها. هڪڙي پيري پاڻ درگاهہ شريف تي تشريف فرما هئا بمبئي مان سيٺين مريدن جا خط ۽ نذرانا اسٽيشن باقراڻي تي پهتا. خط ۾ لکيل هو تہ پير سائين جن فلاڻي فقير جي دعوت قبول فرمائي. هي انهي نذرانو ڏنو آهي جو درگاهہ شريف تي موڪلي رهيا آهيون هاڻي فلاڻي فقير جي دعوت تي اسريا آهن هفتہ کن ۾ درگاهہ شريف تي پهچي ويندا. حالانڪ پاڻ ظاهري بمبئي ويل ئي ڪونہ هئا ۽ پاڻ پنهنجي درگاهہ شريف تي موجود هئا. هڪڙي پيري ريل گاڏي ۾ سوار ٿيا پئي آيا تہ زناني گاڏي مان هڪڙي عورت ريل گاڏي ۾ دري کان ٻاهر پنهنجي ٻار کي هٿن تي ڪڍايو ٿي تہ ٻار هٿن مان نڪري ويو. گاڏي تمام تيز هئي پير سائين جي نظر ٻار تي هئي گاڏي بہ پاڻ روڪرايائون سندن نظر

مبارڪ جي برڪت سان بار هيٺ ائين ڪريو جڻ ڪنهن هٿ سان سمهاري ڇڏيو آهي. واٽ ۾ پٽري وجهي چوسي رهيو هو. پاڻ جمعي جي ڏينهن شڪار ڪرڻ کان جهليندا هئا. سندن نينگر ميان فتح الله شاهه جمعي جي ڏينهن شڪار تي ويل هو. اتي بندوق هٿ مان ترڪي هيٺ ڪري پئي ۽ ڇٽي ويئي گوليون سندن ڪن جي پاڙ ۾ لڳيون جنهن ڪري شهيد ٿي پيا. پير سائين جن ڏاڍا صابرين هئا. جڏهين نينگر کي غسل ڏئي ڪفن ۾ رکيائون پير سائين جن کي عرض ڪيائون ته سائين جن اچي نينگر جو منهن ڏسن. پاڻ فرمايائون ته جيستائين اسان جو هو اسان وٽ رهندو هو تيستائين ڏسندا رهندا هئاسون هاڻي مالڪن جي شيءِ آهي اسان کي ڏسڻ جو حق ڪونهي. وري به جڏهين رکي رکي ياد پوندو هون ته اکين مان لڙڪ وهائيندا هئا ۽ فرمائيندا هئا ته هاءِ! هاءِ!

تون پرائو پاڻ، تو پراوا پنهنجا ڪرين
عقل جا اڻ جاڻ، جو بي دعوائن تي دعوائون ڪرين

پاڻ ڪڏهين پنهنجن فقيرن سان خوش طبعي به ڪندا هئا. پهرين وقتن کان وٺي پاڻ تهجد جا پائبند هوندا هئا، باقي اشراق جا نفل ڪڏهين پڙهندا هئا ته ڪڏهين ڇڏي به ڏيندا هئا. هڪڙي پيري سائين مشورين وارا سندن حضور ۾ زيارت جي لاءِ آيا هئا پير سائين جن کي عرض ڪيائون ته سائين جن

اشراق جا نفل پڙهندا ته اسان لاءِ توهان جي سنت ٿي پوندي انهي کان پوءِ پير سائين جن مقرر اشراق جا نفل پڙهندا هئا ذڪر شريف نفي اثبات جا پچاڙي تائين روزانه پنج هزار پڙهندا هئا. پاڻ ٻيهي تقرير مبارڪ ڪا نه ڪندا هئا باقي جمعي جي ڏينهن جماعت وارن کي ڪانه ڪا نصيحت جي ڳالهه چوندا هئا ته ان تي عمل ڪن. هڪڙي جمعي تي فرمايائون ته جيڪا ڳالهه توهان کي پنهنجي لاءِ نه وڻي اها ٻين سان نه ڪيو. ٻي ڀيري فرمايائون ته هميشه زبان ذڪر شريف سان تازي هجي. هڪڙي ڀيري پاڻ سيرب ڪرائي رهيا هئا سندن چپ مبارڪ ذڪر شريف سان چري رهيا هئا سيرب ناهيندڙ عرض ڪيو ته قبلا چپ مبارڪ چرن ٿا گهڙي ڪن صبر ڪيو ته سيرب ناهي ونان. پاڻ فرمايائون ته سچ کي جهل ته ٻيهي ته مان به چپ ڪريان پير سائين جن سيدن جو ڏاڍو ادب ڪندا هئا مجلس ۾ وهندا هئا ته سيدن ۽ عالمن جي لاءِ جدا بينچ پيل هوندي هئي انهن کي مٿي وهاريندا هئا انهن جي لاءِ ماني به عام جماعت کان جدا خاص موڪليندا هئا هڪڙي ڀيري هڪڙو شخص آيو پاڻ کي سيد سڏايائين ٿي پاڻ ان جي ڏاڍي عزت ڪيائون مٿي وهاريائونس خاص ماني ڪارائي خيرات به ڏئي ڇڏيائون انهي سيد جي وڃڻ کان پوءِ سندن وڏي صاحبزادي عرض ڪيو ته قبلا انهي کي نتا

سجاڻو؟ هي فلاڻو ماڇي آهي، هي نندي هوندي اسان جون ميهون چاري ويو آهي. پاڻ فرمايائون تہ اسان بہ سڃاتو آهي پر ڪنهن جي جهل ۾ لڪي آيو آهي! اسان انهي جهل جو ادب ڪيوسين. پاڻ پهرين شادي پنهنجي ساداتن سڳورن مان ڪئي هئائون ان جي وفات کان پوءِ ٻين شادي ٻرڙن مان ڪئي هئائون ٽين شادي چاندين وٽان ڪئي هئائون، انهن ٻنهي جي وفات کان پوءِ مشورين سڳورن مان اسان جي محبوب ڪريمن جي پڦي سان شادي ڪئي هئائون. سندن اولاد ڇهہ فرزند بہ معصوم هوا فرزندن جا نالا ١. محمود شاهہ ٢. حامد شاهہ ٣. فتح الله ٤. محمد ڪريم شاهہ مست عبدالخالق شاهہ ٦. ڪمال الدين شاهہ فتح الله شاهہ بندوق ڇٽڻ جي ڪري شهيد ٿيا هئا. محمد ڪريم شاهہ مست زبان سان جيئن فرمائيندا هئا ايئن ٿيندو هو ۽ هميشہ ڦيٽو وجهندا هئا تہ چوندا هئا تہ صلواة سونهاري ڏونگر ڏاري شو. پير سائين جي وفات کان پوءِ اوچتو غائب ٿي ويا جنهن جي خبر نہ پئجي سگهي تہ ڪاڏي هليا ويا. حضرت پيرسائين امام الدين شاهہ قدس سره کي وصال جي بيماري ۾ ٻلي ڳڙهہ نڪتو هو ڏاڍي تڪليف هوندي هين جو وفات بہ انهي ۾ ڪيائون ماڻهون پڇڻ ايندا هئا. حضرت مشورين وارن سائين فرمايو تہ اسان بہ انهي بيماري ۾ پڇڻ لاءِ آيا هئاسين. عرض ڪيوسين تہ قبلا! ڦٽ

۾ سور آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ اصل نہ. پوءِ هي لفظ فرمايائون. بيت

وينئي منجهان وڳ نيون تو ناگيليون چري
اديون هن ڪرهي جا پڌر پڳ م لڳ
جڳ ۾ جهڙو جڳ هيئن سان تو هت چري.

مشورين واري سائين فرمايو تہ ”اهو بي رنگي فڪر آهي جنهن ۾ جيڪڏهين ڪپي ٽڪرا ڪجي تہ بہ خبر نہ پوندي“.

انهي قرڙي سان وصال فرمايائون. پاڻ سنہ ١٣٤٩ھ ماه ربيع الاول ٻارنهن يا ٢٧ تاريخ بروز سومر اسر جي وقت محبوب ڪريم علي الله عليه و آله و سلم جي سنت مطابق ٦٣ ورهين جي ڄمار ۾ وصال فرمايائون. جامع مسجد پير ڳوٺ جي پرسان سندن روضومبارڪ آهي.
سندن جنازي جي نماز حضرت قبلا ”تاج ڌڻي“ مشورين واري سائين پڙهائي.
انا لله وانا اليہ راجعون.

تاج ڏٽي بادشاھ مشورين وارا سائين

حضرت ”تاج ڏٽي“ مشورين وارا سائين پير سائين الحاج امام الدين شاھ سائين جن ڪان دست بيعت ٿيل ھئا. سندن سلسلہ قادري خواہ نقشبندي حضرت پير سائين روضي ڏٽي رضي اللّٰہ تعالیٰ عنہ سان ملي ٿو. مشورين وارا سائين پاڻ بہ سائو تاج پائيندا ھئا ۽ جماعت کي بہ سائو تاج پارايائون. انھي ڪري سندن لقب ”تاج ڏٽي“ ٿيو انھي تاج سان سندن جماعت پنجاب، ايران، عراق عربستان ۾ مشھور آھي. پاڻ فرمايائون تہ حرمين پاڪ وياسين اتي مکي شريف ۾ عسڪري چون پيا تہ توھان جي جماعت حجر اسود تي زور تا لائن انھن کي جھليو تہ آھستگي سان اچن. پاڻ عسڪري کي فرمايائون تہ توکي اسان جي جماعت جي ڪئين خبر پئي تہ اسان جا جماعتي آھن؟ چيائين تہ ”الاتریٰ ھذه ڪفية اخضر“. ھي سائي ٽوپي ڪا نہ تا ڏسون اھا توھان جي جماعت آھي. سندن جي فيض بي ڪنار جي پيشينگوئي حضرت مخدوم عبدالرحيم گروھڙي رحمة اللّٰہ عليہ اڳي ئي ڪري ويو آھي. جنھن جو تڪرو پڙھندڙن جي مطالع لاءِ ھيٺ لکجي ٿو.

پيشينگوئي

روضي ڏٽي رهبرٿيندو سچو شير شجاع
کروڙين ڪرامتون تنهن جو جوڙيون جبارا
عاشق ٿيندو الله جو جانب جلوي جمالا
نور تنهن جي نرڙ ﷺ ڪندو شمس شعاع
هڪڙو پير پيدا ٿيندو عارف غوث اولياء
ٻيو پير پيدا ٿيندو اڪمل اولياء
ٽيون پير پيدا ٿيندو ماڻڪ موج دريا
چوٿون پير پيدا ٿيندو اڪمل سر اولياء
شڪل شبيه محمدي صاحب سج ورنا
هوندي نيشاني نرڪي ڏائي اک جي پارا
اجاريندو دين احمدي صورت سردار
پڳ جڙندس پيغمبري مير محمد شاه
فتح ڪوٽ خيبر جو ٿيو حبيب جي هٿان.

پهرئين پير مان مراد پير سائين جاين وارا آهن. ٻئي پير مان مراد حضرت پير سائين بيعت ڏٺي آهن. ٽئين پير مان مراد حضرت الحاج پير سائين امام الدين شاھ آهن. چوٿين پير مان مراد اسان جا سردار ”تاج ڏٺي“ مشورين وارا سائين آهن جن جي ڏائي اک جي پرسان تر جو نشان آهي. جنهن شريعت، معرفت، حقيقت جا راز ظاهر ڪري دلين ڪي معرفت جي نور سان روشن ڪري ڇڏيو آهي. جنهن سوشلزم جهڙي ڪفر جي ڪوٽ ڪي فتح ڪري ڏيکاريو. پاڻ ڪريم بوڏ جي وقت پير سائين جي ڳوٺ ٺلاھ شريف لڏي ويا هئا. اتي پير سائين امام الدين شاھ حاويلي پاڪ ڪي بچي هٽائي رهيا هئا رازن مزورن ڪم تي ڪيو. پاڻ ڪريم طالبن سميت حاويلي تي ڪم ڪرڻ آيا. مزورن سان گڏ گاري جي تغاري مٿي تي ڪٽي ۽ يا تي پيرا پهچاياءُون تہ پير سائين جن ڏسي فرماين تہ توهان تغاري نہ ڪٽو توهان ”مخدوم“. ٿيندئو. توهان جي در تي بيا ڪمائيندا. پاڻ فرماياءُون مخدوم جو لفظ لوح محفوظ ۾ لکيل هو.

سکر جي پرسان آندل نالي هڪڙو مجذوب رهندو هو. جنهن کان ماڻهون دعا گهرائيندا هئا ته انهن جو ڪم ٿي ويندو هو. پهريائين گاريون ڏئي انهن جا پول پڌرا ڪندو هو پوءِ ڪم ڪندو هو. پاڻ فرمايائون ته اسان جي ڳوٺ مان هڪڙي شخص نالي جعفر مشوري کي اولاد ڪانه ٿيندي هئي اهو به اولاد لاءِ آندل مجذوب ڏي ويو، ان کي گاريون کونه ڏنائين باقي چيائين گهر ۾ ”مخدوم“ وينو اتو ته به آندل ڏي پڳا ٿا اچو وڃ به پٽ ٿيندئي. برابر اُن کي به پٽ ٿيا. ”مخدوم“ جو اشارو پاڻ ڪريمن ڏي ڪيو هئائين. پاڻ فرمايائون ته رمضان شريف ۾ اعتڪاف ۾ وينا هئاسون. پر ڪا به ڪيفيت ظاهر نه پئي ٿئي اهو عرض پير سائين جن کي ڪيوسون. پاڻ فرمايائون فلاڻي رات تي خيال ڪري ويهجان ته توهان سان مهرباني ٿيندي. رات جو ذڪر شريف ڪري مراقبه ۾ وينا هئاسون. ڏٺو سون ته پير سائين اسان جي آڏو تجلي سان لنگهيا. پوءِ اسان پنهنجي قلب ۾ خيال ڪيوسون. ڏٺو سون ته اسان جي قلب ۾ پاڻي وانگر ڪا شيءِ ٽيپو ٽيپو اندر وڃي

ٿي. وري انهي ڪان وڏيڪ پاڻي جي ڌار وانگر وهڻ لڳي. وري ننڍي واهي وانگر پاڻي وهڻ لڳو پوءِ درياء وانگر ڏسڻ ۾ آيو. جنهن جي ڪا ڪنڌي ڪنار ڪا نہ هئي. پاڻ فرمايائون تہ اسان ائين سمجهون ٿا تہ اسان جي قلب مان سڄو جهان فيض وٺي ٿو. پهريان پهريان اسان کي سچا خواب ڏسڻ ۾ ايندا هئا. هڪڙي دفعي خواب ۾ ڏٺوسين تہ فقير محمد وڏو نارنگي لوئي سان عبدالمتين کي مدرسي ۾ پڙهائڻ جي لاءِ وٺيون ٿو اچي. صبح جو ڏٺوسين تہ برابر نارنگي لوئي سان محمد صالح چوڪري عبدالمتين کي وٺي آيو. رات جو خواب ۾ ڏٺوسين تہ اسان اڏامون ٿا. ٻانهن کي پرن وانگر هلايون ٿا اڏامندي مديني شريف وڃڻ جو ارادو ٿيو. مديني شريف واري رستي سان وڃون پيا واٽ تي اٺن جا قافلا ويندي ڏٺاسون. اڏامندي جبل لڪ واٽون ڏسندا وياسون. اچي مديني شريف جي ڪوٽ جي پرسان لٿاسين. دروازي کان اندر وڃي روضي پاڪ ڏي وڃڻ جو ارادو ڪيوسين ڏٺوسون تہ حرم پاڪ ۾ دستر خوانان وڇايل آهن، انهن جي مٿان اڇي رنگ جو طعام

رکيل آهي. جماعت اهو طعام کائي رهي آهي. هتان جو مولوي محمد عيسىٰ چنہ بر پٽ کان مديني شريف ويل هو کيترا ڏينهن گذري ويا جو سندس مائٽن کي پتو کونہ هو جيئرو آهي يا مري ويو آهي؟ اسان ڏٺو تہ مولوي محمد عيسىٰ بہ اتي جماعت سان گڏ ماني کائي رهيو آهي. اسان ماني ڏي خيال نہ کيو. سڌو روضي پاڪ ڏي وياسين اتان جيڪا مهرباني ٿيڻي هئي سا ٿي. صبح جو مولوي محمد عيسىٰ جي مائٽن کي چيوسين تہ مولوي محمد عيسىٰ مديني شريف ۾ جيئرو وينو آهي. ڪن ڏينهن کان پوءِ پاڻ بہ اچي ڳوٺ نڪتو جڏهين اسان پهرئين حج شريف تي ويا هئاسين تہ جيڪي خواب ۾ جبل ۽ رستا ڏٺا هئاسون اهي ساڳيا اُئين نظر آيا.

تاج پوشي

حضرت مشورين وارا سائين فرمائيندا هئا تہ اسان کي حضرت پير سائين جن فرمايو هو تہ توهان جمعي جي نماز اسان سان گڏ پڙهندا کيو ۽ وعظ بہ کندا کيو. انهي کري جمعي جي ڏينهن نماز جي تياري کري پنڌ درگاهه شريف تي ويندا هئاسين. درگاهه شريف تي پير سائين جن نماز پاڻ پڙهائيندا هئا خطبہ سندن وڏو فرزند محمود شاهه پڙهندو هو ۽ جڏهين بہ جمعي نماز تي ايندا هئا تہ دستار مبارک پائي ايندا هئا، انهي سان نماز پڙهائيندا هئا. نماز بعد دستار مبارک خوشبودار رومال ۾ ويڙهي حاويلي پاڪ تي موڪليندا هئا. هڪڙي جمعي تي دستار مبارک پائي نماز پڙهاياڻون دستار مبارک پاتل هجين حاويلي پاڪ تي دستار کو نہ موڪليائون. اچي مجلس ۾ وينا. جڏهين بہ مجلس ۾ اچي وهندا هئا تہ جيستائين پاڻ نہ ڳالهائيندا هئا تيستائين جماعت بنا ڳالهائڻ جي ادب سان وينا هوندا هئا. پاڻ ڪجهہ وقت فکر ۾ هئا پوءِ اوچتي فرماياڻون تہ مولوي محمد قاسم مشوري کٿي آهي؟ اسان همشہ جماعت جي پنيان جتين واري جاءِ تي ويهندا هئاسون. عرض کيم تہ قبلا ٻانهو حاضر آهي. پاڻ سڏي پنهنجي پرسان ويهارياڻون ۽ فرماياڻون تہ حضور کريم صلي

الله عليه و آله و سلم بن ٽن جمعن کان فرمائيندا ٿا اچن ته اسان جي امانت مولوي محمد قاسم مشوري کي ڏي. اسان ڍر پئي ڪئي اڄ ڏوراپو مليو آهي ته ٽيٽر ٻه اسان جا تون ڏيڻ ۾ سستي ڇو ٿو ڪرين؟ اسان جي امانت مشوري کي ڇو نه ٿا ڏيو؟ اسان ڪان پنهنجي امانت ونو پوءِ فرمايائون ته پنهنجي دستار لاهيو. اسان پنهنجي دستار لاٿي ته پير سائين جن پنهنجي دستار مبارڪ مٿي تان لاهي اسان کي پارائي، لٺ، تسبيح، مصلو مبارڪ ڏنائون ۽ چيائون ته امانت جي مالڪ کي امانت ڏنيسون. انهي نعمت جون مبارڪون ڏنائون پوءِ پاڻ ٻه ڏاڍو رنا ۽ ساري جماعت ۾ ٻه گريه پيدا ٿيو ۽ عرض ڪيوسين ته قبلا! مون ۾ ته ڪا لياقت ڪا نه آهي. پاڻ فرمايائون توهان پنهنجو پاڻ وچ ۾ نه آڻيو جيڪڏهين توهان ڪان ڪو ذڪر شريف پڇي ته ذڪر شريف ڏئي ڇڏيو ائين سمجهو ته انهي کي مالڪن موڪليو آهي. جيڪو پڙهڻ لاءِ اچي انهي کي پڙهايو ائين سمجهو ته اسان تي اها نوڪري رکي اٿن. دعائن وارا اچن، تعويذ وٺڻ اچن ته سيني کي ڏيندا وجو پاڻ مان نظر ڪٽي موڪليندڙ کي ڏسو. جڏهن پير سائين دستار مبارڪ ۽ امانت مشورين واري سائين جي حوالي ڪئي ته سندس پاءُ ميان حسين شاهه ۽ ٻيا پير ۽ عزيز، پير سائين جن تي ڪاوڙيا ته توهان کي پنهنجي اولاد آهي. اسان

پائر آهيون اسان کي امانت ݨتا ڏيو مشوري کي تا ڏيو. پاڻ پٽ تان ڪک ڪٽي فرمايائون تہ اسان جي شيءِ هجي تہ هتيري ٻہ ٻين کي نہ ڏيون منهنجي شيءِ نہ آهي. مالڪن جي آهي جنهن تي راضي تين انهن کي ڏين. هن دستار مبارڪ لاءِ حضرت تخت ڌڻي قدس سره الاقدس پيشين گوئي فرمائي هئي تہ ”هت مشورين ۾ اسان جي دستار ۽ امانت ڪيئن“؟ هي دستار مبارڪ اها چئي وڃي ٿي جا حضرت پاڪ شهيد محمد بقا شاهہ قدس سره الاقدس، پير سائين روضي ڌڻي قدس سره جي والد صاحب جي آهي. انهي دستار مبارڪ ۾ چورن جا ڌڪ لڳا هئا. جنهن ۾ شهيد ٿيا هئا. سيد محمد بقا شاهہ ننڍو جيڪو هاٽي نالي وڏي سان مشهور آهي ان کي مليل هئي پوءِ اها دستار پير سائين امام الدين شاهہ کي ڏنائون. تنهن وقت فرمايائون تہ هي توکي تا ڏيون تو وٽ امانت تا رکون. هي ڪم جي شيءِ آهي. پوءِ جيڪڏهين پنهنجي اولاد ۾ ڪو اهڙو ڏسين تہ ان کي ڏجان يا ڪو اسان جي اولاد مان ڏسين تہ انهي کي ڏجان يا جي ڪو پير سائين روضي واري قدس سره جي اولاد ۾ ڏسين تہ ان کي ڏجان يا ڪو حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه و آله و سلم جي امت ۾ ڏسين تہ ان کي ڏجان. جي ڪٿي ٻہ نہ ڏسين تہ پوءِ درياء وجهي ڇڏج ائين چئي ڪٽي پنهنجي مٿي مبارڪ ۾ ٻڌائون. پوءِ وري

لاٿائون تہ لاهڻ سان البت ڍهي پئي تڏهين مون چيو تہ قبلا!
جيڪر ٻڌل هجي تہ چڱو جو اوهان سان مشرف ٿي هئي.
تنهن تي پاڻ فرمايائون تہ ايئن نہ اسان جو مٿو پاڻ هن سان
مشرف ٿيو آهي. مون عجب وانگي چيو تہ قبلا! اهو ڪيئن؟
تنهن تي فرمايائون تہ تو ڏٺا ڪو نہ هئا. تڏهين ٿو ايئن چوين
نہ تہ ايئن نہ چئين. پاڻ ڪريم جڏهين پير سائين جي درگاهہ
تي ايندا هئا تہ عام ننگر مان ماني کائيندا هئا. هڪڙي پيري
پيرسائين جي جاءِ تان سندن پڦي پير سائين جي اجازت کان
سواءِ خاص ماني سندن ڏي موڪلي. پاڻ ماني موٽائي
موڪليائون تہ اسان ننگر مان کائينداسين. پير سائين جن
فرمايو تہ جي اها ماني کائي ها تہ فيض نہ ٿئيس ها. پير سائين
جن فرمايو تہ اسان جي باغ مان جيڪو بہ مريد بنا موڪل جي
ڪا شيءِ ڪٽندو تہ ان کي بہ فيض نہ ٿيندو. پاڻ ڪريم تمام
اديب هوندا هئا. ڪڏهين بہ درگاهہ شريف ڏي پير ڪري نہ ستا.
درگاهہ شريف تي پير سائين جي زيارت لاءِ ايندا هئا تہ هميشہ
پيرين پنڌ ايندا هئا. ضعيفائي جي ڪري ڪنهن سواري تي
ايندا هئا تہ بہ شهر مبارڪ کان ٻاهرسواري جهلي پيرين پنڌ
زيارت لاءِ ايندا هئا.

مشورين وارا سائين صبح کان شام تائين مسجد
شريف ۾ طالبن کي پڙهائيندا هئا. سومهڻي نماز کان پوءِ

ڪڏهن ڪتابن جو مطالع ڪندا هئا. ڪڏهين مراقبہ ۾ ويهي رهندا هئا. سندن وڏي فرزند جو چوڻ آهي تہ هڪڙي رات پاڻ سومهڻي نماز کان پوءِ مسجد جي محراب ۾ ڪمبل مٿان وجهي مراقبہ ۾ ويهي رهيا. اسان کي تنبيهہ ڪندا هئا تہ سومهڻي نماز کان پوءِ سبق کي پيرا بہ ڏيو اڳتي مطالع بہ ڪيو. اسان تي ننڊ غلبو ڪيو. اسان خيال ڪيو تہ الائجي ڪڏهين مراقبہ مان اٿي حاويلي تي ويندا لڪي پاسو وٺي گهر آياسين اجا جو ڏٺو سين تہ پاڻ ڪريم اڳئي ساڳي ئي ڪمبل سان ڪٺ تي مراقبي ۾ ويٺا آهن. هڪڙي پيري پاڻ پنهنجي ڪمري ۾ هئا، جو جاءِ تان ٻانهي کي چيو ويو تہ سائين جن کي ماني ڏئي آءُ. ٻانهي ماني کڻي جان اچي ڪمري ۾ ڏسي تہ پاڻ ٽڪرا ٽڪرا ٿيل هئا. ڪاٿي ٻانهن، ڪاٿي پير، ڪاٿي مٿو مبارڪ. ٻانهي خوف کان موٽي اچي جاء تي ڳالھ ڪيائين. ٿوري دير کان پوءِ پاڻ سڏ ڪيائون پوءِ ٻانهي ماني ڏئي آئي. قادري طريقہ ۾ هي هڪڙو مقام آهي جنهن ۾ عضوا ٽڪرا ٽڪرا ٿيندا آهن. گهڻن قادري طريقہ جي بزرگن کان اها واقعات صادر ٿي آهي. حضرت تاج ڏٺي مشورين وارا سائين فيض جا ٻي ڪنار درياء هئا. مئل دليون جيئريون ڪري ڏيکاريائون. سندن نظر مبارڪ ۾ ڪيميا جو اثر هيو جو وجود کي ڪايا پلٽ ڪري ڇڏيندا هئا. ڪتنيل قلب اهڙي طرح

روشن ڪيائون جو روءِ زمين اڪين جي آڏو ڏسڻ ۾ ايندي هئي. سندن خادمن مان هڪڙي عورت جو چوڻ آهي تہ ٩ ذوالحج جي رات مان ذڪر شريف ڪري رهي هيس تہ منهنجي ڪيفيت مٿي منهنجو وجود مرشد ڪريم مشورين واري جي وجود ۾ مٽجي ويو. سڄو وجود مردانو ڏسڻ ۾ آيو. اجا جو پاڻ ڏي نظر ڪيان تہ بدن ڪائي وانگر ڏسڻ ۾ آيو. اندريان عضوا قلب ڏسڻ ۾ پيو اچي. ٻاهر جو نظر ڪيان جتي ارادو پئي ڪيان اهو هنڌ ڏسڻ ۾ پيو اچي. مديني شريف ڏي اسان جا ڪي پاڙيسري لڏي ويا هئا. مديني شريف ڏي خيال ڪيم تہ مدينو شريف ڏسڻ ۾ پيو اچي. انهن پاڙيسرين جي گهر ۾ نظر ڪيم تہ اُهي ڏسان پئي پنهنجي گهر ۾ وينا آهن پاڻ ۾ ڳالهيون پيا ڪن. ويجهي يا پري جنهن هنڌ ڏي نظر پئي ڪيان اهو ڏسڻ ۾ پيو اچي. روءِ زمين جڻ منهنجي اکين جي آڏو هئي. ڪجھ وقت ڪان پوءِ اها ڪيفيت مٽي پنهنجو ساڳو وجود ڏسڻ ۾ آيو. حضرت قبلا تاج ڏٺي مشورين وارا سائين فرمائيندا هئا تہ انهي مرشد ڪي مريد ڪرڻ گهرجن جو پنهنجي مريد جو هر وقت، هر هنڌ، هرحال ڏسي سگهي. جي اهو حال نہ اٿس تہ مريد نہ ڪري. پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهين ڪو مريد ڏسي تہ مان جبل تان هيٺ ڪران ٿو. انهي جبل جي هيٺان هڪڙي اونهي کڏ آهي جي مٿان ڪرندس تہ هڏو هڏي سان نہ

ملندو اهڙي مصيبت جي وقت جي مرشد کي مدد لاءِ سڏ نہ
ڪري تہ ٺُڪ هجي اهڙي مريد کي جو مشڪل ۾ مرشد کي نہ
ٿو سڏي. پر جي مرشد کي سڏ ٿو ڪري پر مرشد نٿو پهچي
سگهي ۽ مريد جي مشڪلڪشائي نٿو ڪري سگهي تہ بہ پيرا
ٺڪ آهي اهڙي مرشد کي جو مريد کي نٿو پهچي سگهي تہ
اهڙو مريد چو ٿو ڪري. هڪڙو ڏوڪري ۾ ايگريڪلچر جو
آفيسر هو انهي کي حڪومت جي طرفان ولايت ۾ پڙهڻ لاءِ
حڪم آيو. جڏهين وڃڻ وارو ٿيو تہ درگاھ شريف تي تاج ڏٽي
مشورين وارن سائين کان موڪلائڻ آيو. عرض ڪيائين تہ
انگليند ٿو وڃان اتان جو ماحول تمام خراب آهي مهرباني
ڪري دعا ڪريو تہ اهڙي خراب ماحول مان بچي اچان. هتان
دعا گهرائي ويو. ولايت ۾ سوئر جو گوشت عام جام ڪائيندا
آهن تنهن ڪري مان گوشت استعمال ڪونہ ڪندو هوس،
سائي ڀاڄي وني ڪائيندو هوس. اتي اڏ اگهاڙيون حسين
عورتون گهمن ڦرن پيون. مان پاڻ کي گهڻو بچايو پر آخر
هڪڙي حسين عورت ڏانهن نفس جو لاڙو ٿي پيو.
پرهيزگاري هٿيار ڦٽي ڪيا. انهي کي هاسٽل ۾ پنهنجي
ڪمري ۾ وني آيس. هنڌ وڇايل هيو. ڪٽ تي وهاريومانس
چيومانس تہ چانهہ تيار ڪيان تہ اها پيئون. اسٽوپ ٻاري چانهہ
رکي عورت ڏي نظر ڪيم تہ اها ڏسڻ ۾ ڪانہ آئي، ڪٽ تي

مشورين وارا سائين وينا آهن. ڏاڍو لڇي ٿيس ڏسڻ سان خوف ٿيو ۽ ايماني جوهر غلبو ڪيو. وري چانهه ڏي ڏسي ڪٿ تي ڏنم تہ پاڻ ڪونہ هيا. ساڳي عورت ويٺي هئي منهنجي حالت بدليل هئي ڏسي چيو مانس تہ هتان نڪري وڃ. چيائين توکي هاڻي ڇا ٿي ويو آهي؟ مون چيو تہ جيڪي ٿيو آهي سو ٿيو ڏڪا ڏئي دروازي کان ٻاهر ڪڍيومانس تڏهين قرار آيو. جماعت ۾ اهڙا واقعات گهڻا ٿيا آهن جن سان اها مهرباني ٿي آهي تن مان ڪي شخص حيات بہ آهن ۽ ڪي وفات ڪري ويا آهن. هڪڙو شخص سکر جو رهندڙ جنهن جو چورن سان تعلق هوندو هو توبہ تائب ٿي اچي ذڪر شريف ورتائين. انهي وقت ڪليڪشن ڪوف ۽ ان جو گوليون هن وٽ موجود هيون. سنگت کي جواب ڏنائين تہ هاڻي مان توهان سان گڏ نہ هلندس ڪراچي ڏانهن ڪو ڪم ڪار ٿيس انهي ڪري اوڏانهن ويو. ڪليڪشن ڪوف ۽ گوليون پنهنجي اوطاق ۾ ڪڏ ڪٽي پوري ڇڏيائين. سندس سنگتي هن جي پر پٺ چغلي هڻين پوليس کي اطلاع ڪيائين تہ فلاڻي جي اوطاق ۾ ڪليڪشن ڪوف ۽ گوليون پوريل آهن. پوليس هن جي گهر کي ڇاپو هنيون صوبيدار اها جاءِ کوٽائي تہ اتان ڪليڪشن ڪوف جي بدران هڪڙو ڪاٺ جو ڏنڊو ۽ ڪي ڪانين جا ٽڪر نڪتا پشيمان ٿي واپس ويا. هي شخص

جڏهين ڪراچي ڪان موٽي آيو اهو صوبيدار واٽ تي مليس ۽ پڇيائين ته پنهنجي اوطاق ۾ چا پوري ويو هئين؟ هن بي اختيار جواب ڏنو ڪاٺ جو ڏندو هوندو بيو چا هوندو. صوبيدار چيو ته فلاڻي شخص اسان کي چيو ته تنهنجي گهر ۾ ڪليڪشن ڪوف پوريل آهي، اتي ڪوٽيوسين ته ڏندو ۽ ڪاٺ جا ٽڪر نڪتا. هي حيرت ۾ پئجي ويو گهر آيو ته پٽس به ڪاوڙ ڪيس ته اجان چورن جي سنگت نٿو ڇڏين، تون ويو آهين ته پوليس گهر تي ڇاپو هنيو هو نڪتو ته ڪجهه ڪو نه. پوءِ پاڻ وري وجي اوطاق ۾ اها جاءِ کوٽيائين ته ساڳي ڪليڪشن ڪوف ۽ گوليون نڪتيون. اهو هت درگاهه شريف تي آيو مشورين واري سائين کي سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايائين. پاڻ فرمايائون ته ٻچڙي سنگت ڇڏي ڏي ۽ هي بيت فرمايائون.

جو ڏڻ ڏناران ڏار چري سا چانگ ئي ڪٽي ڇڏ
پڪا تن پليتن ڪان وجي پراهان اڏ
تن لوئين ونان لڏ جنجي مهڙ ناهه ملير ڏي.

نوشهري جو هڪڙو ميمڻ نالي حاجي محمد يوسف هو انهي کي پاڻ ڪريمن قلبي ذڪر شريف ڏنائون. جڏهين مري ويو ته پوءِ به انهي جو قلب هلي پيو. ڪن چيو ته اجا جيئرو

آهي پر ڊاڪٽرن چيو تہ مري ويو آهي. قلب هلندو رهيو ٿي جو قبر ۾ پوري آيس. هڪڙي پيري پاڻ جيپ ۾ ڪنهن دعوت تي وڃي رهيا هئا. جيپ وارن مان هڪڙي چيو تہ ڪالهہ لاڙڪاڻي پرچوندي وارا بزرگ آيا هئا اهي جيپ ۾ پيا وڃن تہ سندن مريد مرشد جي پنيان پيادل ڊڪندا پيا وڃن. پاڻ فرمايائون تہ اولياء الله جي نظر ۾ اهڙو اثر آهي جو جيڪڏهين ڪنهن جانور تي نظر ڪن تہ ڊڪندو ايندو. ايتري ۾ هڪڙو مال جو ولر رستي تي بيٺو هيو انهن مان هڪڙي وهڙيءَ جي مٿان سندن نظر پئي. جڏهين مال ڪان پاسو ڪري جيپ هلڻ لڳي تہ پنيان اها وهڙي جنهن تي نظر مبارڪ وڌي هئائون جيپ جي پنيان ڊڪندي تي آئي. گهٽي پنڌ ڪانپوءِ ڏٺائون تہ وهڙي جيپ جي پنيان ڊوڙندي تي اچي. پاڻ جيپ بيهارايائون تہ اها وهڙي سندن منهن مبارڪ جي سامهون اچي بيهي رهي پاڻ بہ انهي ڏي نهارايائون پوءِ اها وهڙي پوئين پيرين موٽي وئي.

سنہ 1965 عيسوي جي لڙائي وقت هڪڙو هندوستان جو مسلمان فوجي هت درگاهہ شريف تي آيو جنهن ڳالهہ ڪئي تہ هندستان جي طرفان اسان پاڪستان جي مٿان بمباري ڪرڻ آيا هئاسين. سکر پل جي مٿان بم پيو اڇلايان تہ هڪل ٿي تہ بم

نہ اچل. اجان جو ڏسان تہ هوا ۾ هڪڙو سفيد لباس بزرگ آهي انهي هڪل ڪئي هئي ”بم نہ اچل“. مان بي حيائي ڪري بم اڇلايو تہ انهي بزرگ بم کي هٿ ۾ وٺي درياء ۾ اڇلائي ڇڏيائين. مان ڏاڍو پشيمان ٿيس تہ مان مسلمان ٿي ڪري پاڪستان جو غدار ٿو ٿيان. نوڪري ڇڏيم توبہ تائب ٿيس پاڻ کي پاڪستان جو قيدي سمجهي هٿن ۾ لوهه جا ڪڙا وجهي ڳوليم تہ انهي بزرگ کان معافي وٺان جنهن مونکي بم هٽڻ کان جهليو هو. ڳوليندي ڳوليندي درگاهون پڇائيندي هتي درگاهه مشوري شريف تي آيو. ڇيائين اهو بزرگ هي آهي جنهن مونکي بم هٽڻ کان جهليو هو. مالڪن کان معافي ورتائين پوءِ اهي لوهي ڪڙا ڪيرائي ڇڏيائين. حيدر آباد جو هڪڙو شاهہ صاحب درگاهه مشوري شريف تي دعا گهرائڻ آيو تہ گذران تنگ آهي ڪا بہ ڪشايش نہ ٿي ٿئي. دعا گهرائي اسٽيشن تي ويو اتي خيال آيس تہ جيڪر ذڪر شريف وٺي وڃان. وري موٽي درگاهه شريف تي آيو اچي مشورين واري سائين کي عرض ڪيائين تہ ذڪر شريف ڏسيو. پاڻ ان کي ترسايائون تہ ڪجهہ ڏينهن هت هج. لاچار مرشد جي حڪم موجب رهي پيو. پوئتي حاويلي تي فاقن جي نوبت هئي. صبح جو ماني هئي تہ شام جي لاءِ ڪا نہ هئي. قرض ڪٽي ڪٽي تنگ ٿي پيو هو. خيال ڪيائين تہ پوئتي رات جي ڪاڏي

لاءِ ڪجھ بہ ڪو نہ ونئي ڏئي آيو آهيان. پوئتي جو ڏاڍو انتظار هجيس. يارهن ڏينهن ڪانپوءِ واپس حيدرآباد آيو. ڏاڍو انتظار هجيس تہ اهي يارهن ڏينهن الائي ڪيئن گذريا هوندا. جڏهين گهر پهتو تہ ڏٺائين تہ طعام تيار ٿيا پيا آهن. گهر وارن کي چيائين تہ هي توهان کي ڪنهن ڏنا؟ چيائون تہ توهان جو پنج سو روپيہ موڪليا هئاءِ جنهن ڏينهن ويا هيئو انهي شام تي هڪڙو بزرگ سفيد لباس اسان کي پئسا ڏئي ويو چيائين تہ هي مشرف شاھ ڏنا آهن، پاڻ ڪجھ ڏينهن کان پوءِ ايندو پار پتا مشورين واري سائين جا ڏنائون تہ اهو ڏئي ويو آهي.

”تاج ڏٽي“ مرشد ڪريم مشورين واري سائين جون هزارين ڪرامتون جماعت ۾ ٿيون آهن جو مشڪل ۾ پنهنجي مريدن جي دستگيري ڪئي اٿن. دلين جا احوال ائين معلوم هين جڻ اڳيان آئينو رکيل آهي. اهڙا ڪي ئي واقعات ڏسڻ ۽ ٻڌڻ ۾ آيا آهن. حضور ڪريم صلي اللّٰہ عليه و آله و سلم جي حضور ۾ وڏي عزت جا مالڪ آهن. سندن وقت جي بزرگن جو چوڻ آهي تہ حضور ڪريم صلي اللّٰہ عليه و آله و سلم جي حضور ۾ جتي اسان جون ٽوپيون رلنديون هيون اتي مشورين واري سائين جي رڳو لب مبارڪ چورڻ جي دير هوندي هئي. پاڻ ڪريمن ڪيترن کي حضور ڪريم صلي اللّٰہ عليه و آله و

سلم جي زيارت ڪرائي آهي. ڪتيرن بزرگن کان جڏهين حضور ڪريم صلي الله عليه و آله و سلم رنج هئا انهن کي حضور صلي الله عليه و آله و سلم پرچائي ڏنائون. مشورين وارا سائين حضور ڪريم صلي الله عليه و آله و سلم جا دادلا هوندا هئا ۽ آهن اڄ بہ مشڪل ڪشائي ۾ رهبري ڪري رهيا آهن.

”تاج ڏٽي“ مشورين وارا سائين هر هنڌ حاضر ٿي سگهندا هئا. مديني شريف مان خط ايندا هئا تہ پاڻ حج شريف تي مديني شريف ۾ اسان کي مليا آهن حالانڪ پاڻ درگاھ شريف تي موجود هوندا هئا اهڙا خط اسان وٽ موجود آهن. مشورين واري سائين جون ڪرامتون جماعت ۾ بي انداز ظاهر ٿيون آهن جي هن ننڍي رسالي ۾ بند نہ ٿيون ڪري سگهجن يڪ مشت نمونہ خروار.

١. ڊاڪٽرن جي لا علاج ڪيل کي شفا وٺي ڏيڻ.
٢. حياتي ختم ٿيلن کي نئين حياتي وٺي ڏيڻ.
٣. گونگن ٻوڙن گم ٿيلن کي حاضر ڪرڻ.
٤. جيڪي حالات ظاهر نہ ٿيا آهن انهن جي اڳي خبر ڏيڻ.

٥. جيڪي دل ۾ سوال ڪري ايندا هئا انهن کي ظاهر ڪري انهن جا جواب ڏيڻ.

٦. ٿوري طعام ۾ شين ۾ برڪت پوي جو گهڻ ڏينهن تائين هلن پيٽرول جي ٽانڪي ۾ پيل پيٽرول ڇهن مهينن تائين گاڏي هلائڻ ته به نه کٽي.

٧. مشڪلاتن ۾ دستگير ڪرڻ.

انهن ڪرامتن جا پنهنجي جماعت ۾ هزارين مثال آهن، جو انشاءالله تعالىٰ "تاج ڏٽي" مشورين واري سائين جي ملفوظات شريف "نفحات الانس في حضيرت القدس" ۾ تفصيل وارا بيان ڪيا ويندا. سيدن جو ادب ۽ تعظيم گهڻي ڪندا هئا ڪهڙو به غريب سيد ايندو هو ته ان جي ملڻ لاءِ اٿي بيهندا هئا انهن جي هٿن کي چمندا هئا. ڪنهن کي به سيدن ڏي پٺي ڪرڻ نه ڇڏيندا هئا. سيدن کي هميشه مٿي عزت سان وهاريندا هئا. سندن جيڪو به حڪم هوندو هو سو حتىٰ الوسع پورو فرمائيندا هئا. سيدن جي دعوت تي جي سيد حاويلي ۾ اندر دعوت جو انتظام ڪندا هئا ته پاڻ حاويلي جي ادب ڪري جتي مبارڪ ٻاهر لاهي پوءِ اندر گهڙندا هئا. ڪڏهن به پاڪن بيبين سڳورين جي منهن نه پوندا هئا ۽ نه ڪنهن کي منهن پوڻ

ڇڏيندا هئا. ڪيترا غير سيد ڪوري، بروهي سيد سڏائي اچي خيرات گهرندا هئا. حالانڪ پاڻ انهن کي سڃاڻندا بہ هئا تہ سيد نہ آهن تہ بہ انهن جو ادب ڪندا هئا، تعظيم سان وهاريندا هئا، خاص ماني کارائي خيرات ڏئي ڇڏيندا هئا. پاڻ فرمائيندا هئا تہ جنهن جزي جو ادب نہ ڪيو تنهن ڇڻ ڪل جو ادب نہ ڪيو. مرشد جي اولاد جو بہ اهڙوئي ادب آهي جهڙو مرشد جو. موجوده گادي نشين پير پاڳارا حضرت قبلا پير سائين ميان سڪندر شاهہ صاحب جن لاڙڪاڻي ۾ آيا هئا تہ پاڻ ڪريم سندن سان ملڻ ويا هئا. جتي پير صاحب جي رهائش جو بندوبست هو انهي جاء جي ٻاهران جتي مبارڪ لاهي پوءِ پير صاحب سان ملڻ ويا هئا ۽ جڏهين ٻاهر آيا تہ پوئين پيرين موٽيا تہ جئين موٽڻ مهل شاهہ صاحب ڏي پني نہ ٿئي. پاڻ ڪريم جڏهين بہ مجلس ۾ ويهندا هئا تہ قبله شريف ڏي منهن ڪري ويهندا هئا پاڻ فرمائيندا هئا تہ قبلہ کي پني ڏئي وهڻ سان قلب ڪارو ٿو ٿئي.

دين جي تبليغ

مشورين واري سائين تدريس، تحرير ۽ تقرير ٽنهي قسمن سان دين جي خدمت ڪيائون. تدريس جو اهڙو حق ادا ڪيائون جو سندن سڄي حياتي پڙهڻ پڙهائڻ سان گذري آهي. جڏهين پاڻ کي ڪجھ تڪليف ٿي پين جو ڪرسي مبارڪ تي ايندا هئا، اهڙي حالت ۾ بہ ظهر جي نماز کان پوءِ حديث شريف جو دورو پڙهائيندا هئا. اڄ ڏينهن تائين درگاھ شريف تي درس تدريس، تبليغ، ذڪر و فڪر جو ڪم هلي ٿو. انشاء الله تعالیٰ قيامت تائين قائم رهندو. آمين تحريرات جو ڪم بہ وڏي پيماني تي هلندو هو ۽ خميس جو ڏينهن خاص تحريرات جي ڪم لاءِ مقرر ٿيل هو. هزارين ماڻهون شرعي فيصلا طئہ ڪرائي ويندا هئا ۽ وقت جا وڏا وڏا عالم پنهنجون تحريرون صحيح ڪرائڻ ايندا هئا. تبليغ جو حق وعظ ۽ تقرير سان ڪما حقه ادا ڪيائون. دور دراز ملڪن ۾ سفر ڪري حضور ڪريم صلي الله عليه و آله و سلم جي امت جي رهبري ڪري ايندا هئا. درگاھ شريف تي خاص ڪري جمعي جي ڏينهن نماز کان پوءِ وعظ فرمائيندا هئا. وعظ ۾ تمام گهڻو

اثر هوندو هو جو وعظ ٻڌڻ کان پوءِ ڪيترا بي دين دينداربڻجي ويا. ڪيترا غير مذهب سندن هٿ مبارڪ تي مسلمان ٿيا. جڏهين قال چڏي حال جو گفتگو ڪندا هئا ته ڪيترا ماڻهون وجد ۾ اچي اڏ ڪنل پکي وانگر پٽ تي ڪري ڦٿڪندا هئا. اسم ذات جي ضرب هڻندي داهون ڪندا هئا. هر هڪ جمعي تي سون نه بلڪ هزارن جي تعداد ۾ دور دراز ملڪن کان عاشق اچي گڏ ٿيندا هئا. جمعي جو ڏينهن خاص جماعت لاءِ هوندو هو. باقي سڄو هفته طالبن جي سبقن ۾ شرعي معاملن نبيرڻ ۾ روحاني طالبن جي ذڪر اذڪار لاءِ هوندو هو. هر ماهه پهرين اربعه خلوت ۾ مراقبه لاءِ مقرر هوندي هئي. شرعي مسئلن لاءِ ته هر وقت خلق جا انبوهه هوندا هئا. پاڻ کي حلم ۾ سخاوت ايتري قدر هوندي هئي جو ڪڏهين به سائلن کان تنگ يا ڪک ڪونه ٿيندا هئا. غبي طالب ڪٽي ڪيترو به ساڳو لفظ وري وري پڇندا هئا ته به پاڻ پيار سان انهن کي سمجهائيندا هئا.

سخاوت

سخي اهڙا هوندا هئا جو جيڪو به جيڪي گهرندو هو ته ”نه“ ڪو نه فرمائيندا هئا. جي موجود هوندو هو ته اهو ڏيندا هئا. جي نه هوندو هون ته اوڌر تي قرض وٺي به سائلن جو سوال پورو ڪندا هئا. سندن ننگر تي سوين نه بلڪ هزارين خلق سڄي عمر پلندي رهي آهي ۽ پلندا رهن ٿا. سندن نظر مبارڪ ۾ دنيا خواه دنيا جي هرشيءِ پترن ڪان به گهٽ هوندي هئي. اوائلي وقت ۾ پاڻ پئسن کي هٿ به نه لائيندا هئا. ظاهري باطني طالبن کي دنيا جي محبت ڪان هر وقت منع فرمائيندا هئا.

ادب

پاڻ اهڙا اديب هوندا هئا جو سندن جو مثال ليڻ محال آهي. جڏهين به مديني شريف ويندا هئا ته شهر جي حدن اندر ڪڏهين به بول براز، قضا حاجت نه ڪندا هئا. گرمي هجي توڙي سردي شهر جي حدن ڪان ٻاهر نڪري پوءِ مهريز ڪندا هئا.

سياست سان تعلق

پاڻ سياست کان با خبر ۽ مدبر هئا جا سياست دين سان شامل آهي انهي لاءِ ڪوشش ڪندا رهندا هئا. اسلامي قانون جاري ڪرڻ لاءِ نهراءُ پاس ڪري حڪومت کي پر زور ڪوشش ڪندا هئا تہ پاڪستان ۾ اسلامي قانون نافذ ڪيو وڃي. هر دؤر ۾ هر هڪ سربراهہ مملڪت کي حق چوڻ ۽ ڳالهائڻ کان ڪڏهين بہ نہ ڊنا. حتيٰ ڪہ صدر پاڪستان ضياء الحق صاحب کي اسلام يا سيڪيولر ازم مان هڪ نظريہ کي ملڪ ۾ نافذ ڪرڻ لاءِ ريفرينڊم ڪرائڻ جي خيال کان بہ منع پاڻ ڪئي هئائون. پاڻ ڪريمن صدر ضياء الحق کي چتاء ڏنو هو تہ پاڪستان اسلام جي نالي تي قائم ٿيو آهي تنهنڪري اتي سيڪيولر ازم لاءِ ريفرينڊم ڪرائڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. اهو خيال ڪرڻ بہ پاڪستان جي نظريہ جي خلاف آهي. اهڙي خط جو نقل اڄ بہ دار الافتاء شرعي جامعہ عربيہ مشوري شريف ۾ موجود آهي. اهڙي طرح زڪواة و عشر جي نفاذ بابت هڪ صدارتي آرڊيننس نافذ ڪيو ويو هو. انهي لاءِ حڪومت جي طرفان هڪڙي تحرير لکي ويئي جنهن ۾ ڪيتريون خاميون هيون تنهن ڪري پاڻ ڪريمن انهي جي اصلاح لاءِ هڪڙي تحرير لکي صدر ڏي ڏياري موڪلي هئي.

پاڻ ڪڏهين بہ ڪو زماني جو ڪم حڪومت وارن کي نہ چوندا هئا نہ ڪڏهين ڪا حڪومت جي امداد ورتائون. رب ڪريم تي ايڏي توڪل هوندي هين جو فرمائيندا هئا تہ سارو جهان اسان جو عيال هجي گيني تي اَن جي پاڻي ملي تہ بہ اسان جي وار کي بہ لوڏو نہ ايندو ڪا بہ ڳڻتي ڪا نہ ٿيندي. جڏهين بہ ملڪ جي مٿان ڪا مصيبت پوڏ وغيره ايندي هئي تہ پاڻ جماعت سميت امداد ڏيڻ لاءِ اڳتي ايندا هئا. جڏهين بہ پارت پاڪستان سان جنگ جوٽي آهي تہ پاڻ پنهنجي جماعت سان فوراً جان مال سان جهاد ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا هئا. نہ فقط ايترو بلڪ عرب اسرائيل جنگ ۾ بہ پاڻ فلسطيني مجاهدن جي مالي امداد ڪئي هئائون. ڪين جاني جهاد لاءِ بہ پنهنجي سر جماعت سميت شامل ٿيڻ جي خواهش ڏيکاري هئي افغان مجاهدن کي بہ مالي مدد ڏنائون.

فلاح ۽ بهبودي لاءِ سرانجام ڏنل ڪارناما

١. پير سائين پاڳاري جي گادي آزاد ڪرائڻ لاءِ ڪشمير ڪانفرنس ۾ هڪ قرار داد پاس ڪرائي هئائون جنهن ڪري پير سائين ۽ سندس پاءُ لندن مان واپس وطن آيا، ديني تعليم تربيت ۽ پيري مريدي جي آدابن کان به ڪين آگاهه ڪيو ويو.

٢. لاڙڪاڻه اوقاف کاتي جي حالت سڌارڻ، مسجدين ۽ خانگاهن جي سنڀال ۽ حفاظت ڪرڻ خاطر ١٩٨٩ عيسوي ۾ لاڙڪاڻه مسلم وقف سوسائٽي به پاڻ نهرايائون ۽ اوقاف جا پريزيڊنٽ پڻ هئا.

٣. سن ١٩٦٥ عيسوي جي جنگ ۾ دفاعي فنڊ ۾ لکين روپيا چندو جمع ڪرايائون ۽ پنهنجي جهاد ڪاميٽي ناهيائون ۽ جهاد جو اعلان پڻ ڪيو هئائون. تنهن کان سواءِ پاڻ نفس نفيس جهاد تي وڃڻ لاءِ تيار به ٿيا هئا پر پوءِ جلدي جنگ بند ٿي وئي ۽ مجاهد جنگ جي ميدان تائين نه وڃي سگهيا.

٤. جميعت علماء پاڪستان ضلع لاڙڪاڻه جا شروع کان وٺي صدر هئا. بين وڏن علمائن سڳورن سان ملي تحفظ نظريه

پاڪستان لاءِ ڪوشش ڪيائون. ١٩٦٩ع ۾ سوشلزم خلاف تبليغ دين ڪيائون. انهي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ جماعت بنام جماعت اهلسنت قاسميه پاڪستان به ناهي هئائون ۽ سمورن علمائن اهلسنت سنڌ، پنجاب، بلوچستان، سرحد ۽ ڪراچي، پشاور، ملتان، لاهور وارن کي هڪ پليٽ فارم تي پنهنجي خرچ سان سفر ڪري گڏ ڪيائون.

٥. سنه ١٩٧٠ ع ۾ پاڪستان سني ڪانفرنس به سندن ڪوشش سان منعقد ٿي اها ٽوبه ٽيڪسنگهه (دارالاسلام) ۾ منعقد ٿي هئي. ان جي هڪ نشت جي صدارت به پاڻ ڪئي هئائون. پاڻ هر هڪ صدر پاڪستان کي نظام مصطفیٰ صلي الله عليه و آله و سلم لاءِ چوندا ايندا هيا ته شريعت پاڪ جا احڪام پاڪستان ۾ جاري ڪيو توهان کي سدائين بادشاهي نه هوندي پر ڪنهن جو به ايهو پاڳ نه ڪليو.

٦. سنه ١٩٧٠ع ۾ جميعت علماء صوبه سنڌ جا صدر منتخب ٿيا هئا. ٢٠ تاريخ ماهه ذو العقد سنه ١٣٠٠ هجري تي جيڪا مشائخ ڪانفرنس اسلام آباد ۾ ٿي هئي، جنهن جي صدارت صدر ضياء الحق ڪئي هئي ان ۾ به پاڻ صدر صاحب کي حق جو

ڪلمون چيو هئائون. ڪيس آگاهہ ڪيو هئائون تہ نفاد قانون اسلام ۾ دير ڪرڻ روا نہ آهي. سندن الفاظ هن طرح آهن.

مگر جس طرح اس میں آهستگی سے کام کیا جا رہا ہے ہماری خیال میں تو اس آهستگی کی ضرورت نہیں ہے ہمیں اس پر عمل کرنے کے لیئے آج ہی تیار ہونا چاہیئے اور کل تک کیوں اس کو تاخیر میں ڈالیں؟

مذڪور بالا موقعي تي پاڻ ڪريمن حڪومت خواہ پوري قوم کي نجات آخرت ۽ زندگي جي فلاح جو راز عشق ۽ محبت رسول مقبول صلي الله عليہ و آلہ و سلم کي قرار ڏنو.

٧. پاڻ اهلبيت ڪرامن جي ڏاڍي عزت ڪندا هئا انڪري جڏهين آڪتوبر ١٩٨٠ع تي سڪر ۾ زڪواة و عشر ڊويزنل ڪنوينشن جو اجلاس ٿيو هو ان موقعہ تي پاڻ نہ فقط بئنڪ بيلنس مان جبراً زڪواة ڪاٽڻ کي ناجائز سڏيو هئائون بلڪ اهل بيت ڪرامن لاءِ ڌار امداد خانو يا ادارو کولڻ لاءِ صدر کي مشورو ڏنو هئائون.

اخلاق

پاڻ حضرت قبلا مشورين واري سائين پنهنجي پوري زندگي قرآن شريف، حديث شريف جي درس ڏيڻ ۽ فتوىٰ نويسي ۾ گذاري. جليل القدر عالم دين، بهترين مفسر، لاثاني محدث، بي مثال فقيه هئا. سندن جا لکين مريد ۽ هزارين شاگرد پوري دنيا ۾ ڪنڊڙيا پيا آهن. ايڏي وڏي شخصيت جي باوجود پاڻ سادا ۽ سادو واپرائيندا هئا. سندن اکين مبارڪن مان هميشه عشق رسول مقبول صلي الله عليه و آله و سلم جي ڪري نير وهندا هئا. سرڪار مدينه صلي الله عليه و آله و سلم سان اهڙي ڪامل محبت اسان جي اکين ڪتي ڪين ڏٺي تواضع ايڏو جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي. پاڻ ڪڏهين به پنهنجي سامهون پنهنجي تعريف ٻڌڻ پسند نه ڪندا هئا نڪي نالي مبارڪ اڳيان ڪو لقب القاب پسند ڪندا هئا. پاڻ سلف الصالحين جي ڪامل نشاني هئا. مسلمانن لاءِ سندن خدمتون ڳڻپ کان ٻاهر آهن. پاڻ عابد، زاهد، متقي پرهيزگار، شب بيدار، وڏا عالم ۽ عارف هئا. سندن جي حقاني ۽ روحاني تعليم کان متاثر ٿي هزارين غير مسلم سندن هٿ مبارڪ تي مسلمان ٿيا. نماز عشآء کانپوءِ بستري مبارڪ تي ڪو ٿورو وقت آرام ڪندا هئا پوءِ سڄي رات نماز تهجد، درود شريف ۽ ٻيا وظائف ۽ ڪتب ٻيني ۽ مطالع ۾ گذاريندا

هئا. پاڻ ڪريم رات عبادت ۽ شب بيداري ۾ گذاريندا هئا ۽ الله سائين جل شانه جي خشيت ۽ محبت ۾ ايتري قدر روئندا هئا جو سندن ڳوڙها مبارڪ وڏي ڦڙي مينهن وانگر تڏي تي ڪرندا هئا. حضور صلي الله عليه و آله و سلم جي عشق جا گهايل هئا. هر وقت محبوب ڪريم صلي الله عليه و آله و سلم جي عشق ۽ محبت ۾ روئندا هئا. نعت ٻڌڻ وقت يا صلواة والسلام ٻڌڻ وقت يا تقرير مبارڪ فرمائيندي جي حضور ڪريم صلي الله عليه و آله و سلم جو نالو مبارڪ ايندو هو تہ بي انتها روئندا هئا ۽ وينلن ڪي بہ روئاريندا هئا. وصال کان اڳ چار پنج سال جنگهہ مبارڪ ڪي ڪجهہ تڪليف پهتي هئي جنهن ڪري ڪجهہ وقت ڪراچي اسپتال ۾ پڻ رهيا هئا. پوءِ جڏهين ڪراچي کان واپس درگاهہ شريف تي آيا تہ هڪڙي ڪرسي ريڙهي وانگرهوندي هئي انهي تي تشريف فرما ٿيندا هئا. نماز جي وقت تي اچي نماز پڙهندا هئا ۽ حديث شريف جو سبق بہ پڙهاييندا هئا. ڪجهہ وقت بعد سانوڻ جو فقط صبح جي نماز تي ۽ سياري ۾ ٻيپهري جي نماز تي ايندا هئا. ڪڏهين ڪنهن سان ڪجهہ ڳالهائيندا هئا نہ تہ اڪثر ڪري وحدت جي درياء ۾ مستغرق ۽ استغراق جي حال ۾ هوندا هئا. آخر ڪار هلندي پهرين تاريخ رمضان مبارڪ جي اربع جي رات اسر ذاري روزي رکڻ جي ايراده سان ڪير نوش

فرمايائون ۽ روزو رکيائون. روزي سان ڇهين وڳي ڌاري ٩٢
سال جي عمر مبارڪ پوري ڪري الله سائين جل شانہ جي
اسم ذات جي ضرب ”الله“ فرمائيندي مالڪ حقيقي جي وصال
سان مشرف ٿيا. انالله وانا اليہ راجعون. پويان ہِ فرزند هڪ
وڏو حضرت ميان سائين مولوي علي محمد ٻيو ننڍو حضرت
قبلہ مولوي حافظ نالي منا سائين ۽ هڪ نياڻي ڇڏيائون.

اڄ پـــڻ اڪڙيـــن سڄـڻ پنهنجا ســـاريـــا
ٻَلن تان ڳوڙهن جون بوندون بس نہ ڪن
سندي سـڪ پرين لوڪ ڏٺي ئـي نہ لهـي.

تمت بالخير.

تاريخ ٥ جمادي الاول بروز جمعہ سنہ ١٤١٤هجري مطابق
٢٣ آڪٽوبر سنہ ١٩٩٣ ع

سلسلة الاساتذة الكاملين

بِسمِ اللّٰہِ الرَّحمٰنِ الرَّحیمِ

حامدا و مصليا مسلما

اقول و اتمسک بذيل الرسول المقبول قد من اللّٰه تعالیٰ علينا بحسن افضالہ بنيل شرف التلمذ من استاذ الافاق بالاتفاق و حائز قصبات السباق بالوفاق اعني الاستاذ العلام و فخر الاسلام العلامة الفهامة الرفيق الشفيق صاحب الفيوضات والكمالات "استاذي ابو الفيض غلام عمر" جتوئي سونہ جتوئي غفرلہ اللّٰه المقتدر و اسكنہ في بحبوحة جنات و خير مستقر.

و تلمذ هو من المشهور بين اهل العلوم كالشمس في النجوم استاذ الاستاذ الفياض الحاج المخدوم "حسن اللّٰه" الپاتائي صديقي رحمہ اللّٰه القوي و اخذ العلوم هو من رئيس الحفاظ والعلماء تاج الاتقياء والفضلاء الممجد المسعد مولانا "گل محمد" رضي عنہ اللّٰه الصمد.

و لہ شرف التلمذ من ابيہ المكرم العالم الافخم جامع الشريعة والطريقة غواص الحقيقة والمعرفة الذي فاق في الافاق بمكارم الاخلاق الحاج مولانا "نور محمد" رضي اللّٰه تعالیٰ عنہ برضوان الابد هو تلمذ من زبدة علماء الدهر

وصفوة فضلاء العصر الذي اشتهر بطبعه الكريم و قلبه السليم مولانا "عبد الحليم" تغمده الله تعالیٰ بغفرانه العظيم.

وهو تلمذ علي حديقة الشرافة والنجابة "سيد محمد عاقل شاه" رحہ الحسيني الهالائي وهو تلمذ علیٰ شيخ المشائخ مولانا "محمد" الساكن قرية العاريجة قريب لاركانہ.

و تلمذ هو علیٰ شيخ "ابن يامين" غفرله الله رب العالمين لعله متوطن اللاركانہ. وكان حضريا وقرء هو علیٰ الشيخ "عبد الله" الثاني رحہ وهو قرء علیٰ سند الاولين ولآخرين مولانا "قل احمد" رحہ.

وهو تلمذ علیٰ ابيه الشيخ "محمد حسن" عمدة الزمن.

و قرء هو علیٰ ابيه الشيخ الافضل الاكمل "عبد الله" الاول. و هو تلمذ هو علیٰ رديفه المتقدمين وشريف المتاخرين مولانا "عبدالحكيم" السيالكوتي. (نسبة القرية در بلاد بنجاب) رضي الله تعالیٰ عنهم اجمعين.

وانا المنتسب اليهم المتشبث بذيلهم العبد الضعيف النحيف ”ابو محمد ن القاسم“ غفر اللّٰه تعالىٰ له الماثم والمغرم
ببركات انفاسهم القدسية وافاض علينا وعلىٰ سائر المنتسبين اليهم من بحور فيوضاتهم المرضية المتوطن في قرية صاحبخان مشوري (مشوري شريف).

سلسلة الاساتذه الکاملین

(نظم)

حـــبـر دانـا محـمد قــاسـم
قــاسم فــیض بــا عمل عــالم
در مـــشـوري شـریف درگہ اوست
درگہ ودرســگاه هر دو در اوست
نسـبـتـش بـا اســاتــذة ایـــنست
ســلـســلـش بــاتمامــیت اینست
خــواند آن از فاضل غـلام عــمر
ســـونوي صـــدر مــفـتان دهر
خـواند آن از جـــناب حـــسن الله
فـــاضـــل پــات آن خـــدا آگاه
خـواند آن نـزد اوســـتاد جـــهان
گل مــحمد جــناب فــخر زمان
آن ز نـــور مـــحمد آن غـــــلام
والد خود بـخواند عـلم تـمام
خــوانـد آن از خـلـیف یعـــقـوب
در همایون شـهـر خوش اسلوب
بـــود درگاه درســگ ایـشیــان
شهر شهدادکوت فیض و مکان

خـوانده آن از نـــزد کـــندوي دانـــا
حـــبر عـــبدالـــحلـیم مـولانا
کــــــرده تعلیم آن ز عـاقل شاه
هـــــالیـاني بـزرگ عـــالـیجاه
آن چون یوسف بہ حسن روشن ماه
بـــود گـــیسو دراز چشم سیاه
خوانده اول ز فــــاضل دائـــود
در شـــهر آگـره کہ شـهرش بـود
کرده تکـــمیل پس بہ عـلم هـم
از جـــنـاب مـــحمد آریـــــجـ
آن بہ پنـجاب نـزد نزد قل احـــمد
خـوانده بـاشـوق عـلم جدوجهد
خوانده از بـوالحسن شـهید هـمان
عــــلم دیـني هـم تمام بدان
خـوانـده آن از لـبیـب عـبد اللّٰہ
عـــالـم و عـارف و خـــدا آگاه
خـــوانـده آن نـزد فـاضـل دانــا
حـــبر عـــبد الـــحکیم مـولانا
سلسلہ این جاءِ ختم گشت تمام
بـــر هـــمین صـدر سلسلہء غلام

بـود وطـنـش سـيـالـكـوث پنجاب
مــركز عــلم مــسند آن جناب
زو رســـد ســلـسـلـ بہ عــــلام
ســـعد الـدين صدر عالمان هم
مــسـكـنـش بـــود شــهـر تـفـتازان
مــركز عـلم ديـن فيـض نشان
سلسلہ اين گـر كـسي بـرست آرد
بـــاهمان مـــشتمل قـرين دارد
در هـــمـيـن سلسلـــلہ هـم علما
عـــارفـــانند كامـــلان صلحا
در دعــــا ايــن اگـر وسيـــلہ كنند
آنـــچہ خــواهند بي گمان پايند
چون كہ اين سلسلہ ضروري بود
از پــئي آن خــليل نظـم نــمود

از قبلہ محمد ابراهيم كاردائي
نزد درگاه شهدادكوت

فهرست - ڪتاب العقائد

- حضور ڪريم صلي اللّٰہ عليه و آله و سلم پري ڪان درود شريف بغير واسطي ملائڪن جي ٻڌن ٿا
- اولياءَ سڳورا پري ڪان ڏسن ٻڌن ٿا
- سفارش لاءِ ڊور کھڻ جو حڪم
- اسقاط ڪرڻ جائز آھي. (عربي ۾)
- بل فعلھم ڪبيرھم جي تشريح
- اسقاط ڪرڻ جائز آھي. (سنڌي ۾)
- يا رسول اللّٰہ چوڻ جائز آھي
- حضور ڪريم صلي اللّٰہ عليه و آله و سلم کي خطاب ڪري سڏ ڪرڻ جو حڪم
- حضور ڪريم صلي اللّٰہ عليه و آله و سلم نور آھن
- ميت لاءِ قرآن شريف جو ختمون پڙھائڻ ۽ خيرات ڪرڻ بابت تحقيق ۽ مانعين جي ھڪ تحرير جي ترديد
- حضرت پير دستگير رحمۃ اللہ علیہ تعالیٰ عليه جي يارھين ۽ نذر اولياء ڪرام بابت تحقيقات

- نذر اولياء جي تحقيق
- حيوان منذور بنذر محظور جو حڪم
- حضور ڪريم صلي الله عليه و آله و سلم جي ولادت جي خوشيءَ ۾ عرس ڪرڻ ۽ خير خيراتون ڪرڻ جائز آهن
- اهل بيتن جي تعظيم مؤمنن تي لازم آهي
- محرم مهيني جي ڏهين تاريخ امامن سڳورن لاءِ ماتم ڪرڻ، سينه منهن ڪٽڻ بابت شرعي حڪم
- ماتم ڪندڙن سان تعلقات ڳنڍڻ بابت حڪم
- مقبرن تان غلاف لاهي مقبرن کي شهيد ڪندڙن جو حڪم
- ميت بنا اٺڪل تي قبر ناهيندڙ جو حڪم
- جيڪڏهن شيعا جلوس ڪڍن ۽ اهل سنت وارن جي گهرن جي آڏو تبرا ڪن ته ان جو حڪم
- بي دينن سان تعلقات ڳنڍڻ بابت حڪم
- شيعا اسلام ۾ داخل آهن يا نه؟
- بدعتي ڪير آهن؟

- هاٽوڪا وهابي بدعتي آهن يا نہ؟
- حضور ڪريم صلي الله عليه و آله و سلم جو اسم مبارڪ ڪنهن شيءِ تي لکيل هجي تہ ان جو بہ ادب ڪجي.
- آمريڪي خلا نورد دعویٰ ڪن ٿا تہ هو چنڊ تي لٿا آهن. شرعي نقطء نظر سان انهن جي اها دعویٰ صحيح آهي يا نہ؟
- فرض نماز کان پو ءِسنت پڙهڻ کان اڳ بلند آواز سان ذڪر شريف ڪرڻ جائز آهي يا نہ؟

بِسمِ اللّٰهِ الرَّحمٰنِ الرَّحيمِ

كتاب العقائد

سوال: حضرت سرور كائنات صلي اللّٰه عليه و آله و سلم پري كان درود شريف بغير واسطي ملائكن جي ٻڌن ٿا يا نہ؟

جواب: حضور پر نور صلي اللّٰه عليه و آله و سلم جي علم وسيع جي بابت مشكواة شريف ۾ باب المعجزات صفحه "٥٤١" ۾ " يُخْبِرُكُمْ بِمَّا مَضَىٰ وَمَا هُوَ كَائِنٌّ بَعْدُكُمْ" صحيح حديث شريف ۾ ثابت ۽ "مَا مِنْ اَحدِ يُسَلِّمُ عَلَيَّ اِلَّا رَدَّ اللّٰهُ تَعَالَىٰ عَلَيَّ رُوْحِيْ حَتَّى اَرُدَّ عَلَيْهِ السَّلَامُ" صحيح حديث شريف ۾ وارد آهي. وَفِي " الشّفَا " لِلْقَاضِي عِيَاض رحمت اللّٰه تعالىٰ علامہ قاري شرح شفاۓ ۾ ان حديث شريف هينئان لكي ٿو "وَظَاهِرُهُ الْاِطْلَاقُ لِكُلّ زَمَانِ وَّ مَكَانِ اِلىٰ قَوْلِهِ وَ الْمَعْنَي اَنَّ اللّٰهَ سُبْحَانَهٗ وَ تَعَالَىٰ يَرُدُّ رُوْحَهُ الشَّرِيْفَ عَنْ اِسْتِغْرَاقِهِ الخ". وَ فِيہ اَيضًا وَ قَالَ عُمَرُ بْنِ دِيْنَارِ قَدَّسَ سِرَّهٗ وَ هُوَ عَالِمُ حُجَّةَ اَخْرَجَ الْاَئِمَّةُ السّتَّةُ فِيْ قَوْلِهٖ سُبْحَانَهٗ وَ تَعَالَىٰ اذَا دَخَلْتُمْ بُيُوْتَكُمْ فَسَلِّمُوْا عَلَىٰ اَنْفُسِكُمْ اَي عَلىٰ اَهْلِيْكُمْ فَاِنْ لَّمْ يَكُنْ فِي الْبَيْتِ اَحَدٌ فَقُلِ السَّلَامُ عَلىٰ النَّبِيّ وَ رَحْمَةُ اللّٰهِ وَ بَرَكَاتُهٗ اي لِاَنَّ

رُوْحَهٗ عَلَيْهِ الصَّلواةُ وَ السَّلَامُ حَاضِرٌ فِيْ بُيُوْتِ اَهْلِ الْاِسْلَامِ الخ.

وَ فِيْ تفسير نيشاپوري "لِاَنَّ رُوْحَهٗ عَلَيْهِ الصَّلَواةُ وَ السَّلَامُ شَاهِدٌ عَلىٰ جَمِيْعِ الْاَرْوَاحِ وَ الْقُلُوْبِ وَ النُّفُوْسِ الخ".

۽ نبين ولين سڀڪورن جي احوال کي عقل عقيم معاشي (اهو عقل جيڪو ڪاڏي ڪمائڻ جي بيماري ۾ قاتل آهي) جي تارازي ۾ تورڻ ۽ ظاهري اهل حواس وارن تي قياس ڪري محال سمجهي نداءِ غائبانہ ٻڌڻ کي شرڪ سمجهڻ گمراهي ۽ ختمِ قلب جو پهريون ڏاڪو آهي.

ڏسو نہ تا تہ حضور صلي اللّٰه عليه و آله و سلم جو حيات النبي ۾ ندا ۽ عرض حال بالمشافہ روضہ مقدس وٽ روبرو ٻڌڻ ۽ جواب سلام فرمائڻ، موافق ۽ مخالف سيني وٽ مُسَلّم. كَما اعْتَرَفَ بِهٖ السَّيِّدُ الْجَيِّدُ صَاحِبُ اللّوَاءِ الرَّابِعِ مَعَ تَصَلُّبِهٖ فِيْ هٰذِهِ الْمَسْئَلَةِ فِيْ رِسَالَةِ الْمُسَمَّاةِ "بِلَاخَيْرِ بَلْ كُل الضَّير فِي الْاِسْتِعَانِهٖ بِالْغَيْرِ". حالانڪ ماڻهن جي اجتماع (ڳڻ تيڻ) ۽ بيڪ وقت اهڙي استماع (ٻڌڻ) ۾ جواب فرمائڻ پاڻ عقل جي تارازي ۾ سنجيدگي کان باهر آهي، ڇو تہ لَايَشْغُلُهٗ شَاْنٌ عَنْ شَاْنٍ صفت باري تعالىٰ عَزَّ اِسْمُهٗ جي آهي (لا يشغله شان عن شان جو مطلب تہ اللّٰه پاڪ کي ڪا بہ مشغوليت يا مصروفيت ڪنهن ٻئي ڪم کان منجهائي نہ ٿي سگهي) ۽ ان صفت ۾

شركة مُسَلّم ركڻ بہ اهوئي حكم ركي ٿو جو ندا غائب جي ادراڪ ۽ استماع تسليم ڪرڻ پاران لازم اچي ٿو.
علامه قسطلاني رحمة الله عليه مواهب لدنيہ ۾ هي بہ فرمائي ٿو تہ ”لَا فَرقٌ بَيْنَ مَوته وَ حَيَاته فِيْ مُشَاهِدَته لِاُمَّته وَ مَعْرِفَتِه بِاَحْوَالِهِمْ وَ نِيَاتِهِمْ وَ عَزَائِمِهِمْ خَوَاطِرِهِمْ وَ ذٰالِكَ عِنْدَهٗ جَلِي لَا خفاء بِه“ اهـ.
هي استماع نداء ۽ اطلاع احوال تہ حضور ڪريم صلي الله عليه و آله و سلم جي حلقه بگوش اهل ولايت ۾ بہ عام جام آهي. ثابتي لاءِ ڏسو مڪتوبات حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره ۽ ملفوظات شريف حضرت پير سائين روضي ڌڻي رضي الله تعالىٰ عنه.
حضرت غَوْثُ الثَّقَلَيْن قَدَّسَ سِرَّهٗ زمين کي پنهنجي نظر مبارڪ ۾ ”كَحَبَّةٍ خَرْدَلَةٍ“ ٻڌائن ٿا ۽ فرمائن ٿا تہ ”وَ عِزَّةِ رَبّي اَنَّ السُّعَدَاء وَ الْاَشْقِيَاء لِيُعْرَضُوْنَ عَلَىٰ عَيْنِيْ فِي اللَّوْح الْمَحْفُوْظِ“ ۽ پڻ فرمائن ٿا ”قَلْبِيْ مُطلع عَلىٰ اِسْرَارِ الْحلِيقَةِ حَتَّىٰ صَارَ لوحا ينقل اِلَيْهِ مَا فِي اللَّوْح الْمَحْفُوْظِ“.اهـ.
امام عبد الوهاب شعراني قدس سره حضرت عزيزان قدس سره کان نقل فرمايو آهي تہ ”زمين در نظر اين طائفه چون سفرهء است“.اهـ خواجه بهاءُ الدين نقشبندي قدس سره کان نقل فرمائن ٿا تہ ”و ما گوئيم کہ زمين چون روءِ ناخن است هيچ

از نظر ايشيان غائب نيست“.اھ
مَعْرِفَت السّعَدَآءِ وَ الْاَشْقِيَآءِ جي ثبوت ۾ بَابُ الْاِيْمَانُ بِالْقَدْرِ ۾ صحيح حديث شريف وارد آهي. جنهن ۾ فريقين لاءِ استغراق جو صيغو ۽ ”لَا يُزَادُ فِيْهِمْ وَلَا يُنْقَصُ مِنْهُمْ اَبَداً“ جي تصريح موجود آهي.
حضرت شاھ ولي الله قدس سره، جو سمورن ديوبندن جو استاذ الاساتذه ۽ مُسَلّم مشائخ آهي، فُيُوْضُ الْحَرَمَيْنِ ۾ فرمائن ٿا ”فَاضَ عَلَيَّ مِنْ جَنَابِ الْمُقَدَّسِ صلي الله عليه و آله و سلم كَيْفِية تَرقي العَبْدِ مِنْ حَيْزِهٖ اِلىٰ حَيْزَ الْقُدس فَيَتَجلّي لَهٗ كُلَ شَيءٍ“ اھ.
كتاب ۾ فرمائن ٿا تہ ”اَلْعَارِفُ يَنْجَذِبُ اِلىٰ حَيْزِ الْحَقّ فَيَتَجَلِي لَهٗ كُلَ شيءٍ.اھ“ وَ فِيْهِ اَيْضاً فِيْ تَفْصِيْلِ دَقَائِقِ الْفَرْدِ ”جبلَّتِ نَفْسِهٖ نَفْساً قَدْ لَايَشْغُلَهَا شَاْنٌ عَنْ شَاْنٍ وَ لَايَاتِيْ عَلَيْهِ حَالٌ مّنَ الْاَحْوَالِ اِلىٰ التَّجرّدِ اِلىٰ النطقةِ الْكُلّيّةِ اِلّا وَ هُوَ خَبِيْر بِهَا الاٰن“ وَ اِنَّمَا الاتي تفصيل.
جيكڏهن علم بِاِعْلَامِ اللهِ تَعَالىٰ يا سماع بِاِسْمَاعِ اللهِ تِعَالىٰ جيئن احاديث مقدسہ ۾ مشائخين كرامن كان نقل كيو ويو شرك چئجي، تہ پوءِ انهي بيباكانہ حملي كان نہ ديوبندين جو گهر بچي سگهندو نہ غير ديوبندين جو. بلك عموماً عَمَائِدِ اسلام ۽ اكثر مقتدايان شريعت وطريقة ان زد ۾ مجروح ٿي

رهندا. وَ لَايَرْضي بِهٖ اِلّا مَنْ هُوَ عَدُوٌّ لِّنَفْسِهٖ وَ اِيْمَانِهٖ.
انهي کان علاوه جن ملائڪن کي واسطہ استماع درود شريف چيو وڃي ٿو، اهي بہ تہ مخلوق آهن، پوءِ انهن جو استماع هر زمان ۾ هر مڪان ۾ چو جائز رکيو وڃي ٿو؟ وَ قَدْ وَرَدَ اَنَّهٗ صلي الله عليه و آله و سلم ”قَالَ اِنَّ اللّٰهَ تَعَالىٰ وكل لي ملكين لا اذكر عِنْدَ عَبْدٍ مُّسْلِمٍ فَيُصَلِّي عَلَيَّ اِلَّا قَالَ ذَالِکَ الْمَكَانِ غَفَرَ الله لَکَ. الخ“. الطبراني و ابن مردويه. و روي الدَّيلِمِيْ اَيضاً بِمَعْنَاهُ عَنْ اَبِيْ بَكَرِ نِ الصديق رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالىٰ عَنْهُ فِيْ كَنْزِ الْعَمَالِ. ملائڪن جو سماع ۾ اطلاق شرڪ نہ ٿيو تہ ساڳي دليلن سان انبيائن سڳورن ۾ خصوصاً سيد الانبيآء و المرسلين صلواة الله تعالىٰ عليهم اجمعين جو اطلاع، چو نہ شرڪ کان پاڪ ۽ منزه سڏيو وڃي.
انهي کان بہ قطع نظر ڪيو تہ ملڪ الموت جي احاطہ علمي ۾ لَايَشْغُلَہٗ شَانٌ عَنْ شَاْنٍ جي ثبوت کي کهڙي دليل سان شرڪ جي دائري مان ٻاهر آڻي سگهندؤ؟ ۽ ابليس جي وسوسہ اندازي لاءِ سموري ڪائنات کي سندس علم ۾ مستحضر تسليم رکڻ ڪانپوءِ علمي صفت ۾ شرڪة مڃڻ پاران پنهنجو پاڻ شرڪ کان کهڙي وجه سان بچائي سگهندا؟ جيڪڏهن ذاتي ۽ غير ذاتي، عطائي ۽ غير عطائي جي تاويل مخالفن جي دامن شرڪ جي داغ کان پاڪ ڪري سگهي ٿي تہ حلق

بگوشان درگاهہ محمدي اللهم صل و سلم عليه آلہ و سلم کي ساڳين دليلن ۽ وجهن کري چو معذور نہ تو رکيو وڃي؟ محققن جو چوڻ آهي تہ انبيائن سڳورن ۽ اوليائن کرامن جي احوالات جو انکار ۽ سندن بشريت کي پنهنجي بشريت تي حمل کري برسر جدال و پيکار ٿيڻ سبب خذلان ۽ فيض باطني جي بند ٿيڻ ۽ نسبت باطنيہ ايمانيہ جي سلب ٿيڻ جو آهي.

نعوذ بالله من سخطه و سوءِ الادب في حضرته وحضرة انبيائه و اوليائه.

قال الامام الغزالي قدس سره في الاحياءِ "فَالْقِسْمُ الْاَوَّلُ عِلْمُ الْمُكَاشَفَةِ وَ هُوَ عِلْمُ الْبَاطِنِ وَ ذَالِکَ غَايَةُ الْعُلُوْمِ". قَالَ بَعْضُ الْعَارِفِيْنَ مَنْ لَّمْ يَكُنْ لَّهٗ نَصِيْبٌ فِيْ هٰذَا الْعِلْمِ اَخَافُ عَلَيْهِ سُوْءِ الْخَاتِمَةِ وَ اَدْنٰى نَصِيْبٌ مِّنْهُ التَّصْدِيْقُ بِهٖ وَ تَسْلِيْمُهٗ لِاَهْلِهٖ. الخ"

کاملان از دور نامت بشنوند

تا به قعر تار و پودت در روند

بلکه پیش از زادن تو سالها

دیده باشندت بچندین حالها

حال تو دانند یک یک مو

بمو زانکه پر هستند از اسرارِ هو

تاتو مي بيني عزيزان را بشر

دانکه میراث ابلیس است آن نظر

گر نه فرزند ابلیسي اي پلید

پس بتو میراث آن سگ چون رسید.

سوال: اولياء سڳورا ڀري ڪان ڏسن ٻڌن ٿا يا نہ؟

جواب: بخاري شريف ۾ حديث قدسي شريف آهي تہ عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ:

"إِنَّ اللّٰهَ عَزَّ وَجَلَّ قَالَ: مَنْ عَادَى لِي وَلِيًّا، فَقَدْ آذَنْتُهُ بِالْحَرْبِ، وَمَا تَقَرَّبَ إِلَيَّ عَبْدِي بِشَيْءٍ أَحَبَّ إِلَيَّ مِمَّا افْتَرَضْتُ عَلَيْهِ، وَمَا يَزَالُ عَبْدِي يَتَقَرَّبُ إِلَيَّ بِالنَّوَافِلِ حَتَّى أُحِبَّهُ، فَإِذَا أَحْبَبْتُهُ، كُنْتُ سَمْعَهُ الَّذِي يَسْمَعُ بِهِ، وَبَصَرَهُ الَّذِي يُبْصِرُ بِهِ، وَيَدَهُ الَّتِي يَبْطِشُ بِهَا، وَرِجْلَهُ الَّتِي يَمْشِي بِهَا، وَإِنْ سَأَلَنِي لَأُعْطِيَنَّهُ، وَلَئِنْ اسْتَعَاذَنِي لَأُعِيذَنَّهُ، وَمَا تَرَدَّدْتُ عَنْ شَيْءٍ أَنَا فَاعِلُهُ تَرَدُّدِي عَنْ نَفْسِ عَبْدِي الْمُؤْمِنِ، يَكْرَهُ الْمَوْتَ وَأَنَا أَكْرَهُ مَسَاءَتَهُ"(مشكواة باب ذكر الله عزوجل والتقرب اليه)

العظماء یحرم لانہ اہل بہ لغیر اللّٰہ ولو ذکراسم اللّٰہ تعالیٰ علیہ و لو ذبح للضعیف لا یحرم اھ.

فی تفسیر النیشاپوری قال العلماء لوان مسلما ذبح ذبیحۃ و قصد بذبحھا التقرب الیٰ غیر اللّٰہ تعالیٰ صار مرتدا وذبیحتہ ذبیحۃ مرتدا اھ. وفي الدر المنثور عن ابن عباس رضی اللہ عنہ عنہما و ما اہل قال ذبح و عن مجاہد و ما اہل قال ذبح لغیر اللّٰہ اھ.پس بکرا شیخ سدو وغیرہ کا کہ اس مین خون بہانا تقربا الی غیر اللّٰہ تعالی مقصود ہوتا ہے حرام ہے نہ ذبیحۃ فاتح بزرگان کہ جن مین اراقۃ الدم للّٰہ تعا لی ہے اور مقصود ایصال ثواب ہوا کرتا ہے اور جو جانور ہندو زندہ چھوڑ دیتے ہین وہ آیت مین داخل نہین. الی قولہ ما جعل اللّٰہ من بحیرۃ الآیہ سے صرف کفار کے احکام کا بطولان ثابت ہوتا ہے نہ تحریم ذبح بحیرۃ وسائبہ پس جو جانور گنگا پر چڑہائے جاتے ہین یا بتون کے نام پر چھوڑے جاتے ہین ان کو پکڑ کر ذبح کرنا نہ اس وجہ سے حرام ہے کہ وہ "ما اہل بہ لغیر اللّٰہ" مین داخل ہین۔ بلکہ اس وجہ سے کہ ملک مالک سے خارج نہین ہوتے۔ پس یہ جانور مغصوب ومسروق کے حکم مین ہین۔ اگر مالک اجازت دیدے یا اباحۃ عامہ کردے تو ان کو بسم اللّٰہ کہہ کے ذبح کرنا اور کہانا درست ہے۔ اور حرکت قبیحہ و نیت شنیعہ رہا کرنے والے سے حرمت نہین ہوگی ۔وفي رد المختار"و کذا في الدابۃ اذا سیبھا الخ"۔وفي الذیلعي ان کان مرسلا فھو مال الغیر فلا یجوز تناولھ الا باذن صاحبھ اھ ملخصا۔و قال ایضا في فتاواہ حہ ۲ صفح ۳۱۶۔ بزغالہ گوسفند جو ہندو برسم پرستش گنگا مین ڈالتے ہین اس

كو ذبح كر كے كھانا نہيں درست ہے۔ نہ اس وجہ سے كہ وہ "ما اهل لغير الله" ہے كيونكہ اس سے مراد مذبوح لغير الله ہے بلكہ اس ليئے كہ وہ جانور ملك سے خارج نہيں ہوتا اھ۔

تفسير جامع البيان ۾ به "يحل لهم الطيبات " جي هيٺان لکي ٿو تہ "مما حرموا علیٰ انفسهم من البحيرة و السائبة و الوصلية" اهـ. و في المدارک و نزل فيمن حرموا علیٰ انفسهم البحائر ونحو ها. يا ايهالناس كلوا مما في الارض حلال، الآية. وفيه ايضا ثم بين ان ما حرمه المشركون حلال بقوله يا ايها الذين آمنوا الآيہ. وفي الجلالين نزل فيمن حرم السوائب.

سوال: حضور كريم صلي الله عليه و آله و سلم جي ولادت جي خوشي ۾ عرس كرڻ ۽ خير خيراتون كرڻ جائز آهن يا نه ؟

جواب: حضور كريم صلي الله عليه و آله و سلم جي ولادت جي خوشي ۾ عرس كرڻ ۽ خير خيراتون كرڻ قرآن شريف ۽ حديث شريف جي دليلن سان ثابت آهي. ۽ بزرگان دين جو به ان تي عمل رهيو آهي.

قرآن شريف ۾ فرمايل آهي ته قال الله تبارك و تعالىٰ "قُلْ بِفَضْلِ اللّٰهِ وَبِرَحْمَتِهٖ فَبِذٰلِكَ فَلْيَفْرَحُوْا هُوَ خَيْرٌ مِّمَّا يَجْمَعُوْنَ" يعني فرماءِ تون محبوب! پنهنجي امة مرحومه كي ته منهنجي پلائي ۽ رحمة تي پلي خوشي كن ۽ اها خوشي مؤمنن لاءِ زور پلي آهي، كافرن جي مال متاع گڏ كرڻ كان. (يعني دنيا جا جيترا به ساز سامان كافر گڏ كن مگر مؤمنن لاءِ منهنجي رحمت ۽ پلائي تي خوشي كرڻ دنيا و ما فيها كان زور وڌيك آهي. معلوم تو ٿئي ته نه خوشي كرڻ وارا كافر آهن، جي مال خرچ كرڻ كان ڏجي خوشي نٿا كن ۽ مال گڏ كن ٿا. ان لاءِ مؤمنن كي مالك سائين فرمائي ٿو. ته پلي خوشي كيو. اوهان جي خوشي كافرن جي مال گڏ كرڻ كان زور پلي آهي. ۽ انهي ۾ شك نه آهي ته حضور نور علىٰ نور صلي الله عليه و آله و سلم جن جو وجود مسعود اسان عاجزن لاءِ بي

انتها پلائي ۽ بي كنار سمندر رحمت جو آهي. جنهن جي ثبوت لاءِ پاڻ پروردگار پنهنجي كلام مجيد فرقان حميد ۾ ارشاد فرمائي ٿو "هُوَ الَّذِي بَعَثَ فِي الْأُمِّيِّينَ رَسُولًا مِّنْهُمْ يَتْلُوا عَلَيْهِمْ آيَاتِهِ وَيُزَكِّيهِمْ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتَابَ وَالْحِكْمَةَ وَإِن كَانُوا مِن قَبْلُ لَفِي ضَلَالٍ مُّبِينٍ" الىٰ قولہ "ذَٰلِكَ فَضْلُ اللهِ يُؤْتِيهِ مَن يَشَاءُ". "وَمَا أَرْسَلْنَاكَ إِلَّا رَحْمَةً لِّلْعَالَمِينَ". "فَضْلُ اللهِ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَتُهُ لَاتَّبَعْتُمُ الشَّيْطَانَ إِلَّا قَلِيلًا". انهي آيت مباركہ جي تفسير ۾ صاحب روح البيان جو ارشاد فرمائي ٿو. "و في الحقيقة كان النبي صلي الله عليه و آله و سلم فضل الله و رحمة للعالمين". فلو لا وجود النبي صلي الله عليه و آله و سلم و بعثته لبقوا في تيه الضلالة تائهين. كما قال "و يزكيهم و يعلمهم الكتاب" الخ.روح البيان ج ١ صفحہ ٤٦٧ .

پوءِ جڏهين قرآن شريف جي نص سان حضور كريم صلي الله عليه و آله و سلم اسان غريبن گنهگارن لاءِ پلائي ۽ رحمت صحيح ثابت آهي ۽ پلائي ۽ رحمت تي خوشي كرڻ جو حكم بہ ثابت تہ پوءِ خوشي كرڻ ۽ جي شيون مباح آهن، اهي سيئي شيون كرڻ بہ جائز ۽ مستحب ۽ صحيح ثابت چئبيون چو تہ "اذا ثبت الشيءُ ثبت لوازمه" پوءِ ايمان وارن، قرآن شريف تي عمل كندڙن كي سڄي عمر خوشي ۾ خير

خيراتون كرڻ، منايون ورهائڻ روشنايون كرڻ، گل ٽنگڻ، رستا ناهڻ، عطر عنبر ڇٽكارڻ مطلب تہ هر خوشي جا مباح آهي اها كرڻ جائز ۽ باعث نجات و بركات پائيندا رهندا ۽ كندا رهندا

حديث شريف مشكوات مصابيح ۾ آهي تہ"وعن ابي قتادة قال "ان الرسول صلىٰ الله عليہ وسلم سئل عن صوم يوم الاثنين فقال "في ولدت ؛ وفيہ نزل علي ". رواه مسلم.

يعني حضور كريم صلي الله عليه و آله و سلم كي عرض كيو ويو تہ سائين جن سومر جي ڏينهن روزو ركندا آهن. پاڻ فرمايائون تہ انهي ڏينهن اسان جي ولادت ٿي آهي ۽ انهي ڏينهن تي قرآن شريف نازل ٿيو آهي. انهن ٻنهي نعمتن جي خوشي ۾ اسان سومر جي ڏينهن روزو ركندا آهيون.

صحيح بخاري شريف ج 2، ۽ ص 764 ۾ آهي تہ "قال عروة و ثويبة مولاة لابى لهب كان ابولهب اعتقها فارضعت النبى صلى الله عليہ وسلم فلما مات ابولهب اريہ بعض اهلہ بشرحيبة قال لہ ماذا لقيت قال ابولهب لم الق بعدكم غيرانى سقيت فى هذه بعتاقتى ثويبة۔".

يعني جڏهين ابو لهب مري ويو تہ كيس پنهنجن پاتين مان كنهن كي خواب ۾ ڏيكاريو ويو تہ ڏاڍي خراب حالت ۾ آهي. پڇيائينس تہ تو سان ڇا ٿيو؟ چيائين تہ اوهان كان اچڻ بعد

ڪو سک ڪو نہ ڏنم، باقي ايترو آهي جو هن (اشهد آگر) مان مون کي (بهشتي پاڻي) پياريو ويندو آهي. اهو هن ڪري ٿيو اتم جو مون حضور صلي اللّٰه عليه و آله و سلم جي ولادت جي خوشي ۾ (پنهنجي ٻانهي) ثويبة رضي اللّٰه تعالىٰ عنها کي آجو ڪيو هو.

ابو لهب حضور صلي اللّٰه عليه و آله و سلم جي ولادت پر ڪرامت جي خوشي ۾ پنهنجي ٻانهي سومر جي ڏينهن آزاد ڪئي ۽ سومر جي ڏينهن ئي عذاب کان تخفيف جو حڪم متعين فرمايو ويو. ملڪ جو مالڪ عز اسمه قادر هو تہ جمعي يا ٻئي ڪنهن ڏينهن تي تخفيف جو حڪم صادر فرمائي ها. پر خاص ولادت جي ڏينهن سومر کي اهو شرف عطا فرمائي پنهنجي ٻندن کي هدايت ۽ تعليم فرمايائين تہ انهي ڏينهن سومر جي شرف کان محروم نہ رهن.

اتان حضور صلي اللّٰه عليه و آله و سلم جي ولادت جي خوشي ۾ عرس شريف جو شان بہ معلوم ڪرڻ گهرجي تہ جڏهن عدو اسلام ۽ بيگانن لاءِ باني‌ء اسلام صلي اللّٰه عليه و آله و سلم جي ولادت جي خوشي ۾ خيرات جي عيوض سرڪار مان معافي جا پروانہ جاري ٿي رهيا آهن تہ جان نثار يگانن لاءِ ڇا ڇا نہ سرفرازي ۽ غلام نوازي جو سامان مهيا فرمايو ويو هوندو.

شعر

اذا كان هٰذا كافرا جاء ذمه
و تبت يدا في الجحيم مخلدا
اتیٰ انه يوم الاثنين دائما
يخفف للسرور باحمدا
فما الظن بالعبد الذي كان عمره
باحمد مسرورا و مات موحدا
صلي اللّٰه عليه و آله وسلم

يعني جڏهين هي ڪافر (ابو لهب) جنهن جي ذم ۾ قرآن پاڪ شاهد آهي تہ هلاڪ ٿيل ۽ دوزخ ۾ هميشہ رهندڙ آهي. تنهن کي بہ حضور صلي الله عليه و آله و سلم جي خوشي ملهائڻ جي عيوض سومر جي وار تي عذاب کان معافي ٿي ملي تہ جو شخص مؤمن، محب موحد آهي ۽ حضور پرنور فداه ابي وامي جون خوشيون ملهائيندي، خيراتون ڪندي فوت ٿيو آهي تہ انهي کي ڪهڙا ڏيب ملندا ۽ چا چا انعام عطا ڪيا ويندا؟ تنهن جو اندازو ڪرڻ مشڪل آهي.

اڳين بزرگان دين ۽ علماءِ اڪرام ۽ فقهاءِ عظام جو عمل بہ عرس شريف ڪرڻ ۽ ڪرائڻ تي رهيو آهي.

(١) مولانا جمال الدين لڪنوي سومر جي روزي رکڻ واري

حديث شريف هينئان لکي ٿو تہ ”اين حديث اصل است درجوازتعين روز مولد" ودر حديث شريف وارد ست عن ابن مسعود رضى الله تعالى عنهما " مارآه المسلمون حسن فهو عند الله حسن ". (اخرجه محمد رحمه الله تعالىٰ في المؤطا). واختيار اين عمل (مولد) از مدت پانصد سال يا ازان زائد از علماء محدثين، وفقهاء كرام، و مشائخ اهل سنت و جماعت متبع ست وترويج يافته الخ۔

يعني حضور پر نور صلي الله عليه و آله و سلم جي ولادت جي موقعہ مبارک کي ملهائڻ پنجن سون ورهن کان زياده ٿيندو. جو علمائن ۽ فقهائن سڀورن ۽ مشائخن اهل سنت جماعت وارن وٽ مروج آهي نہ اڄ ڪلهہ جو.

(٢) حضرت علامہ امام جلال الدين سيوطي رحمة الله عليه فرمائي ٿو ”يستحب لنا ايضا اظهار الشكر بمولده بالاجتماع واطعام الطعام ونحو ذالک من وجوه القربات و اظهار المسرات“ (الحاوي للفتاوىٰ) صفہ ١٩٦. يعني حضرت امام سيوطي رحمہ تعالىٰ فرمائي ٿو تہ اسان جي لاءِ مستحب آهي جو حضور ڪريم صلي الله عليه و آله و سلم جي ولادت مبارک جو شڪرانو هن طرح ادا ڪيون، جو گڏ ٿي چڱا ڪم ڪيون ۽ کاڌا ڪارايون ۽ خوشيءَ جا طريقہ ظاهر ڪيون. جيئن تہ منايون ورهايون، عطر عنبر ڇٽڪاريون ۽ روشنايون ڪيون مطلب تہ هر خوشي مباح ظاهر ڪيون.

(٣) حضرت امام قسطلاني شارح بخاري شريف ۽ حضرت علامہ عبد الباقي زرقاني جو ارشاد مبارڪ تہ ”لية مولده صلي الله عليه و آله و سلم افضل من ليلة القدر“. (مواهب لدنيہ زرقاني صہ ٣٧. يعني حضور ڪريم صلي الله عليه و آله و سلم جي دنيا تي اچڻ واري رات ليلة القدر کان بہ وڌيڪ پلاري آهي. ٻئي هنڌ فرمائن ٿا تہ قال في المواهب ”و قال عروة و ثويبة مولاة لابى لهب كان ابولهب اعتقها فارضعت النبى صلى الله عليه وسلم فلما مات ابولهب اريه بعض اهله بشرحيبة قال له ماذا لقيت قال ابولهب لم الق بعدكم غيرانى سقيت فى هذه بعتاقتى ثويبة في ذالک العام بشرىٰ عاجلة بنيل البغيہ و المرام فرحم الله امراءً اتخذ ليالي شهر مولده المبارک عيادا ليكون اشد علة عليٰ من في قلبه مرض و عناد اهـ (انوار محمديہ) صفہ ٢٩ و في المواهب لدنيہ صفہ ٢٧ حہ ١ زرقاني. مواهب لدنيہ ۾ چيائين تہ گهڻن بزرگن تجربو ڪري ڏٺو آهي تہ عرس شريف ڪرڻ سان انهي سال مصيبتن کان امن ملي ٿو. ۽ سندس دلي مرادون ۽ مقصد پورا ٿيندا پوءِ رحم ڪري الله تعاليٰ جل شانہ انهي مڙس تي جنهن محبوب رب العالمين صلي الله عليه و آله و سلم جي ولادت مبارڪ جي مهيني شريف جون سموريون راتيون عيدون ڪري ملهايون. تان تہ جن جي قلب ۾ بيماري آهي انهن جي بيماري سخت ٿئي پل تہ ساڙ ۾ سڙندا وتن.

(٤)حضرت شاه ولي الله محدث دهلوي رحمہ الله تعالیٰ فرمايو آهي تہ " كنت اصنع في ايام المولد طعاما صلة بالنبي صلي الله عليه و آله وسلم. فلم يفتح لي سنة من السنين شيء اصنع به طعاما الا حمصا مقلياء فقسمت بين الناس فرايته صلي الله عليه و آله و سلم و بين يديه هٰذا الحمص متبهجا بشاشا اهہ " (سر الانتباهہ) يعني آءٌ ولادت با سعادت جي ڏينهن ۾ حضور صلي الله عليه و آله و سلم جي رضا طلبي لاءِ هميشہ طعام تيار كري خيرات كندو هوس. پوءِ هڪ سال تي مون وٽ طعام لاءِ موجودات نہ تي مگر كجهہ پڳڙا ملي سگهياء جي ماڻهن ۾ ورهائي ڏنم پوءِ حضور صلي الله عليه و آله و سلم جي زيارت كان مشرف ٿيس. ڏنم تہ اوهي پڳڙا سندن آڏو ركيا هئا ۽ پاڻ ڏاڍو خوش ۽ راضي هئا. اهہ

(٥)حضرت پير سائين روضي ڌڻي رضي الله عنه تعالیٰ عنه مكتوبات شريف ۾ آهي تہ "عن بعض العلماء رحمه الله تعالیٰ انه راي النبي صلي الله عليه و آله و سلم في المنام. فقال يا رسول الله عليه و آله و سلم ما تقول في هٰذا المواليد التي يصنع الناس و يجتمعون لها و يفرحون بها و ينفقون فيها الاموال و يرونها من صالح الاعمال. فقال صلي الله عليه و آله و سلم "من فرح بنا فرحنا به. و المحب مع احبائه " (عق). يعني كن علمائن كان روايت آهي تہ مون حضور صلي الله عليه و آله و

سلم کي خواب ۾ ڏٺو ۽ عرض ڪيم تہ يارسول اللہ صلي اللّٰہ عليہ و آلہ وسلم! ھي ماڻھون جيڪي اوھان جي عرس شريف جون مجلسون قائم ڪن ٿا ۽ خوشيون ملھائن ٿا ۽ ان ڪي صالح عملن مان ڳڻن ٿا تنھن لاءِ اوھان ڇا ٿا فرمايو؟ پاڻ ارشاد فرمايائون تہ جيڪو اسان سان خوش ٿيندو اسين بہ ان سان خوش ٿينداسون ۽ سيڪو محب پنھنجي احبابن سان گڏ ھوندو (عق) بلفظہ. انھن دليلن ۽ علماء سڳورن جي عرس شريف ملھائڻ مان ثابت آھي تہ عرس شريف ڪرڻ جائز بلڪ مستحب ۽ نيشاني محبت نبوي صلي اللّٰہ عليہ و آلہ و سلم جي آھي.

سوال: اهل بيتن جي تعظيم مؤمنن تي لازم آهي يا نہ؟
جي اهل بيت شريعت جي برخلاف كم كن ٿا، انهن جي تعظيم كبي يا نہ؟
جيكڏهن كنهن اهل بيت جي مٿان شريعت جي حد لازم اچي تہ حد جاري كرڻ بي ادبي آهي يا نہ؟

جواب: اهل بيت كرام ذرية خاتم النبين رحمة للعالين صليٰ الله عليه و آله و سلم جي حب ۽ محبت هر هڪ مسلمان مٿان فرض آهي، ڇو تہ حضور اكرم عليه الصلواة و السلام جي حب ايمان جو ركن آهي. جيئن حديث شريف ۾ فرمايل آهي تہ "لَا يُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰى اَكُوْنَ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ وَّالِدِهٖ وَوَلَدِهٖ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ".

(بخاری، الصحيح) ۾ ظاهر آهي تہ جز جي محبت كانسواءِ كل جي محبت حاصل نہ ٿيندي ۽ كل جي تعظيم جز جي تعظيم تي موقوف آهي. تان تہ جي شيون جزء نہ آهن پر سرور دو جهان صلي الله عليه و آله و سلم ڏي منسوب آهن. جيئن لباس مبارك يا نعلين مبارك انهن جي تعظيم كرڻ فرض ۽ اهانت ۽ سوءِ ادب حرام آهي. و اخرج ترمذي "عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صلى الله عليه وسلم: أَحِبُّوا اللّٰهَ لِمَا يَغْذُوكُمْ مِنْ نِعَمِهٖ وَأَحِبُّونِي لِحُبِّ اللّٰهِ وَأَحِبُّوا أَهْلَ بَيْتِي لِحُبِّي". و قال عليه الصلواة و السلام" الاان

مثل اهل بيتي فيكم مثل سفينة نوح من ركبها نجا ومن تخلف عنها غرق“.و
قال الامام رازي رحمه الله تعالىٰ نحن معاشر اهل السنة بحمد الله
تعالىٰ ركبنا سفينة محبة اهل البيت، و اهتدينا نجم هدي
اصحابه صلي الله عليه و آله وسلم. فانہ قال اصحابي كنجوم
بايهم اقتديتم اهتديتم. و من لم يد خل السفينة كالخوارج
هلک مع الهالكين في اول وهلة. و من دخل ولم يهتد بنجوم
الصحابة كالروافض ضل، وقع في ظلمات ليس بخارج منها
الخ. پوءِ جيكي اهلبيت سڳورا صاحب التقوىٰ ۽ دين جا آهن،
تن جي تعظيم تكريم ۽ اطاعة كرڻ بئي لازم آهن. پر
جيكي اهل بيت شرع مقدس تي ثابت نہ آهن. تہ انهن جي
اطاعت ۽ ساڻن صحبت گوياڪ ناجائز آهي. پر سندن بي
تعظيمي كرڻ بہ روا نہ آهي. جيكڏهين كن ڏوهن كري
مٿن حد شرعي لازم ايندي تہ اها بہ مٿن جاري ٿيندي ۽ انهي
۾ سندن بي ادبي ۽ تعظيم جي مناقض كا ڳالهہ نہ آهي. چو تہ
هي حد سندن ناني مباركـ عليه و علىٰ اٰله افضل الصلوة و
التسليمات جي حكم سان جاري ٿئي ٿي. با وجود انهي قطع
تعلقات ۽ شرعي حد جاري كرڻ جي بہ، هو پاڻ روبرو اچن تہ
ساڻن كلام ۽ هلت چلت ۾ بي حرمتي روا نہ ركبي. وفي
نور الابصار معزيا الىٰ سيدي علي الخواص رحمہ الله تعالىٰ.
”ان من حق شريف علينا ان نفديہ بارواحنا لسريان لحم رسول

الله صلي الله عليه و آله و سلم و دمه الكريمين فيه. فهو بضعة من رسول اللّٰه صلي اللّٰه عليه و آله و سلم والبعض في الاجلال و تعظيم و التوقير مالكل و حرمة جزئه الصلواة و السلام لحرمة جزئه حيا علىٰ حد سواء. ايضا قال بعض العلماء.“ و لا ينبغي تعظيم الشريف اذا تعاطي المحرمات و خالفه معظم العلماء. و قالوا لتعظيم الشريف مطلوب بما لا اثم فيه. و لو زنا و عمل قوم لوط و شرب الخمر و سحر و اكل الربوا. و سرق و كذب واكل من اموال اليتامىٰ الخ . وقال الامام شعراني قدس سره . قد تقدم ان اقامة الحدود لا تنافي تعظيمهم و توقيرهم. فنعظمهم من حيث كو نهم ذرية رسول اللّٰه صلي اللّٰه عليه و آله وسلم. ونقيم الحد الذي شرعه جدهم صلي اللّٰه عليه و آله وسلم. و لم يخص به احدا دون احد الخ . و قال رسول اللّٰه صلىٰ اللّٰه عليہ وآلہ وسلم

”أثبتكم على الصراط أشدكم حباً لأهل بيتي ولأصحابي“ پر جيكڈهن كو سيد اهل تشيع جو پنهنجن ميلن يا ماتمي غير مشروع مجلس لاءِ خيرات گهرندو تہ نہ ڏجي. كما فصله المحرر و عليه المعول في الباب و هو تعالىٰ اعلم بالحق و الصواب.

سوال: ڇا ٿا فرمائن علماء سڳورا هن مسئلہ بابت تہ محرم مهيني جي ڏهين تاريخ امامن سڳورن لاءِ ماتم ڪرڻ، سينہ ۽ منهن ڪٽڻ، زنجير هڻڻ، دهلن ۽ شرناين سان تابوت ڪڍڻ، ان تي نذر نياز باسڻ، دلدليون نچائڻ وغير جي عوام اهل رفض جا ڪم ڪن ٿا، ۽ ان ۾ ثواب سمجهن ٿا، سي شريعت محمدي موجب جائز آهن يا ناجائز آهن؟ ان جي ثابتي قرآن شريف ۽ حديث شريف مان پيش ڪري اجر دارين حاصل ڪندا؟

جواب: اسلام پاڪ ۾ مٿيان سمورا ڪم ناجائز حرام ۽ سبب عذاب آخرت جو آهن. ماتم ڪرڻ هن پاران جو الله تعالىٰ قرآن شريف ۾ مصيبت تي صبر ڪرڻ جو امر فرمايو آهي، ۽ ان تي ثواب ۽ ڇوٽڪاري جو دارو مدار رکيو آهي. ۽ بي صبر تي عذاب ۽ گرفتاري وعيد شديد نازل ڪيو آهي. جيئن فرمايائين تہ"وَبَشِّرِ الصَّابِرِينَ○الَّذِينَ إِذَا أَصَابَتْهُم مُّصِيبَةٌ قَالُواْ إِنَّا لِلّهِ وَإِنَّا إِلَيْهِ رَاجِعُونَ". ۽ بشارت ڏي تون اي نبي ڪريم عليه الصلواة و السلام! انهن صبر ڪندڙن کي جي مصيبت وقت "إِنَّا لِلّهِ وَإِنَّا إِلَيْهِ رَاجِعُونَ" چوندا آهن. "أُولَـئِكَ عَلَيْهِمْ صَلَوَاتٌ مِّن رَّبِّهِمْ وَرَحْمَةٌ وَأُولَـئِكَ هُمُ الْمُهْتَدُونَ" انهن تي الله پاڪ جون رحمتون نازل ٿين

ٿيون ۽ اهي ئي سنواٿا آهن. اتان ثابت آهي تہ مصيبتن تي صبر ڪري ”انا لله“ پڙهڻ، راضي برضاء ايزدي ٿيڻ انهن سچن مؤمنن جو شان آهي جن لاءِ بشارتون ۽ رحمتون پروردگار جون خاص ٿيل آهن. ۽ ايهي ئي ماڻهون هدايت وارا آهن ۽ جيڪي بي صبري ۾ پون ٿا، سي گمراه ۽ الله پاڪ جي رحمتن کان محروم آهن. بئي هنڌ فرمايل آهي. ”إِنَّمَا يُوَفَّى الصَّابِرُونَ أَجْرَهُم بِغَيْرِ حِسَابٍ“. (زمر) يعني بي حساب ثواب جنهن جي حد نهايت ئي ڪا نہ آهي، سو خاص صبر ڪندڙن لاءِ مقرر ٿيل آهي. هي بہ ارشاد ٿيل آهي، ”وَجَعَلْنَا مِنْهُمْ أَئِمَّةً يَهْدُونَ بِأَمْرِنَا لَمَّا صَبَرُوا“ (سجده) يعني بني اسرائيلن مان صبر ڪرڻ پاران ڪيترن کي امامت ۽ دين جي پشوائي عطا ڪئي سين، جو اسان جي امر سان خلق کي هدايت ڪندا هئا. اتان پڌرو آهي تہ صبر اهڙي شيءِ آهي جو ان مان امانت ۽ پشوائي جي حقداري ثابت ٿئي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو سيني دين جي پشوائن نبين ۽ ولين صبر تي كما حقه استقامت ۽ ماتم بي صبري کان نهايت دوري ۽ نفرت رکي اٿن. سورة عصر ۾ فرمايو اٿس تہ ايمان وارن ماڻهن کان سواءِ جي عمل صالح ڪندا ۽ حق تي هلندا ۽ صبر ڪندا آهن ۽ انهي حق ۽ صبر لاءِ هڪ بئي کي وصيتون ۽ نصيحتون ڪندا آهن. ٻيا سڀ ماڻهون

چيھي وارا ۽ نقصان ۽ ٽوٽي ۾ آهن. بخاري ۽ مسلم ۾ ابن مسعود ﷺ تعاليٰ عنہ کان روايت آهي تہ پاڻ ڪريم صلي الله عليه و آله و سلم جن فرمايو تہ ”ليس منا من ضرب الحدود و شق الجيوب و دعا بدعوي الجاهلية الخ“. يعني تہ جنهن شخص مصيبت ۾ منهن تي ڌڪ هنيا ۽ ڪپرا ڦاڙيائين ۽ ڪفر واري زمانہ وارا او سارا ۽ پٽڪا ڪيائين، تہ اهي اسان جي جماعت مان نہ آهن. عجب حال شيعن ماتم ڪي درست پائيندڙن جو آهي، جو ايها ساڳي حديث شريف سندن معتبرن ڪتابن ڪافي ڪليني ۾ حضرت امام جعفر صادق ﷺ تعاليٰ عنہ کان بہ روايت ڪيل آهي، پوءِ بہ پنهنجن امامن معصومن جي بر خلاف ماتم ڪي جائز، بلڪ ثواب سمجهي پنهنجو گهر هٿ سان تا ڍاهين. ابو موسيٰ اشعري ﷺ تعاليٰ عنہ کان بخاري ۽ مسلم روايت آندي آهي تہ پاڻ ڪريمن صلي الله عليه و آله و سلم جن فرمايو تہ ”انا بريء ممن حلق و صلق و خرق“. يعني تہ جنهن شخص ماتم ۾ مٿو ڪوڙايو ۽ پار ڪديا، ۽ ڪپڙا ڦاڙيا، تہ ان کان آءُ بيزار آهيان.

ابن ماجہ عمران بن حصين ﷺ عنہ کان روايت آندي آهي تہ هيڪر اسين ڪنهن جنازي تي حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه و آله و سلم جن سان گڏجي نڪتاسين تہ اڳيان ڪي ماڻهون ميت جي ماتم ۾ مٿي اگهاڙا، رڱين قميصن ۾ نڪتا

پيو آيا. پاڻ جوش ۾ ڪاوڙ سان فرمايائون تہ ڇا ڪفر جي ڪمن ڪي ورتو اٿو؟ يا وري ڪفر جي زماني سان مشابهت ڪرڻ جو ايرادو اٿو؟ خيال ٿو اچيم تہ اوهان جي حق ۾ اهڙي بد دعا گهران جو گهرن ڏانهن هوند انسان ٿي نہ (بلڪ پولا، باندر، خنزير ٿي) موٽو. راوي ٿو چوي تہ انهي تي اهي ماڻهون ڊنا ۽ جهٽ پٽ ڪپڙا پاتائون ۽ اڳتي لاءِ اهڙي بڇڙي روش کان توبہ تائب ٿيا.

اي منهنجا ياءُ! انصاف ڪر رڱن ڪپڙن لاهن سان بہ حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه و آله و سلم جي اهڙي ڪاوڙ ٿي، جو پاڻ رحمة للعالمين هوندي بہ کين پٽي پولن باندرن بڻائڻ جو ارادو فرمايائون ۽ هي معلوم باليقين آهي تہ سائين ڪريم صلي الله عليه و آله و سلم جي ڪاوڙ عين الله پاڪ جي ڪاوڙ آهي. تڏهين مٿي تي ڌوڙ وسائڻ، زنجيرن سان جسا ڪٽڻ ۽ مٿا ۽ جسم اگهاڙا ڪري اوسارا ۽ پار ڪڍڻ ۽ منهن پٽڻ ڪيتري قدر نہ کين رنج ڪندا ۽ اهو سبب آهي جو حديث شريف قدسي ۾ آهي تہ ”من لم يرضى بقضائي ولم يصبر على بلائي أو لم يشكر نعمائي ولم يقنع بعطائي , فليطلب رباً سوائي“. يعني الله سبحانه تعالیٰ ٿو فرمائي تہ جو ماڻهون منهنجي موڪليل مصيبت تي صبر نہ ڪري ۽ منهنجين ڏنل نعمتن جو شڪرانو ادا نہ ڪري ۽ منهنجي رضا تي راضي نہ رهي تہ اهو

منهنجي آسمان هيٺان نڪري وڃي ۽ مونکان سواءِ وڃي ڪو ٻيو الله پنهنجو ڳولي لهي. نعوذ بالله تعالىٰ عنه.
پاڻ پٽڪي ڪٽڪي ڪان تہ نيهو پر رڳو ميت لاءِ گڏ ويهڻ ۽ سوڳ ڪرڻ لاءِ بہ ٽن ڏينهن جي حد مقرر فرمائي اٿن، ان ڪان زياده سوڳ ۾ گذارڻ حرام ۽ ايمان ڪي ضايع ڪندڙ ڪم ٻڌايو اٿن. جيئن تہ فرمايائون: ”لا يحل لامراة تؤمن بالله و اليوم الآخر فوق ثلاث ليال الا علىٰ زوج اربعة اشهر و عشرا“. (بخاري مسلم) يعني تہ جنهن عورت جو الله پاڪ ۽ قيامت تي ايمان آهي تہ ٽن ڏينهن ڪان وڌيڪ ميت لاءِ سوڳ نہ ڪري. مگر مڙس لاءِ عدت جا چار مهينا ۽ ڏهہ ڏينهن سوڳ ڪرڻ جو حڪم اٿس. جو ان ۾ زيب زينت نہ ڪندي بلڪ ميري سيري ٿي رهندي. خزانة الفتاوىٰ ۾ آهي تہ : ”الجلوس في المصيبة ثلثة ايام جاءت الرخصة فيه و لا تجلس النسآء قطعا“. در مختار ۾ آهي تہ : ” تكره بعدها“. اهو هي تہ نهيو پر خود شيعن جي ڪتابن ۾ بہ اهلبيتن ڪان اهڙيون روايتون نقل ڪيون آهن. جي ماتم داري ڪي حرام ڪن ٿيون. هڪڙي روايت مٿي ڪافي ڪليني جي ذڪر ٿي چڪي ٻي روايت بہ ساڳي فروع ﺣ١ ﺻ ٢٠ ۾ لڪيل آهي تہ عن عبد الله: ”الصبر من الايمان بمنزلة الرأس من الجسد فاذا ذهب الراس ذهب الجسد و كذلك اذا ذهب الصبر ذهب

الايمان“. اھ يعني امام جعفر صادق رضي الله عنه تعالىٰ عنه فرمايو تہ ايمان لاءِ صبر جو اھڙو مرتبو آھي، جھڙو سموري جسي ۾ مٿي جو، پوءِ جي مٿو ويو تہ سمورو جسو ويو. اھڙي طرح جي صبر ويو تہ ايمان ويو. اھ. ھاڻي رافضي ماتمي ٻڌائن تہ حضرت امام جعفر صادق رضي الله عنه تعالىٰ عنه جي درگاہ مان ماتم ۽ بي صبري ڪري سندن ڪتابن جي روايتن موجب ڪھڙي فتوىٰ ملي؟ نہ ٻڌائي سگھن تہ اسين بيان ڪيون. يعني تہ ايمان ڇٽ ٿي وڃڻ جي بشارت ملين ٿي.

جن جا نالا پاڪ وٺي گھوڙي سوار ٿيا تن ئي ڏڪي اڇلاين. چو تہ ھو دين ايمان جا امام ھئا. نہ بدعت ۽ شرڪ جا ۽ الله پاڪ جي رضا مندي جا طالب مخلص ٻانھا ھئا. نہ دلدل نچاياٸون ۽ نہ تابوت ناھياٸون. انھي پاران ڪنھن بہ اھلبيت امامن سڳورن وغيرہ نہ پاڻ ماتم ڪياٸون نہ ٻين کان ڪراياٸون. نہ پڙڪٽاياٸون نہ اوسارا اوساراياٸون. پوءِ خبر نہ آھي تہ اڄوڪا نالي جا شيعہ ڪھڙو منھن وٺي امامن جي حب ۽ پيروي جي ڏاڙ ھٽندا آھن.

امامن سڳورن تہ مصيبت جا ڪوڙا ڍڪ صحبت جي چاشني ۾ شربت زلال وانگر خوشگوار سمجھي صبر جو سواد حاصل ڪياٸون ۽ ٻين کي بہ صبر جي صراط مستقيم تي قائم ڪري، وتواصوا بالحق و تواصوا بالصبر جا درجا ماڻاياٸون ۽

هنن کي وري مصيبت جو نانءُ به کو نه، رڳو خوامخواه کوڙ تي سندرو ٻڌي زردا پلاءَ ۽ ميوا شربت کائي پي پينگ ۽ چرس جا دم هڻي، هرويرو ٽا کٽي گهل گهوڙا ۽ يا حسين مچائن. اهو وري ڪهڙو ايمان آهي. جو جن لاءِ ماتم ڪجي تنجي دين کان ئي ٻاهر ڪم ڪجن ۽ ماتم به اهڙو جو عيدن تي به اهڙي خوشي ۽ ٻوڙ پلائن ۽ پينگن ۽ شربتن جا ڍونه ٿيا هوندا. جهڙا حضرت امام حسين رضي الله عنه تعالىٰ عنه جي انهن ماتم واري ڏينهن ۾ پن جي مال مان پيٽ پريا وڃن ٿا. لله في الله انصاف ڪري ڏسو دهل دمامان ۽ شرنايون، ٻوڙ پلاءِ شربت وغيره اهي سڀ خوشيءَ جا سامان آهن يا ماتم جا آهن؟ جي ماتم جا آهن ته پلا ڪنهن ماتامي پنهنجي پيءُ يا پٽ جي ماتم لاءِ به ڪڏهن اهي سامان گڏ ڪيا آهن. ڪنهن پينگ جي گهتي تي جاچا ڪري ڏسو ته پينگ تماڪ چرس وغيره پليت نشيدار شيون، ڪيترين انهي ڏينهن ۾ امامن جا حبدار امامن جي ختمي لاءِ خرچ ڪندا آهن. ماڻهن جو چشم ديد بيان آهي ته مقرر ڪيل ماتامي جي واري ڦيري سان مختلف پڙن تي حاضري ڏيندا آهن. پڙ تي اچڻ کان اڳ جاچ ڪرڻ لڳندا آهن ته آيا پينگ چرس نشو پتو موجود ٿيو آهي يا نه؟ هڪ هنڌان نفي جو جواب ملين ته چوڻ لڳا ته واه! پينگ کان سواءِ وري ماتم ڪهڙو ٿيندو. افسوس انهي هوندي به اسلام ۽ ايمان

جي نہ رڳي دعوىٰ، پر بين نيڪ بخت شريعت جي پاءبند، مگر انهن بدعتن ۾ ساڻن شامل نہ ٿيندڙن ماڻهن کي دين ۽ اسلام جي دائره کان خارج سڏڻ کان بہ کو نہ ٿا گسن ۽ دعوىٰ ٿا ڪن تہ اسان ئي امامن سڳورن جي سچي حب ۾ آهيون جو نماز روزي وغيره جي پرواه نہ، باقي محرم جي پهرين ڏهي ۾ نہ کير کائون نہ کٽ تي سمهون. کير کائڻ حلال ۽ کٽ تي سمهڻ جائز، انهن کان تہ انهن زباني قرب ونديندڙن رک رکي، پر کو پڇي ڏسين تہ انهن ڏينهن ۾ ڀنگ پيئڻ کان جا حرام آهي ۽ دهلن شرناين وڄائڻ کان جي محض ناجائز آهن، ڪڏهن بہ پرهيز ڪئي اٿو؟ افسوس جو کير حلال ماتمين لاءِ حرام، باقي ڀنگ حرام، حلال ۽ جائز! کي پورا ماڻهون چوندا آهن تہ ڀنگ نوشن کي اسان ڏٺو آهي تہ اوسارن ۾ ايندا آهن تہ ڏاڍو روئيندا آهن ۽ پٽيندا آهن. جناب من! جيڪڏهن رئڻ ڪٽي ڪٽي بہ ثابت ٿئي تہ ڪهڙي ڪم جو؟ جڏهن قرآن پاڪ ۽ امامن سڳورن جي صبر جي تعليم ۽ تلقين جي بر خلاف، محض شيطاني مجلس بدعات ۽ نشن پتن ۽ دهلن دمامن ملاڪڙن جي برپا ڪئي ويئي، تہ پوءِ سندن رئڻ تي اعتبار ڪرڻ بيوقوفن جو ڪم آهي، اهڙو رئڻ جو ڪوڙين سچين روايتن سان حضرت اهلبيتن نبوت ﷻ تعالىٰ عنهم جي خود ساختہ مظالمن جو ذڪر ٿيندو تہ ڪير نہ رئندو، ۽

ڳوڙها ڳاڙيندو؟ هي تہ اهل بيتن لاءِ ڪي ڪوڙيون ڪي سچيون روايتون ۽ ڪهاڻيون ڪٽي دردناڪ حالتون ڏيکاري رئارڻ ۽ رئڻ تاءِ پر جيڪڏهن ڪن بين عام ماڻهن بابت اهڙيون ڳاليهون ناهجن ۽ ٻڌجن تہ ان تي مسلمان ڇا پر هندو ۽ نصارا بہ جيڪر انساني حب ۽ همدري ڪري ڳوڙها ڳاڙڻ ۽ پوءِ اهڙي رئڻ سان سندن ڪهڙو ايمان ۽ اهلبيتن سان حب ثابت ٿيندي؟ سندن حب جي حجت ۽ ايمان جي ثابتي تڏهن ٿي سگهندي جڏهن قولاً فعلاً اهلبيتن جي تعليم ۾ سهٽي صبر جو اتباع ڪري، الله پاڪ جي رضا ۽ محبت ۽ طاعت ۾ پاڻ کي محو ڪري ڇڏن ۽ سندن شريعت جي رستي کان هڪ قدم بہ ٻاهر نہ رکن. نہ تہ پڪ سمجهو تہ اهو نام نمود جو ماتم ۽ رسمي روج قيامت جي ڏينهن هڪ پائي بہ ڪونہ اگهامندو. پاڻ امام سڳورا پنهنجي حڪم جي بر خلافي ڪري رنج رهندا ۽ کين گرفتار ڪرائيندا. باقي رهيا تابوت ۽ دلدليون تنهن لاءِ شيعن جي معتبر ڪتاب "من لا يحضر الفقيہ" جي هڪ روايت ۽ عبارت ئي ڪافي آهي جا حضرت ابي هريرة رضي الله عنه تعالىٰ عنہ يا ڪنهن ٻئي اصحابي سڳوري جي روايت ڪيل نہ آهي، مگر خاص وقال أمير المؤمنين عليہ السلام کان مروي آهي تہ "من جدد قبراً أو مثل مثالاً، فقد خرج عن الإسلام". باب النوادر يعني تہ جنهن شخص (قبر کي اٽکل تي) نئون ڪري

ناهيو يا كو كوڙو تمثيل يعني صورت جو نقل ناهيائين تہ اهو اسلام كان خارج ٿيو. بخاري شريف ۾ آهي تہ "لعن الله من ارا مزارا" يعني تہ سڪٽي قبر جي زيارت ڪندڙ تي الله پاڪ جي لعنت آهي. ترمذي شريف ۾ آهي تہ جنهن سڪٽي قبر جي زيارت ڪئي تنهن ڄڻ بت جي پوڄا ڪئي ۽ هي تہ اوهان کي معلوم آهي تہ تابوت قبر يعني حضرت امام صاحب جي روضي جو نقل ڪيو ٿو وڃي ۽ دلدليون گهوڙن جي تصوير آهن. پوءِ هاڻي اوهان جي مرضي حضرت سرور ڪائنات صلي الله عليه و آله و سلم جي حڪم ۽ حضرت امير المؤمنين رضي الله عنہ تعالىٰ عنہ جي فتوىٰ تي اعتبار رکي انهن تمثالن ۽ تابوتن کان بيزار ٿي پنهنجي ايمان کي بچايو ۽ لعنت کان آزاد ٿيو يا وري معصومن جي امر جي بر خلاف هلي اسلام ۽ ايمان تان هٿ کڻون. جيڪڏهن ڪو جاهل رافضي پنهنجا هٿراڌي دليل يا پنهنجو اجهاد پيش ڪري تہ ان ڳالهہ تي ويساهہ نہ ڪبو بلڪ ان کان قرآن پاڪ ۽ امامن سڳورن جو صريح چٽو پٽو نقل طلب ڪبو. جهڙي طرح مٿي انهن شين جي نا جواز ۽ حرمت بابت اوهان کي دليل پيش ٿيا ۽ پڪ ڄاڻو تہ انهن حرام ڪمن لاءِ ڪنهن بہ امام سڳوري نہ موڪل ڏني آهي ۽ نہ ڪيا ۽ ڪرايا اٿن. هي سڀ گمراه ماڻهن اسلام کان ورغلائڻ ۽ مسلمانن جي ايمان کي برباد ڪرڻ لاءِ بدعتون

ناهي شطاني كمن جو رواج وڌو آهي. اوهان تي لازم آهي ته پنهنجي اللهٰ پاڪ ۽ سندس قرآن پاڪ جي خاطر، پنهنجي دين ۽ قبر قيامت جي آزادگي خاطر، انهن كمن كان اللهٰ پاڪ ۽ حديثن شريفن ۽ امامن سڳورن جي اقوالن موجب توبه تائب ٿي پاڻ به پرهيز كريو ٻين كي به پرهيز كرايو، نه ته يقين ڄاڻو ته اڄ سياڻي اوچتي انهي جي جوابداري ۾ اوهان كي واحد القهار جي كورٽ ۾ پيش ٿيڻو آهي ۽ اتي پنهنجي قصور جو كو به عذر معذور اوهان جو كو نه هلندو.

وَمَا عَلَيْنَا إِلَّا الْبَلَاغُ الْمُبِينُ

سوال: ڇا ٿا فرمائن علماء سڳورا هن مسئلہ بابت تہ هڪڙا شخص جي مذهب جا رافضي يعني هلندڙ رواج موجب شيعہ آهن. ڏهين تاريخ محرم جي مرثيہ خواني ڪن ٿا جنهن ۾ اصحابن سڳورن جي شڪايت ۽ تبرا ۽ گلا بہ ڪن ٿا ۽ دهلن دمامن سان ماتم داري جي رسم ادا ڪن ٿا ۽ انهي موقعہ تي پيت بہ ڪن ٿا جنهن کي نياز سڏن ٿا. ڪي ماڻهون اهلسنت و الجماعت جا انهي بد رسم ڪندڙن سان شامل ٿين ٿا ۽ اهو نياز جو پيت ڪائن ٿا ۽ پنهنجي اهل عيال کي ڪارائن ٿا. شريعت موجب بيان فرمائيندا تہ مٿين ماڻهن، اهڙن ماتم ڪندڙن سان شامل ٿيڻ ۽ ڪائڻ پيئڻ جائز آهي يا نہ؟ ۽ جيڪي ماڻهون با وجود اهل دين جي سمجهائڻ هوندي بہ انهن بي دينن سان تعلقات رکڻ کان نٿا باز اچن تن بابت بہ شرعي حڪم لکندا. بينوا بالرهان اجرکم الرحمن.

جواب: ظاهر آهي تہ مٿي ذڪر ڪيل ڪم سڀ غير شرعي ۽ حرام آهن. انهن جا مرتڪب فاسق، ظالم ۽ گنهگار آهن ۽ سب و شتم ڪرڻ وارن لاءِ علمائن ڪفر جو خوف لکيو آهي. تنهن ڪري اهڙن مجلسن جي بانيڪار سان شريڪ ٿيڻ ناجائز ۽ انهن سان لاڳاپا رکڻ حرام آهن. قال اللّٰه تبارک و تعالیٰ”وَلَا تَرۡكَنُوٓاْ إِلَى ٱلَّذِينَ ظَلَمُواْ فَتَمَسَّكُمُ ٱلنَّارُ وَمَا لَكُم مِّن دُونِ ٱللَّهِ مِنۡ أَوۡلِيَآءَ ثُمَّ لَا

تُنصَرُونَ“. (ترجمو) نہ محبت رکو ۽ نہ لاڙو کيو انهن سان جي بدکاري سان ظلم کن ٿا. نہ تہ اوهان کي بہ دوزخ جي باھ چنبڙي ويندي ۽ الله پاڪ جل شانه کان سواءِ کو بہ اوهان جو مددگار ۽ عذاب کان ڇڏائيندڙ کو نہ ليندو.

و قال في تفسير الخازن ”ففيه وعيد لمن رکن الیٰ الظلمة او رضي باعمالهم و الیٰ حبهم فکيف حال الظلمة في انفسهم نعوذ بالله من الظلم“.(يعني تہ) انهي آيت شريف ۾ الله پاڪ عزاسمہ انهن شخصن کي عذاب جو دڙکو ڏنو آهي. جي بدکارن سان محبت رکن ٿا يا هنن جي برن کمن تي راضي رهن ٿا يا انهن سان پيار کن ٿا ۽ کهڙو حال ٿيندو انهن شخصن جو جي ظالم آهن. الله پاڪ جلشانه شال ظلم ۽ مصيبت کان مڙني کي امن ۽ پناہ ڏئي. حديث شريف ۾ ”مارہ وي عن أبي بكر الصديق رضي الله عنه عن النبي صلى الله عليه وسلم أنه قال“ ما من قوم عملوا بالمعاصي وفيهم من يقدر أن ينكر عليهم فلم يفعل إلا يوشك أن يعمهم الله بعذاب من عنده“ (يعني) کا بہ قوم جڏهن بد کم کرڻ شروع کندي آهي ۽ انهي ۾ کي ماڻهون انهي جي روکڻ تي قادر بہ هوندا آهن ۽ اهي انهن کي منع ۽ روک نہ

كنڊا تہ ويجھڙو آھي جو الله پاڪ جل شانه انھن سڀني تي عام عذاب ڪڙڪائي وجھي نعوذ بالله منهم.

كما قال رسول الله صلوات ربي وسلامه عليه "من رای منكم منكرا فليغيره بيده فان لم يستطع فبلسانه و ان لم يستطع فبقلبه وذلك اضعف الأيمان".

وفي رواية و ليس من وراء ذالک خردل من الايمان اهـ. (يعني) تہ جيڪڏھن اوھان مان ڪو ماڻھون غير شرعي ڪم ڏسي تہ طاقت ھجيس تہ انھي ڪي ھٿن سان بند ڪري ۽ ڪرائي ۽ جي اھا طاقت نہ ھجيس تہ زبان سان نصيحت ڪري ۽ چڱائي چوي ۽ جي اھا بہ طاقت نہ اٿس تہ پوءِ پنھنجي دل سان ان ڪي مٽو پائيئن ۽ انھن کان پڇي بيزار ٿئي. پر جي انھن بدڪارن سان ناتا ڇني ڏار بہ نہ ٿيو ۽ انھن جي مجلسن سان تعلق ڳنڍي ساڻن شامل ٿيو تہ ھڪ اھر جي داڻي جيترو بہ ايمان نہ بچندس. و في التفسيرات الاحمدية، قال الإمام عبد الرحمان الحنبلي الدمشقي "قال بعض العلماء الأمر بالمعروف والنهي عن المنكر باليد على الأمراء وباللسان على العلماء وبالقلب على عوام الناس". (الكنز الأكبر (ص 263) (يعني) ھٿن جي زور سان بند ڪرائڻ اميرن ۽ حاڪمن جي مٿان فرض آھي ۽ زبان سان چڱائي چوڻ علمائن تي لازم آھي ۽ احاديث مقدسہ مان پڌرو ٿيو تہ جي ماڻھون مٿيان غير

شرعي كم كن تا انهن سان اٿڻ ويهڻ كائڻ پيئڻ سلام كلام جائز نہ آهي ۽ جيكڏهن مسلمان دين جي غيرت چڏي انهن سان گڏجي كائن پين تا تہ اهي بہ فاسق ۽ گنهگار آهن. ٻين مسلمانن كي انهن سان بہ اهڙي ريت هلڻ كپي جيئن ٻين فاسقن سان چو تہ قرآن شريف ۾ فرمايل آهي تہ "و من يتولهم منكم فانہ منهم" (يعني) جيكو انهن ظالمن ۽ كفارن سان دلي دوستيون ڳنديندو سو بہ انهن مان ڳڻيو ويندو دانائن چيو آهي.

بيت

دوست پنهنجي دوست جي ٻڌي جي كٿ پچار
تہ وڙهــي ويــر تنهيــن ڏك هٽــي ٿئـــي ڏار
پوءِ بہ ساري سپ جمار دشمن پائيندس دوست جو

شك نہ آهي تہ اصحاب سڀڱورا اسان مڙين امتين جا استاد ۽ مرشد آهن ۽ حضرت پرين كريمن صلي الله عليه و آله و سلم جا حرم پاك رضي الله عنہ تعالىٰ عنهن نص قرآن شريف سان اسان جون مائرون آهن ۽ جن شخصن جي مرشدن ۽ استادن ۽ مائرن كي بي ادبي جا لفظ چيا وجن ۽ انهن جي دل نہ كري بلك خوش ٿي انهن سان گڏ كائي پئي تہ انهن مان غيرت جو مادو گم ٿيل سمجهڻ كپي. اصحابن سڀڱورن جي شان ۾ كم

و بيش لفظ ڳالهائيندڙ ۽ شڪايت ڪندڙن بابت حديثن شريفن ۾ زجر شديد آيل آهي. جيئن مشڪواة شريف ۾ آيل آهي، عن عبد الله بن مغفل ﷺ تعالیٰ عنہ قال قال رسول الله صلي الله عليه و آله و سلم "الله الله في اصحابي لاتتخذوهم من بعدي غرضاً، فمن احبهم فبحبي احبهم ومن ابغضهم فببغضي ابغضهم و من اذى هم فقد آذاني و من آذاني فقد آذى الله و من آذى الله فيوشك ان ياخذه". (ترمذي)

يعني تہ روايت ڪئي آهي حضرت عبدالله بن مغفل تہ حضرت رسول الله صلي الله عليه و آله و سلم فرمايو آهي تہ منهنجي اصحابن جي باري ۾ الله سائين کان خوف رکو ۽ مون کان پوءِ انهن کي طعنن جو نشان نہ بڻائجو پوءِ انهي شخص جو محبت رکيائين انهن اصحابن سان تہ پوءِ اها محبت مون سان محبت ۾ شمار ٿيندي ۽ جنهن شخص دشمني ۽ بغض رکيو اصحابن سان تہ پوءِ اها دشمني مون سان دشمني ليکي ويندي ۽ جنهن شخص ايذايو اصحابن کي پوءِ تحقيق ايذاياءئين مون کي ۽ جنهن شخص ايذايو مون کي پوءِ تحقيق ايذاياءئين الله پاڪ جل شانه کي جنهن شخص الله پاڪ کي ايذايو تہ پوءِ تحقيق ويجهو آهي الله پاڪ جل شانه هي جو گرفتار ۽ وٺ ڪري انهي کي عذاب ۽ مصيبتن سان. (ترمذي)

ٻي حديث شريف مشڪواة شريف ۾ آهي تہ، و عن انس ﷺ تعاليٰ عنہ قال قال رسول اللّٰہ صلي اللّٰہ عليہ و آلہ و سلم "مثل اصحابي في امتي كالملح في الطعام لا يصلح الطعام الا بالملح قال الحسن فقد ذهب ملحنا فكيف نصلح" رواہ في شرح السنة. يعني تہ حضرت انس ﷺ تعاليٰ عنہ روايت ڪئي تہ حضرت رسول اللّٰہ صلي اللّٰہ عليہ و آلہ و سلم فرمايو تہ منهنجي اصحابن جو مثال منهنجي امت ۾ ايئن آهي جيئن لوڻ طعام ۾ جو طعام لوڻ كانسواءِ صلاحيت نٿو رکي. چيو حسن ﷺ تعاليٰ عنہ پوءِ تحقيق ويو لوڻ اسان جو پوءِ ڪيئن صلاحيت رکنداسين اسان. روايت ڪئي ٿي انهي حديث کي شرح السنة ۾.

ٻي حديث شريف ۾ آهي، وعن عبد اللّٰہ بن بريدة ﷺ تعاليٰ عنہ عن ابيہ قال، قال رسول اللّٰہ صليٰ اللّٰہ عليہ وسلم "ما من أحد من أصحابي يموت بأرض إلا بعث قائدا ونورا لهم يوم القيامة" (الترمذي) يعني جيڪڏهن منهن جو اصحابي سڀورو ڪنهن ملڪ ۾ وفات ڪندو تہ اهو انهن ملڪن جي مؤمنن لاءِ (بهشت ڏي) رهبر ۽ نور بڻجي اٿندو.

سوال: هڪ شخص ڪن اهلبيتن سڱورن جي مقبرن تان غلاف لاهي ساڙي مقبرا شهيد ڪري اتي غلاظت ۽ پليتي ٿو ڪري بيان فرمائيندا تہ ان شخص لاءِ شريعت موجب ڪهڙو حڪم صادر ٿيندو؟

جواب : اهو شخص سخت بي ادب ۽ باطن جو انڌو ۽ گنهگار فاسق لائق سخت تعزير جو آهي. عام مؤمنن جي مقبرن لاءِ بہ شريعت موجب ادب ڪرڻ لازم آهي جو انهن جي مقبرن کي لتاڙڻ مٿن گهمڻ ڦرن ٽيڪ ڏئي ويهڻ بہ ناجائز آهي. عمرو بن حزم رضي الله عنه تعاليٰ عنہ کان روايت آهي تہ پاڻ ڪريم صلي الله عليه و آله و سلم مون کي هڪ قبر تي ٽيڪ ڏئي ويٺل ڏٺائون ۽ فرمايائون ”لا توذ صاحب هٰذا القبر“ يعني مقبري واري کي ايذاء نہ ڏي (رواه رحمد). عن جابرقال” نهى الرسول الله(صلّى الله عليه وآله)عن تجسيس القبور وان يكتب عليهاوان يبنى عليها وان توطاء“ اهـ. ملحضا يعني تہ پاڻ قبرن لتاڙن کان منع فرمايائون. ابو هريرة رضي الله عنه تعاليٰ عنہ کان روايت آهي تہ پاڻ فرمايائون قبرن جي مٿان ويهڻ بدران جيڪڏهن ماٺهون ٽانڊن تي ويهي ۽ باهہ سندس ڪپڙا جلائي وجي ڪل کي ساڙيس تہ اهو چڱواتس . ”قال في الفتح و يكره جلوس علي القبر و وطؤه و النوم عند القبر قضاء الحاجة“. اه ملخصا يعني

مقبرن تي ويهڻ انهن جو لتاڙڻ ۽ وٽن سمهڻ يا قضا حاجة يعني موريز ڪرڻ ڪراهة تحريم يعني ناجائز آهي. جڏهن هي حڪم عام مؤمنن لاءِ عموماً آهي تہ اهلبيتن سڳورن جي مقبرن لاءِ خصوصاً اهي بي ادبيون سخت گناهہ ۽ لائق اشد تعزير جي بڻائيديون. حڪومت خواه حل عقد جي اختيار وارن تي لازم آهي تہ انهي بي ادب شخص کي تنبيه ۽ سخت تعزير ۽سزا ڏين ۽ ڏيارين. قال في الدر "و عزر كل مرتكب معصية او موذي مسلم" اهـ. اها سزا اهڙي هئڻ ڪپي جو ٻئي ڪنهن بد باطن بي ادب خارجي کي وري اهڙي بي ادبي جي جرات نہ ٿي سگهي.

سوال: ڇا ٿا فرمائن علماء سڳورا هن صورت مسئلہ ۾ تہ ڪنهن شخص ماڻهن کي ٻڌايو آهي تہ فلاڻي هنڌ هڪ پير سرور شاه نالي مدفون آهي جو مون کي اهڙي طرح ڏيکاري آئي آهي اڳ انهي جاءِ تي ماڻهون پيشاب ڪندا هئا ۽ ٻڪرين جي واڙ هوندي هئي مگر انهي خبر ٻڌڻ کان پوءِ ڪن ماڻهن يقين آڻي انهي جاءِ تي ڪٽي هترادو قبر ٺاهي آهي ۽ مٿس پڙ وجهي پير سرور شاه مشهور ڪيو اٿن جنهن تي ڪيترا ماڻهو اچي باسون باسن ٿا ۽ شوق سان زيارت ڪن ٿا مجاور بہ عام ماڻهن کي انهي هترادو پير تي باسن باسڻ لاءِ بر انگيختہ ڪن ٿا. بيان فرمائيندا تہ شريعت موجب هترادو قبر ٺاهڻ ۽ سندس زيارت لاءِ وڃڻ يا باس باسڻ لاءِ ڪهڙو حڪم آهي؟ بينوا توجروا.

جواب: اتڪل تي هتراڏي قبر ٺاهڻ ۽ ان جي زيارت ڪرڻ يا وري باسون باسڻ سيئي شريعت پاڪ ۾ ناجائز ۽ حرام ڪيل ڪم آهن. نصاب الاحتساب ۾ آندو اٿس تہ ”الحسبة في العرف اختص بامور الیٰ قوله و الخامس و العشرون منع الناس عن اتخاذ القبور الكاذبة و خروج الناس الیٰ زيارت قبر بعض متبركين او بعض المساجد علیٰ مشابهة الخروج الحج“. اھ شرح برزخ ۾ طبراني، بيهقي ۽ ترمذي کان آڻي ٿو تہ حضرت سرور ڪائنات صلي الله عليه و آله و سلم جن فرمايو تہ ”من

زار قبرا بلا مقبور كانما عبد الصنم“ اھ. درهم الكيس ۾ لکي ٿو تہ ”من زار قبرا ليس فيہ ميت فهو كافر و امرائته بائن“ اھ. شرح برزخ ۾ آهي تہ ”و يستحب من اتخذ قبرا كاذبا باسم بعض المتبركين فيمنع الزائر و يهدم القبر و تسوي الارض“. اھ يعني ڪوڙيون قبرون جي بعض صالحن جي نالي تي ناهيون وجن تن جو ڍاهڻ ۽ زمين برابر ڪرڻ ۽ ماڻهن کي ان تي اچڻ کان روڪڻ واجب آهي اھ. انهن عبارتن مان پڌرو آهي تہ هتراڌي قبر ناهڻ ۽ اٽكل تي رڳو گمان يا خواب جي ذريعي قبر بڌائڻ شريعت موجب بالكل ناجائز ۽ حرام كم آهي تان تہ فقهائن ان کي كفر جهڙو كم ليكيو آهي ۽ انهن كمن جي جائز رکندڙ جي زال جدا ۽ بائن ٿي وڃڻ جي فتویٰ جاري فرمائي آهي. اهل اسلام ۽ ايمان لاءِ ايها تهديد ۽ تشديد زجر ۽ ترديد كافي آهي. باقي جيكي شريعت جي پرواهہ ئي كا نہ كين تہ شرع پاك بہ ان كان بيزار ۽ بي پرواهہ آهي. بياض واحدي ۾ درهم الكيس جي عبارت نقل كندي لکيو اٿس تہ ”فاي حاجة لبناء القبر بمجرد الوهم من غير يقين و التخمين لاجل الزيارت مع ترتيب المفسدة الكفر و البينونة عليه ان لم يكن فيہ عظام ميت مسلم فعلیٰ المستحب ان يدراء هٰذا المفسدة و لا يلتفت الیٰ جلب مصلحت منفعة الزيارة لما في الاشتباه“ دراء الفاسد اولیٰ من جلب المصالح“. اھ هٰذا

و اللّٰہ تبار تعالیٰ اعلم علمه احكم و اتم. المسئلة واضحة و قد شددوا الفقهاء في هٰذا المنكر اشد تشديدا و تتبعوا تعنتا و ترديدا من شآء التفصيل فليلاحظ زاد الآخرة و امثاله يجد هناک ما يروي و شفي العليل و اللّٰہ الهادي.

سوال: ڇا ٿا فرمائن علماء سڳورا هن صورت مسئلہ ۾ تہ رياست خيرپور ۾ هڪ شهر آهي کهڙا نالي جنهن ۾ ڪجھ عرصہ کان وني شيعہ مذهب جا ٿورا آدمي ٥ سيڪڙو رهن ٿا. جي پنهنجون مذهبي رسمون ماتمداري تعزيہ داري وغيره پنهجن مقرر جاين محدود اندر ادا ڪندا رهندا هئا ۽ خود رياست جي والي جي حڪم موجب ڪليو ڪلايو تعزين جو جلوس ڪڍڻ ۽ ماتمداري جون مجلسون برپا ڪرڻ ۽ علم کوڙڻ وغيره رسومات ادا ڪرڻ سندن لاءِ ممنوع ٺهرايل هيون. هاڻي جڏهن اهي والي رياست دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا سندن جاء نشين موجوده والي رياست جي غير حاضري ۾ جيڪي بہ صاحب حڪمران رهيا سي سخت متعصب شيعہ رهيا تڏهين کهڙن جي شيعن آزادي جي آڙ ۾ خاص سنين جي دلين کي مجروح ڪرڻ لاءِ مطالبو شروع ڪيو آهي تہ اسان کي تعزين جي جلوس ڪڍڻ ۽ ماتمداري جون مجلسون قائم ڪرڻ، جهندن کوڙڻ جي عام اجازت ڏني وڃي. چيف منسٽر صاحب (جو شيعہ آهي) انهن کي اهڙي اجازت ڏني آهي. هاڻي سوال آهي تہ شريعت محمدي علىٰ صاحبها الصواة موجب:

(١) وقت جي حاڪمن کي اهڙي فيصلي ڪرڻ جو حق آهي يا نہ؟

(٢) اهلسنت اهڙي فيصلي کي قبول ڪرڻ لاءِ بڌل آهن يا نہ؟

(٣) جيڪي ماڻهون انهي فيصلي مڃڻ لاءِ تلقين ڪن ٿا سي گنهگار آهن يا نہ؟
(٤) جيڪڏهن اهلسنت والجماعت انهي فيصلہ خلاف احتجاج ڪن ۽ انهن کي احتجاج ڪندي ڪين جيڪڏهن حڪومت کان تڪليف ملي تہ ائين ڪرڻ ڪري ڪين ثواب ملندو يا نہ؟
(٥) ڪهڙن ڪان ٻاهر رهندڙن اهلسنت والجماعت تي ڪهڙن جي سنين جي هن معاملي ۾ مدد ڪرڻ ضروي آهي يا نہ؟

جواب : بعون الله الملهم للسداد والصواب تابوت ناهڻ دلدليون نچائڻ سيجون ڪٺون ڪيڻ ٻلڪ رواجي ماتمداري جو مظاهره ڪرڻ زنجيرن هٽن وغيره سان ڌڪ هڻڻ بہ شرع مقدس ناجائز ڪم نهرائي ٿي ۽ صبر جي لازمي حڪم جي برخلاف ٻڌائي ٿي ”ليس منا من ضرب الحدود وشق الجيوب“ اخرجه ڪتب الفريقين شيعن جي ڪتاب فروع ڪافي ۾ روايت آهي تہ پاڻ ڪريم صلي الله عليه و آله و سلم بي بي خاتون جنت ﷺ تعالىٰ عنها کي فرمايائون تہ ”لا تخشي علي وجها ولا ترخي علي شعرا ولا تنادي بالويل ولا تقيمي علي نائحة “. يعني اسان جي بعد وصال منهن مبارڪ تي رهندو نہ ڌجو وار مبارڪ نہ چوڙجو واويلا نہ ڪجو پار ڪيندڙ عورت نہ ٻيهار جو. امام جعفر صادق الله تعالىٰ عنہ کان فروع ۾ مروي آهي تہ ”ضرب المسلم علي فخذه احباط لاجره“ يعني

مسلمان رانن ڏک هنيون تہ اجر ۽ ثواب كري پوندس. من لايحضر الفقه ۾آهي ”من زار قبر بلا ميت فقد كفر“ يعني هٿرادو سکٽي قبر ناهي ان جي زيارت کرڻ کفر جو کم آهي تابوت وغيره ۾ هٿرادي قبرن ۽ کتن ۽ گهوڙن جا نشان ۽ تمثال آهن وري انهي نمائش تي مشرکانہ رسومات نذر نياز سجده طواف سان تبرا بازي سان مسلمانن جي دل آزادي کرڻ حرام تي حرام ۽ فتنة فساد جو باعث ۽ دارين جو ضرر ۽ ايمان پهچائيندڙ آهي کو بہ اهل تشيع ائمه کرام کان ان جو ثبوت پيش نہ تو کري سگهي ماتمي مجروح قلب جو نشان آهي تہ کنڌ ۾ ويهي رئن نہ خوشي نمائش جا مظاهرا ۽ جهيڙا جهگڙا کري خواه مخواه اهلسنت وارن جي دروازن اڳيان تابوت کڏي تبرائون کرڻ ۽ فتنہ فساد اثارڻ شيعن جو مجتهد شيخ محمد تقي اصفهاني لکي ٿو تہ ”دستہ بندي وسينہ زدن وقفل وميخ بہ بدن فرو کردن وتيغ برسر زدن اين حرکات برخلاف شريعت اسلام قرآن و احاديث وغيراست“ الخ. يعني هٿ ٻڌڻ، سينو کٽڻ، قلف ۽ زنجير هڻڻ کاتيون متي ۾ هڻڻ اهي کم شريعت قرآن شريف ۽ حديث شريف جي برخلاف آهن.

پوءِ جن کمن جي اسلام ۾ متفق فتوىٰ موجب اجازت ئي نہ آهي تن لاءِ ايجيتيشن کرڻ ۽جبرا مفسدانہ فعلن ۽ آزدي جو

مرتكب ٿيڻ بالكل ناروا ۽ شرح مقدس ۽ قانون جي برخلاف آهي.بهر حال انهن اجازتن شهر ۾ فساد ۽ فتنہ كي دعوة ڏيئي ڇڏي آهي جنهن لاءِ هر هك مسلمان اهلسنت تي لازم آهي تہ (١) هو امر بالمعرف ونهي عن المنكر جي فرض ادائي لاءِ تبرائن ۽ لعن طعن جي مظاهرن ۽ تابوتن جي نا جائز جلوسن كي پنهنجي گهرن ۽ درن اڳيان نہ ڏسن نہ ٻڌن يعني قانوني منظم كوشش كن تہ اصلي دستور موجب اهي جلوس ۽ مظاهرا سندن گهرن اڳيان نہ نكرن.

(٢) حكومت كي اهڙو اختيار نہ آهي تہ هك گروہ جي راضي ركڻ لاءِ سندن مذهبي آزاري جي نالي تي ٻئي گروهہ جي مذهبي آزادي كسي ۽ سندن دل آزادي لاءِ هنن جي گهرن اڳيان ناجائز مظاهرن جي اجازت ڏئي.

(٣) پر جي كڏهين حكومت طرفان اهڙو فيصلہ شيعن جي راضي كرڻ لاءِ صادر ٿئي تہ اهل سنت تي لازم آهي تہ قانون جي حد اندر رهي ان جي روكڻ لاءِ چاره جوئي كن.

(٤) جيكي انهي فيصلي جي تائيد كن ٿا سي شرع مقدس موجب اهل سنت والجماعت جي دل آزاري ۽ حق تلفي ۾ مددگار جوابدار گنهگار سڏبا وفي الحديث من راي منكم منكرا فليغيره بيده فان لم يستطع فبلسانہ ومن لم يستطع

فبقلبه وذالک اضف الايمان او كما قال عليه الصلواة والسلام.

(٥) انهي فيصلي جي برخلاف پر امن احتجاج ڪرڻ اتان جي باشندن مسلمانن جو فرض آهي ۽ بيروني اهل اسلام کي انهن جي تائيد ڪرڻ لازم آهي انهي احتجاج ۽ تائيد ۾ هر ڪنهن مشڪل کي منهن ڏيڻ باعث اجر ۽ ثواب جو آهي. قال عزمن قائل وتعاونوا علیٰ البر والتقویٰ ولا تعانوا الاثم والعدوان يعني مدد ڪيو چڱائي ۽ پرهيز گاري جي ڪمن تي ۽ نہ مدد ڪيو گناهہ ۽ فرمائي جي ڪمن تي.

سوال: ڇا ٿا فرمائن علماء سڳورا هن بابت تہ دين ۾ شريعت كان مخالفن ماڻهن جيئن تہ رافضي ۾ خارجي ۾ غير مقلد وغير عمؤما ۾ بي دين پنگورن ماڻهن سان خصوصا دوستي ۾ محبت جا تعلقات رکڻ جائز آهن يا نہ؟
عام طرح مكان ۾ دائره آباد کندڙ بي دينن شريعت جي احكامن كان بي پرواھ نماز روزي جا تارك بلك منكر انهن مسلمان سان اٿڻ ويهڻ سلام كلام كرڻ يا سندن خير خيريات تل قل يا مجلسن ۾ شامل ٿيڻ درست آهي يا نہ ؟
بينوا توجروا.

جواب : ظاهر آهي تہ اهڙن صفتن وارن شريعت كان مخالف ماڻهن سان تعلقات چني ڇڏڻ نص قرآن شريف جي سان فرض كيل آهي جيئن فرمايل آهي تہ "لَا تَجِدُ قَوْمًا يُؤْمِنُونَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ يُوَآدُّوْنَ مَنْ حَآدَّ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ"يعني تہ مؤمن كي الله پاك ۾ سندس رسول كريم صلي الله عليه و آله و سلم سان مخالفت كندڙ سان دوستي ركندڙ نہ ڏسندين. حضرت پيغمبر صلي الله عليه و آله و سلم جن شريعت پاك كان مخالف فرقن لاءِ حكم فرمائن ٿا تہ "ان مرضوا تعودوا هم وان ماتوا فلاتشهدوا هم" رواه احمد ابودائود يعني اهي بي دين بيمار ٿين تہ كين پڇڻ بہ ناجائز آهي ۾ جي مري وڃن تہ سندن جنازي تي حاضر نہ ٿيڻ گهرجي.

حضرت ابن عمر ﷺ تعالیٰ عنہ هڪڙي بدعتي شخص جي نالي فرمايو هو تہ ”ان كان قد احدث فلاتقرئه مني السلام“ يعني جيڪڏهن دين ۾ بدعت پيدا ڪئي اٿس تہ منهنجا ان کي سلام بہ نہ ڏجو. حضرت پير جيلاني قدس سره غنية الطالبين ۾ لکي ٿو تہ ”فعلي المؤمن اتباع سنة والجماعت وان لايكاثر اهل البدعة ولا يسلم عليهم ولا يجالسهم ولا يقرب منهم ولا يهنيهم في الاعياد واوقات السرور ولا يصلي عليهم اذا ماتوا ولا يترحم عليهم اذا ذكرو“. اهـ يعني تہ مؤمن کي سنة والجماعت جو تابعدار رهڻ گهرجي ۽ بدعتن کي زور نہ ونائڻ کپي سلام بہ نہ ڏني انهن سان گڏ بہ نہ ويهي نہ ويجهو وجي ۽ عيدن وغيره خوشين جي موقعن تي کين مبارڪباد نہ ڏجي مري وجن تہ سندن جنازو نہ پڙهجي نہ وري سندن مؤن لاءِ رحمت جي دعا گهرجي. اهـ مطلب تہ انهن د ين کان مخالف ماڻهن کان شريعت پاڪ بيزار رهڻ جو حڪم ڏئي ٿي.خصوصاً مٿين صورت ۾ تہ انهن بي دينن جا ڪيترا اهڙا ڪم بہ آهن جو ايمان کان خارج ڪري وجهن ٿا. پوءِ نہ تہ انهن جو ڪنل جا نور ئي حلال ٿيندو نہ وري هو اسلام جي فرقن مان ئي ڳڻي سگهبا.تنهن ڪري مسلمانن تي لازم آهي تہ اهڙن بدڪارن کان“الحب لله و البغض لله”حڪم موجب جدا ٿي رهن .پهنجي خير خيراتن ۽ مجلس ۾ نہ انهن کي شامل

ڪرڻ گهرجي نہ پاڻ ئي سندن مجلسن ۾ وڃي شريڪ ٿجي. الله تعالىٰ شال سيني مؤمنن کي شريعت جي تابعداري نصيب فرمائي ۽ سندن ايمان محفوظ ڪري والله الهادي.

سوال: شيعن رافضين لاءِ شريعت مقدس جو ڪهڙو حڪم آهي؟
آيا هو اسلام ۾ داخل اهل قبله ۾ شمار ڪيا وڃن ٿا يا خارج ازدائر اسلام ارتداد جي حلقي ۾ بزنجير سمجهيا وڃن.
جيڪڏهن پيءُ اهلسنت والجماعت فرقه ناجيہ مان آهي ۽ سندس پٽ رقص جي علة ۾ گرفتار آهي تہ هڪ ٻئي جو ورثو وغيره اسلامي حقدارين ۾ شريڪ ٿي سگهن ٿا يا نہ؟
جواب: رافضين جا چاليهن کان بہ زياده ٽولا ۽ گروه آهن ڪي فاسق مبتدع آهن تہ ڪي ڪافر مرتد خارج از اسلام آهن فاسق غير مرتد اُهي آهن جي ضرورت اسلام جو انڪار جو نٿا ڪن ۽ قرآن شريف ۽ قرآن شريف جي منزل عليه يعني سرور ڪائنات صلي الله عليه و آله و سلم تي پورو صحيح اعتقاد ۽ ايمان رکن ٿا ۽ مرتد اهي آهن جي قرآن شريف کي بياض عثماني يعني حضرت عثمان غني ﵁ تعالیٰ عنہ جو هٿراڏو نهيل ڪتاب چون ٿا ۽ حضرت علي ڪرم الله وجهه کي الوهيت يا نبوت جو پاڳي پائيوار ڪن ٿا "قال في النبراس". بان منكر كلامية ما بين دفتين انما يكفر لو اعتقد نفي الكلامية بمعنىٰ انه من مخترعات بشر اهـ وفي ردالمختار "بخلاف من ادعىٰ ان عليا اله وان جبرائيل غلط لان ذالک ليس عن شبهة و استفراغ وسع في الاجتهاد بل

محض هوا اهـ” قلت وكذا يكفر قاذف عائشة ﷺ تعالیٰ عنها ومنكر صحبة ابيهالان ذالک تكذيب صريح القرآن كما مرفي الباب السابق“ اهـ.
هن ۾ شڪ نہ آهي تہ اثنا عشري شيعا يعني ٻارهن امامن کي نبين وانگر معصوم سمجهندڙ شيعا قرآن شريف جا پنهنجي ڪتاب جي تعليم موجب منڪر آهن جيئن تہ سندن ڪتاب فروع ڪافي ۽ احتجاج طبرسي ۽ فصل الخطاب ۾ ڏيڪاريل آهي احتجاج چوي ٿو ”ولو شرحت لک ما اسقط و حرق و بدل مما يجري هٰذا المجري لطال و ظهر ما تحظر التقيہ اظهاره“ اهـ يعني جيڪڏهن قرآن مان ڪيئل سورتون ۽ مثايل ڪلمات وغيره ظاهر ڪريان تہ ڳالهہ ڊگهي ٿي وڃي ۽ جنهن ڳالهہ کان تقيو روڪي ٿو سا ظاهر ٿي پوي صافي ترجمہ ڪافي ۾ آهي ”مراد بقرآن قرآن محفوظ است نزد ائمہ کہ ہفدہ ہزار آيت است حہ ٢ صفہ ٧٥“ حالانڪ موجوده قرآن شريف تقريباً ڇهہ هزار ڪن آيتون مس آهي سي بہ شيعن جي روايتن موجب محرف ۽ بدل سدل ٿيل آهن جن تي ڪو اعتبار ڪو نہ آهي. نعوذ بالله تعالیٰ من هذه الهفوات. پوءِ جيڪڏهن ڪنهن بہ شيعہ جا اهڙا عقائد هوندا تہ باتفاق علماء اسلام هو اسلام کان خارج آهي اهڙو شيعہ پنهنجي پيءُ سني جو ورثو نہ ٿو ڪٽي سگهي جيستائين ڪ توبہ تائب نہ ٿئي نہ وري سندس هٿ جو ڪنل

جانور ئي حلال ٿيندو. مولانا عبدالحي فتواي ۾ لکي ٿو.
”آنانکہ قذف عائشہ می سازند کافر اند ذبیح شان نا جائز و حرام است“
اهـ ۽ شرح عقائد ۾ جو لکيل آهي تہ ”و لا يكفر اهل القبلة“
اهـ. سو اهل قبله مان ضروريات ۽ اصول اسلام کان غير
منکر مراد آهي باقي عين قرآن شريف يا قرآن شريف مان
قطعي نص سان ثابت ٿيل احکامن جا منکر بالاتفاق کافر
آهن. خيالي ۾ لکي ٿو ”هذه القائدة في انه لا يكفر في
المسائل اجتهادية اذا لا نزاع في تكفير من انكر ضروريات
الدين“. اهـ يعني اهل قبلہ مان اهي مراد آهن جن جو اسان سان
اختلاف اجتهادي مسئلن ۾ آهي. باقي دين جي ضروري ۽
قطعي احکامن جي منکرن لاءِ اتفاق آهي تہ هو کافر خارج
از دائرهء اسلام آهن. “
هٰذا والله اعلم و علمه احكم و اتم.

سوال: بدعتي كير آهن؟

جواب : قال في الدر مختار، ”مبتدع و هي اعتقاد خلاف المعروف عن رسول الله صلي الله عليه و آله و سلم لا بمعاندة بل بنوع شبهة اهـ وفي العيني والعناية اهل الهوىٰ اهل البدع و في النهاية اصول اهل الهوا ستة الجبرية و القدرية و الروافض و الخوارج و المشبهة والمعطلة اهـ ملخصا“.

هتان پڌرو آهي تہ فقهائن وٽ بدا عتقاد ماڻهون کي چئبو آهي نہ بدعمل کي. بدعمل فاسق آهي نہ مبتدع ۽ بد اعتقاد جماعتن جا بنيادي فرقا ڇهہ آهن شيعہ، خارجي، جبري، قدريہ، مشبهة ۽ معطلة هر هڪ فرقہ جون ١٢-١٢ شاخون آهن انهن سيني فرقن ۽ انهن مان ڦتنڌڙ شاخن کي زڪواة نہ ڏبي پر جي علم هوندي ڏبي تہ ادا نہ ٿيندي.

سوال: هاڻوڪا وهابي بہ بدعتي آهن يا نہ؟

جواب :قال في الدر علىٰ قوله التنوير "اهل الهوي" اي اصحاب بدع كجبر و قدر و رقض و خروج الخ وفي ردالمختار. يكفي فيهم (الخوارج) اعتقاد كفر من خرجوا عليه كما وقع في زماننا عبد الوهاب الذين خرجوا من نجد وتغلبوا علىٰ الحرمين و كانوا ينتحلون مذهب الحنابلة ولكنهم اعتقدوا انهم هم المسلمون و ان من خالف اعتقادهم مشركون و استباحوا بذالک قتل اهل السنة و قتل علمآءهم حتیٰ كسر الله تعالیٰ شوكتهم عام ١٢٣٣ هـ اه ملخصا. هنن عبارتن مان معلوم ٿيو تہ :- (الف) خارجي بدعتي آهن. (ب) خارجين جو اعتقاد هوندو آهي تہ اسان جا خود ساختہ اعتقاد حق آهن ۽ انهن اعتقادن جا مخالف پوءِ اُهي ڪهڙيون بہ بزرگ هستيون هجن سڀ مشرڪ ۽ ڪافر آهن اهوئي سبب آهي جو انهن بدنصيبن حضرت امير المؤمنين مرتضىٰ علي شاه كرم الله وجهه حضرت امير عثمان ۽ طلحة ۽ زبير رضي الله تعالیٰ عنهم جهڙين مقدس هستين تي نعوذ بالله ڪفر جون فتوائون جاري ڪري مخلد في النار چوڻ جي جرات ڪئي آهي. (ج) پاڻ کان سواءِ سيني مسلمانن کي مشرڪ سمجهڻ سڏڻ ڪفارن جي حق ۾ نازل ٿيل آيات مسلمانن تي ڪرڻ بدعة جو نشان آهي بخاري شريف ۾ آهي "كان ابن عمر رضي الله تعالیٰ

عنها يراهم شرار خلق الله وقال انهم انطلقوا الىٰ آيات نزلت في الكفار فجعلوا علىٰ المؤمنين ". اھ ح ٢ صفه ١.٢٤ مطلع كرزن گزٽ بعد كتاب الديات باب قتال الخوارج والملحدين.

(د) محمد بن عبدالوهاب ۽ سندس تابعدارن جو اعتقاد ہہ ساڳيو خارجين وارو آهي تہ پاڻ کان سواءِ ٻين سڀني مسلمانن مٿان شرڪ جي فتوىٰ جاري ڪندا آهن ۽ انهن جو قتل ڪرڻ ۽ سندن عورتن کي ٻانهيون ٻانئڻ جائز ڄاڻندا آهن.

(ح) باوجوديڪ هو ڪنهن خاص امام سڳوري جي تقليد جي دعوىٰ بہ ڪندا رهن تہ بہ هو گمراھ فرقہ ۽ بدعتي آهن.

خارجين جون وڏيڪ علامتون

احاديث مقدس ۾ انهن خطرناڪ بي ادب فرقہ جي سڃاڻپ ڪرايل آهي تہ :-

(١) " يقرائون من القرآن لا يجاوز تراقيهم وفي رواية يدعون الىٰ كتاب الله تعالىٰ.

يعني قرآن شريف کي پڙهندا ۽ ان ڏي سڏيندا پر سندن نڙين کان هيٺ نہ لهندو.

(٢) " يقتلون اهل الاسلام ويدعون اهل الاوثان. (بخاري)

مسلمانن کي ڪافر سڏي شهيد ڪندا ۽ بت پرست ڪافرن جو نالو بہ نہ وٺندا.

(٣) يزالون يخرجون كلما قطع نشائقرن حتىٰ يخرج آخرهم مع مسيح الدجال.(حم طب)

هميشه پشت بہ پشت پيدا ٿيندا رهندا تان تہ سندن پويان دجال جو لشڪر بڻندا.

(٤) شفاعت جا منڪر بلڪ حضور صلي اللّٰه عليه و آله و سلم جي شان اقدس کي متائڻ جي ڪوشش ڪندڙ عدو آهن. (الملل والحل) وفي مصنف ابن ابي شيبة عن ابي يحيٰ انه سمع رجلا من الخوارج و هو يصلي صلواة الفجر يقول و لد اوحي اليک والي الذين من قبلک لئن اشرکت ليحبطن عملک و لتكونن من الخاسرين قال فترک سورته التي كان فيها وقواء فاصبر ان وعد اللّٰه حق ولا يستخفنک الذين لايوقنون.

معلو ٿيو تہ انهي بدنصيب خارجي پنهنجي اصول موجب جئن اهل اسلام تي ڪافرن لاءِ نازل ٿيل آيتون پئي پڙهيون تيئن خطاب جي الفاظ مان مغالطه ڏئي حضور صلي اللّٰه عليه و آله و سلم جي شان اعلىٰ ۾ بہ گستاخي ڪري ويو نہ تہ جي قرات مقصود هجيس هان تہ مرتب آيات پڙهي هان بخاري شريف ۾ آهي تہ "واولئک شرار الناس ذهبوا الىٰ آيات تعالىٰ نزلت في حق الكفار فجعلوا ها في حق المسلمين".

(٥) يمرقون من الدين كما يمرق السهم من الرمية ثم لايعودون اليه (حم زطب ک) صہ ٢٩٣.
هن مذهب جي گروه سان جيكو تعلق ركندو تنهن جي قلب تي اهڙي تہ شقاوت جي كارنهن چڙهندي جو وري هدايت ڏي موٽڻ جي تمام گهٽ اميد رهندي.
(٦) حضور صلي الله عليه و آله و سلم ۽ اولياء كرام جي شان اقدس گهٽائڻ ۽ سمٽائڻ لاءِ آتا رهندا سيني ولين جي سرتاج حضرت علي المرتضي رضي الله عنه تعالىٰ عنہ سان جي بي ادبيون هن گروهہ كيون تنهن جو حال پڙهي آيا پر سرور كائنات صلي الله عليه و آله و سلم جي كسر شان لاءِ شفاعت جا انكاري ۽ در پرده عيب جوئي جا طلبگار هوندا آهن.

تحریر در باب تعظیم
حکومت تاجرون سے زکواۃ وصول کرتی ہے۔ قال في الدر۔۔ "العاشر هو حر مسلم نصبه الامام علىٰ الطريق للمسافرين". اهه ملخصا وفي الدرالمختار علىٰ قوله للمسافرين اي "طريق السفر لاجل الحماية ليامنوا من اللصوص". و في المبسوط "و هو ان يامن التجار من اللصوص و يحميهم منهم". اس تحقیق سے ظاہر ہے کہ بینکوں میں جو نقود محفوظ رکھے ہوئے ہیں یا اموال تجارت جو کھلے میدانوں اور بازارون میں عوام و خواص کی نظروں سے پوشیدہ نہیں بلکہ سامنے ظاہر رکھے ہیں وہ اگرچہ حکومت کے علم میں بلکہ حفاظت میں بھی ہیں پھر بھی اموال باطنہ ہیں نہ ظاہرہ کیونکہ مصر میں ہیں خارج از مصر نہیں ہیں۔

قولہ : سودی حرام نقد سرمایہ کی حلال نقد میں جمع ہو تو زکواۃ دونوں کی وصول کی جائے گی اصل مال کی کٹوتی زکواۃ میں شمار ہوگی اور سود کی کٹوتی بلانیت صدقہ ہوگا جو حرام آمدنی کے گناہ کا کفارہ سمجھا جائے گا۔

اقول : حرام مال غصب چوری رشوۃ سود وغیرہ کا شرعا اس کے مالک پر رد کرنا واجب ہے اور اگر مالک معلوم نہ ہوسکے تو یہ نجس مال کسی ایسے فقیر کو اس طرح دینا ہے کہ اسکے دینے سے نیت ثواب نہ ہو سکے۔ کیونکہ ہمارے ملک میں حکومت بینکوں کی وساطت سے سود لیتی بھی ہے اور دیتی بھی ہے اور یہ لین دین جن مالداروں اور حکومت کے درمیان ہوتے ہیں ان کے نام اور مکمل پتہ دفتروں میں ہوتے ہیں لہذا حکومت پر لازم ہے کہ جن سے سود لیا ہے ان کو واپس

کردے اور جن کو دیا ہے ان سے واپس لے۔ اس طرح یہ سودی معاملات ختم اور اس ناپاک سرشتہ کی تطہیر ہوجائے گی اور آئیندہ بینکوں کا معاملہ شرعی اصول مضاربۃ وغیرہ پر چلایا جائے تو اہل اسلام کو اس نجس دلدل سے نکالا جا سکتا ہے۔ تعجب کا مقام ہے کہ عین اس وقت جبکہ حکومت کی طرف سے زکواۃ کی ترغیب اور اس کے منافع بیان کر کے عبادت کا بلاوا دیا جاتا ہے سود کو منافع کا لقب دیکر سرمایہ کے دو چند ہونے کی بھی ترغیب اور خوشخبری دی جاتی ہے۔ یاد رکھنا چاہیے کہ سود کو زکواۃ کے ساتھ ملانے اور دونوں کو ایک درجہ میں رکھنے سے نہ صرف یہ کہ ایک قطعی حرام چیز کو عبادت میں ملایا جاتا ہے بلکہ سودی معاملہ کو ثابت اور برقرار رکھنے کا بھی جرم ہے کیونکہ رضا بالمعصیۃ خود معصیتہ ہے۔ اس کے علاوہ زکواۃ کی طرح حرام مال کے نصاب سے زکواۃ ادا کرنا اور حلال مال میں مخلوط کرکے حکومت کی طرف سے تقسیم کرانا اور مصرف زکواۃ میں صرف کرنا ایسے قرینہ ہیں جن سے استحلال الربوا کا شائبہ پایا جاتا ہے اور فقہاء نے ایسے مقامات میں کفر کے خوف سے ڈرایہ ہے۔ " قال في الدرالمختار "رجل دفع الی فقیر من المال الحرام شیئًا یرجو بہ الثواب یکفر و لو علم الفقیر بذالک فدعا لہ و امن المعطي کفرا جمیعا کذالک لو کان المؤمن اجنبیا غیر المعطي او القابض". الی قولہ "قلت الدفع الی الفقیر غیر قید بل مثلہ فیما یظهر لو بني من الحرام مسجدا او نحوہ مما یرجو بہ التقرب لان العلۃ رجاء الثواب فیما فیہ العقاب لایکون ذالک الا باعتقاد حلہ". اھ ح

۲ ص ٥. اوریہ جو کہا جاتا ہے کہ حرام مال کا شرعا یہ حکم ہے کہ اس کا مالک موجود ہو تو اس کو لوٹا دیا جائے اور بینکوں کا مال حکومت کی ملکیت ہے حکومت اس ڈھائی فیصد صد بغیر نیت ثواب کے کٹوتی کرتی ہے کتنی لغو بات اور حیلہ علیلہ ہے کیونکہ حکومت نے اپنے مال کو خلط بمال الغیر سے نہ آزاد کیا ہے اور سودی عقد کو ختم کرکے بینک اکائونٹ ہولڈر کو اس کا سرمایہ علحدہ کر کے قبضہ دیا ہے اور نہ سودی رقم سے کٹوتی کے بعد جو بقیہ ہے اس کو حکومت نے اپنے قبضے میں لیا ہے جس سے سودی عقد ختم ہوجاتی بلکہ مخلوط مال میں سے کٹوتی وہ کی گئی ہے جو زکواۃ کی ہوتی ہے پھر بھی کہا جاتا ہے کہ یہ کٹوتی بغیر نیت ثواب ہے فقیر کو حرام دینا اس پر فقیر کا دعا دینا اور دینے والے کا آمین کہنا بھی بلکہ با خبر جب : استحلال المعصیتہ : کے قرینے بنتے ہیں تو سود اور سرمایہ کے مخلوط کو سرمایہ بنانا اور زکواۃ کی طرح ڈھائی فیصد وصول کرنا اور باقی مال سرمایہ اور سود جمع کرکے بینک اکائونٹ ہولڈر کو وصول کرانا: استحلال الربوا: کے کیونکر واضح دلیل نہ بنینگے؟ خصوصا جبکہ ڈاکٹر صاحب خود ھی تصریح فرماتے ہین کہ سودی مال کی کٹوتی صدقہ ہوگا جو حرام آمدنی کے گناہ کا کفارہ ہوگا۔ اس سے ظاہر ہے کہ یہ کٹوتی بہ نیت ثواب ہے کیونکہ گناہ کا کفارہ ثواب سے یہی ہوا کرتا ہے جیسے نجس پانی سے نجاست حقیقی یا حکمی کا ازالہ نہین ہو سکتا ایسے ہی گناہوں کا کفارہ حرام

مال کے صدقہ سے ممکن نہیں تو پھر اس کٹوتی سے : استحلال الربوا:
میں کوئی شبہ نہ رہا۔

قولہ : زکواۃ فنڈ میں نفلی صدقات اورعطیات بھی شامل ہیں۔

اقول: یہ تو دوسری مشکل بات پیدا ہوگئی کیونکہ زکواۃ کے مال میں نفلی صدقات اور عطیات کو خلط کرنا جائز ہی نہیں فقہاء نے تصریح فرمائی ہے کہ حکومت اسلامیہ کو زکواۃ اور نفلی صدقات کیلئے علیحدہ علیحدہ بیت المال بنانے ہیں اس لیئے کہ ان دونوں کے مصرف بھی جدا جدا ہیں زکواۃ اہل بیت اغنیائ اور صاحب مال کے اصول و فروع کو نہیں دی جا سکتی اور نفلی صدقات و عطیات سب کو دینا جائز ہے حکومت پر لازم ہے کہ اس مخلوط مال سے وجوبی اور نفلی صدقات علیحدہ کرکے جدا جدا بیت المال میں محفوظ کرے۔

قولہ : نابالغ کی زکواۃ میں شافعی مذہب اختیار کیا گیا ہے۔

اقول: اس تبدیل اور تلفیق کی کوئی ضرورت نہیں جبکہ ہمارے پاکستان میں حنفی مذہب پر فتوی جاری ساری ہے اور اس مذہب کے کتاب اور علماء اور مفتیانِ دین موجود ہیں دوسرے مذاہب کے علماء اور لٹریچر عمومی طرح نہیں مل سکتے ہیں تو احناف اشراف کے مسلک سے انحراف نہ ہونا چاہیے ازآنسواء فقہاء نے تلفیق کو ناجائز اور حکم ملفق کو باطل قرار دیا ہے واللہ اعلم بالحق والصواب والیہ مرجع و الماب۔

فهرست - ڪتاب الصوم

- انجيڪشن ڪرڻ سان روزو ڀڄندو يا نہ؟
- ١. روزي سان نڪ ۾ دوا يا ناس ڏيڻ سان روزو ڀڄندو يا نہ؟ ٢. روزي سان ڪن ۾ پاڻي يا تيل وجهڻ جائز آهي يا نہ؟ ٣. روزي سان اک ۾ دوا وجهڻ يا سرمي پائڻ سان روزو ڀڄندو يا نہ؟
- روزي سان يا نماز پڙهندي بلغم ڳهڻ سان روزو يا نماز ڀڄندي يا نہ؟
- روزي سان مقعد ۾ دوا داخل ڪرڻ سان روزو ڀڄندو يا نہ؟
- روزي سان عطر لائڻ يا گل سنگهڻ جائز آهن يا نہ؟
- رمضان شريف ۾ ڏينهن ڏني جو نڪاح جي مجلس قائم ڪري مناڀون ڪارايون وڃن تہ گناهہ ٿيندو يا نہ؟
- عيد فطر جي چنڊ جو ثبوت غبار ۽ رائي جي حالت ۾ گهٽ شاهدن سان ٿي سگهندو؟

- رمضان شريف جي اوٹتيهين تاريخ صبح جو اوپر کان چنڊ اپريل ڏنو ويو وري ٽيهين جي رات چنڊ ڏسڻ جو اعلان ٿيو تہ عيد ڪجي يا نہ؟
- ١۔ ڪو ماٹهون پاڪستان ۾ رمضان شريف جو چنڊ ڪونہ ڏسي ويو هيو۔ نفلي روزو رکي هوائي جهاز رستي عربستان ويو اتي رمضان شريف جو چنڊ ڏنو ويو هيو تہ اهو نفلي روزو رمضان شريف جو ٿيندو يا نہ؟ ٢۔ اهڙي طرح عربستان شريف مان عيد ڪري پاڪستان پهتو تہ اتي اجان رمضان شريف هيو تہ وري روزو رکي يا نہ؟

بِسمِ اللّٰهِ الرَّحمٰنِ الرَّحيمِ

كتاب الصوم

سوال: ڇا ٿا فرمائن علماء ڪرام ۽ فقهآء عظام تہ سئي (انجيڪشن) هڻائڻ سان روزو ڀڄي پوي ٿويا نہ؟

جواب: ظاهر آهي تہ روزي ڀڄڻ لاء غذا يا دوا جو ٻن جوفن يعني پورن ۾ پهچڻ شرط آهي هڪ دماغ ٻيو پيٽ ۽ انجيڪشن ۾ دوا سئي جي وسيلي سان رڳن ۾ پهچائجي ٿي نہ پيٽ اندر نہ دماغ جي پور ۾ قال في الكنز ”لوداوا جائفة او آمة بدواء وصل جوفه او دماغه افطر“. اهـ قال العيني. والاكثرون علىٰ ان العبرة للوصول فان وصل الىٰ الجوف افطر والا لا“. و قال في جامع الرموز للعلامة القهستاني رحمه الله تعالىٰ ”ان وصل دواء الىٰ جوفه او دماغه من غير المسام فلو وصل شيءٌ منها الىٰ الجوف لم يفسد بلا خلاف“. اهـ ص ١٥٨.

سوال : روزي سان دوا جو هڪ ڦ ٽيپو نڪ ۾ وجهائڻ يا ڪير وغيره جي ناس وجهائڻ سان روزو ٽڄندو يا نہ؟

٢. روزي سان ڪن ۾ پاڻي پوي يا ڪن ۾ تيل وجهجي تہ جائز آهي يا نہ؟

٣. روزي سان اک ۾ دوا وجهجي يا سرمون پائجي تہ روزو ٽڄندو يا نہ؟

جواب : ١. روزي سان نڪ ۾ دوا يا ناس وجهڻ سان روزو ٽڄي پوندو ٢. ڪن ۾ پاڻي پوي تہ روزو نہ ٽڄندو پر جي ڪن ۾ تيل وجهبو تہ روزو ٽڄي پوندو ٣. روزي سان اک ۾ دوا وجهڻ يا سرمي پائڻ سان روزو نہ ٽڄندو وفي الكنز ”وان احتقن او استعط او اقطر في اذنه او داوىٰ جائفة او آمة بدواء الىٰ قوله افطر“. و قال العيني اقطر في اذنه اي دهنا لان الماء اذا اقطر لا يفطر“. اهـ قال الشامي قدس سره السامي .”قيد بالدهن لانه لاخلاف في فساد الصوم به“. ولو اقطر شيئا من الدواء في عينه لايفسد صومه عندنا وان وجد طعمه في حلقه“. (خزانة نورالهدىٰ.

سوال: روزي جي حالت ۾ يا نماز پڑھندي بلغم اچي تہ انجي ڳهڙ سان روزو يا نماز ڀڄندا يا نہ؟

جواب: روزي جي حالت ۾ نماز پڑھندي بلغم اچي تہ ان جي ڳهڙ سان نڪي روز ڀڄندو نڪي نماز ڀڄندي قال في الهندية "ولو دخل المخاط انفه من رائسه ثم استشم فادخل حلقه عمدا لم يفطر لانه بمنزلة ريقه". كذا في محيط السرخسي اهـ

سوال: روزي سان مقعد ۾ دوا داخل ڪرڻ سان روزو ڀڄندو يا نه؟

جواب: روزي سان مقعد ۾ ڪنهن دوا داخل ڪرڻ سان روزو ڀڄي پوندو مگر ڪفارت ڪا نه پوندي قال في الهندية ”من احتقن او اقطر في اذنه دهن افطر ولا ڪفارة عليه“.

سوال: روزي سان عطر لائٽ گل سنگھڻ جائز آهي يا نہ؟

جواب: روزي سان عطر لائٽ گل سنگھڻ جائز آهي قال في الدرالمختار ”ذكر في الامداد اول الباب انه يؤخذ من هٰذا انه لايكره للصائم شم رائحة المسک والورد و نحوه ما لا يكون جوهرا متصلا كالدخان“. اھ

سوال: ڪن ماڻهن رمضان شريف ۾ ڏينهن ڏني جو نڪاح جي مجلس قائم ڪري ان ۾ مناڀون ڇوهارا وغيره ورهايا ۽ کاڌا پيتا اتن. ڪن علم جي مدعين جو چوڻ آهي تہ رمضان شريف منجهہ اهڙين مجلسن قائم ڪرڻ ۾ ڪو بہ ڏوهہ ڪونہ آهي بيان فرمائيندا تہ شريعت موجب مجلس قائم ڪندڙن ڪرائيندڙن ۽ شامل ٿيندڙن لاءِ ڪهڙو حڪم آهي؟

جواب: رمضان شريف جي مهيني ۾ ڏينهن ڏني جو عمداً کائڻ ڪارائڻ بنا عذر شرعي جي پوءِ نڪاح يا شادين جي موقعي ۾ هجي يا ٻين ڪن وجهن سان شريعت موجب حرام نا جائز آهي جنهن جي سزا ۾ شرع مقدس اهڙن ظالمن بي ادبن لاءِ قتل جي سزا مقرر فرمائي آهي ڇو تہ ڄاڻي واڻي بنا عذر جي رمضان شريف ۾ ڏينهن جو ظاهر ظهور کائڻ پيئڻ نشان آهي روزي جي فرضيت کان انڪاري ٿيڻ جو اهو بي ادب ڪليو ڪلايو اسلام جي مثان چٿر ۽ تلاعب ڪندڙ ليکيو ويندو جنهن جي ايمان ۾ شڪ آهي ۽ سندس قتل ڪرڻ جي سزا ۾ ڪو بہ خلاف ڪو نہ آهي. قال في الدر المنتقیٰ "و يقتل لو اكل عمدا شهرة بلاعذر". اهـ صـ ١٤٠ حـ ١ وفي الدر "و لو اكل عمدا شهرة بلا عذر يقتل". اهـ و في الدرالمختار "صورتها تعمد من لا عذر له الاكل جهارا يقتل لانه مستهزء بالدين او منكر لماثبت منه بالضرورة ولا خلاف في حل قتله

و الامر به فتعبير المؤلف بقيل ليس بلازم الضعيف“. و في البحر معزيا الیٰ البزازية ”من اكل نهارا في رمضان عيانا عمداً شهرة يقتل لانه دليل الاستحلال“. اھ و قال بعد ذالک و اعلم ان هٰذا الذنب اعني ذنب الافطار لا يرتفع بالتوبة بل لا بد من التكفير“. الخ ح ٢ ص ٢٧٧/ ٢٧٨ مطبوع مصر. انهن عبارتن مان واضح آهي تہ:

١. رمضان شريف ۾ ڏينهن جو بنا عذر جي جاٽي واٽي پڌر پٽ کائڻ پيئڻ نشان آهي تہ اهو بي ادب روزي سڳوري جي فرضيت جو منڪر آهي ۽ روزي جو منڪر مرتد آهي جنهن جي سزا قتل آهي ۽ انهي سزا جي حڪم تي سڀني علمائن جو اتفاق آهي.

٢. اهڙو بي ادب نہ رڳو کائڻ پيئڻ کي حلال سمجهي روزي جي فرضيت جي انڪار سان پاڻ کي ڪفر جي کڏ ۾ ٿو اڇلائي بلڪ رمضان شريف جي بي حرمتي سان گوياڪ دين اسلام تي خنده بازي ۽ چٿر سان استخفاف ڪري رهيو آهي جو پڻ ڪفر جو ڪم آهي.

٣. هن بي ادب جي بخشش بہ ڪفارة کان سواء رڳو زباني توبہ تائب ٿيڻ سان نہ ٿي سگهندي بلڪ انهي گناه جي عوض سڄي ڄمار روزي ۾ گذاري تہ اهو گناه نہ ميٽجي سگهندو وعن ابن عباس ﷺ تعالیٰ عنه قال عليه الصلوٰة

والسلام ”من افطر يوما عن رمضان من غير رخصة و لا مرض لم يقض عنه الدهر كله“. رواه احمد عن ابي هريرة ﷺ تعالىٰ عنه. پوءِ انصاف ڪن مسلمان بلڪ علم جي دعوىٰ رکندڙن جو آهي جو ڏينهن ڏني جو رمضان شريف ۾ نڪاح جون مجلسون برپا ڪري منايون چوهارا ورهائي ڪارايا اٿن شڪ نہ آهي تہ اهڙي مجلس نڪاح وغيره جي قائم ڪرڻ جنهن ۾ روبرو ماڻهن جي ڪاڏو پيتو وجي سخت گناهہ ۽ ايمان جو ضايع ڪندڙ فعل آهي جنهن ۾ اهڙيون مجلسون قائم ڪندڙ ڪرائيندا شامل ٿيندڙ سڀ هڪ جهڙا معصيت ۾ شريڪ ۽ حرام جا مرڪتب آهن جن سان سلام ڪلام ۽ تعلقات رکڻ نا جائز ۽ انهن جي پنيان نماز پڙهڻ ناروا آهي ڪين توبه تائب ڪرائڻ سان گڏ حڪومت اسلامي قتل ڪرائي تہ روا آهي جي اهڙي سزا في الحال ميسر نہ ٿي سگهي تہ بہ توبه تائب ڪرائڻ سان گڏ ڪين تجديد ايمان ۽ نڪاح جي ڪرائجي ۽ تعزير شديد مٿن لازم رکجي ۽ اهڙين مجلسن برپا ڪرڻ کان صريحاً ممانعت ڪري اهڙن فتنن جو دروازو بند ڪيو ويندو پر جي ڪٿهين اهڙي مجلس هجي ۽ ان جو سڏ ملي شامل ٿيڻ کان انڪار ڪرڻ واجب آهي قال الله تبارڪ و تعالىٰ ”وتعاونوا على البر والتقوىٰ ولا تعاونوا على الاثم والعدوان“. و قال عزمن قائل ”و لا ترکنوا الى الذين ظلموا

فتمسکم النار و في الدر“ و الاعانة علیٰ المعصیة معصیة“. اھ وفیہ ایضا ”لان الاستماع اللھو حرام والاجابة سنة و الامتناع عن الحرام اولیٰ“. اھ وکذا اذا کان قوم یغتابون لا یقعد“. الخ و انت خبیر بان الوسائل لھا حکم المقاصد فکما لا یجوز بیع السلاح من اھل الفتنة او بیع امرد من اللوطي فکذا لا یجوز اتخاذ المجالس المفضیة الیٰ الحرام لما في الدر ”و لا یجوز الاعانة علیٰ ما لا یجوز وکل ما ادلیٰ ما لا یجوز لا یجوز اھ وفیہ ایضا“ و عزر کل مرتکب معصیة او موذي مسلم“. وفیہ ایضا ” ویکرہ امامة عبد و اعرابي و فاسق و اعمیٰ“. اھ اقول قد صرحوا کراھة تحریما في امامة الفاسق فما ظنک بما یؤمر بتجدید نکاحہ و ایمانہ بل ورد الحکم شرعي بقتلہ فتنبہ و تبصر.

سوال: عيد فطر جي چنڊ جو ثبوت غبار ۽ رائي جي حال ۾ گھٽ ۾ گھٽ شاهدن سان ٿي سگھندو هڪ شهر جي ماڻهن ڏٺو ته ٻين ڳوٺن ۾ ان جي خبر ڪهڙي طرح تصديق هيٺ آڻي سگھبي؟

جواب: الدرالمختار ۾ لکيو اٿس ته ”وشرط للفطر مع العلة والعدالة نصاب الشهادة و لفظ اشهد“. الخ و قال العلامة الشامي قدس سره السامي عليٰ قوله ”مع العلة“ اي من غيم و غبار و دخان اهـ و عليٰ قوله “نصاب الشهادة اي عليٰ الاموال و هو رجلان او رجل و امراتان. اهـ

٢. هڪ ڳوٺ جي ماڻهن چنڊ ڏٺو ۽ ٻه ماڻهون ڏسندڙ پاران تحمل شهادة جي قاعدي سان ٻئي ڳوٺ وارن کي خبر پهچائيندا يا ڪتاب القاضي الى القاضي جي واٽ سان اطلاع پهچندن يا قاضي جي فتويٰ جي شاهدي ادا ڪندا ته انهن لاءِ ٻه حجت ٿي رهندي قال في الدر ”فيلزم اهل المشرق بروية اهل المغرب اذا ثبت عندهم روية اولائک بطريق موجب كما مر“. وفي الدرالمختار عليٰ قوله بطريق موجب كان يحتمل اثنان الشهادة عليٰ حكم القاضي”. الخ اهڙي طرح جيڪڏهين چنڊ ڏسڻ جي خبر مستفيض ٿي يعني عام طرح پکڙجي وئي ته به ٻئي ڳوٺ وارن کي روزو کولڻ ۽ عيد پڙهڻ لازم آهي قال في الدرالمختار ”نعم لو استفاض الخبر في بلد اخرىٰ لزمهم عليٰ الصحيح من المذهب“. اهـ

سوال: رمضان شريف جي ٢٩ هين تاريخ صبح جو اوپر كان چنڊ اپريل ڏٺو ويو وري حكومت طرفان ٣٠ جي رات چنڊ ڏسڻ جو اعلان كري ڏينهن تي عيد كرائي وئي ان اعلان موجب عيد كرڻ ۽ روزي نہ ركڻ بابت شرعي حكم ڇا آهي؟

جواب: جيكڏهن حكومت جو انتظام صحيح ۽ معتمد عليه قاضي هٿان اعلان ٿئي ٿو تہ پوءِ ان اعلان موجب روزو نہ ركبو ۽ عيد كبي ڇو تہ قاضي معتمد عليه صحيح العقيدة درست خيال وارو آهي تہ ٻن شاهدن كان سواءِ غبار جهڙ وغيره ۾ جم غفير جي شهادت كان سواءِ حالت صحو ۾ چنڊ ڏسڻ جي فتوىٰ نہ ڏيندو پر جي قاضي بابت پڪ هجي تہ هو هن كم ۾ تساهل كري ٿو تہ پوءِ يقين حاصل ٿيڻ كانسواءِ عيد نہ كبي باقي رياض ۽ مدينہ شريف يا مكة المكرمة تائين مسافت اختلاف مطالع پيدا نہ ٿي كري سگهي اهڙي طرح صبح جو چنڊ مشرق كان ڏسجڻ ۽ ٻي رات چنڊ ڏيكارجڻ ۾ مانع نہ آهي قال في الدرالمختار "شمل قولهم لا عبرة برؤية نهارا ما اذا رئي يوم التاسع و عشرين قبل شمس ثم رئي ليلة للثلاثين بعد الغروب شهدت بينة شرعية بذالک الحاكم يحاكم برويته ليلا كما هو نص الحديث و لا يلتفت الاقوال المنجمين انه لا يمكن رويته صباحا و مساء في يوم واحد". الخ پر جيكڏهن حكومت جو انتظام ناقص ۽ قاضي معتمد

عليه نہ آهي تہ روزو نہ ڇڏبو توڙيڪ حڪومت جي لحاظ سان عيد نماز ۾ شامل ٿيڻو پوي.

سوال: ڪو ماڻهون پاڪستان مان هوائي جهاز رستي عربستان شريف پهتو آهي پاڪستان ۾ چنڊ رمضان شريف جو ڪو نہ ڏسي ويو مگر سعودي عرب ۾ آيو اتي چنڊ ڏٺو ويو هو پاڪستان ۾ بنا چنڊ ڏسڻ جي روزو رکيو هئائين هاڻي اهو روز رمضان شريف ۾ شمار ٿيندو يا نہ؟ اهڙي طرح عربستان شريف مان عيد ڪري هوائي جهاز تي پاڪستان پهتو تہ اتي اجا رمضان شريف هو هاڻي هو پاڪستان ۾ روزو رکي يا عيد جي ڪري هت ڪيس روزو رکڻ جائز نہ ٿيندو؟

جواب: هن مسئلہ ۾ فقهائن جي تصريح آهي تہ روزو رکڻ يا عيد ڪرڻ ۾ اعتبار انهي ڳوٺ جو آهي جتي ماڻهون موجود رهي تہ جنهن ڳوٺ ڪي چڏي آيو آهي ان جي اوقاتن ڪي اعتبار نہ آهي پوءِ جيڪڏهن پاڪستان مان روزو رکي عربستان شريف ۾ ڪو شخص وجي تہ ۽ اتي چنڊ ڏٺو ويو آهي ۽ عيد ڪئي اتن تہ هن ڪي بہ اتهان جي ماڻهن وانگر عيد ڪرڻي آهي ۽ روزي ڪي ڇڏڻو آهي. اهڙي طرح جيڪڏهن عربستان شريف ۾ شوال جو چنڊ ڏسي پڙهي پاڪستان ۾ آيو آهي ۽ هت چنڊ نہ ڏسڻ ڪري اجا رمضان شريف جو روزو هلي تہ تہ هن ڪي هت عام ماڻهن سان گڏ روزو رکڻو آهي "الظابطة فيہ ان من وصل مكان صار حكمہ حكم اهلہ" ارشاد ساري صہ 58 قال في نزهة المجالس جہ 1 صہ 138 قد يصوم

الشخص احد و ثلاثين يوما كما لوریٰ اهل دمشق هلال رمضان يوم الخميس مثلا يكون عيدهم يوم السبت فسار رجل منهم الیٰ المدينة ضيفة مثلا فوجدهم نظروا الهلال يوم الجمعة فيكون عيدهم يوم الاحد فيصوم معهم يوم السبت لان العبرة حينئذ بالبلد المنتقل اليه منه“. اه قلت و يؤيده ماروواه الجماعت البخاري و ابن ماجة عن كريب ان ام الفضل بعثته الیٰ معاوية بالشام فقال قدمت الشام و قضيت حاجتها واستهل علیٰ شهر رمضان وانا بالشام فرايت الهلال ليلة الجمعة ثم قدمت المدينة في آخر الشهر فسئلني عبداللّٰه بن عباس رضی اللہ عنہ تعالیٰ عنه ثم ذكر الهلال فقال متیٰ رايتم الهلال فقلت رائيناه ليلة المعة فقال انت راءيته فقلت نعم راء الناس وصاموا وصام معاوية ولٰكنا راءيناه ليلة السبت فلا نزال نصوم حتیٰ نكمل ثلاثين او نراه فقلت او لا تكتفي برويه معاوية وصيامه؟ فقال لا هٰكذا امرنا رسول اللّٰه صلي اللّٰه عليه و آله و سلم زيلعي جـ١ صـ ٣٢١.

فهرست - باب التروايح

- جنهن شخص سومهياڻي جو فرض امام سان ادا نہ ڪيو آهي تہ اهو امام سان گڏ تراويحون پڙهي يا نہ؟
- ١٩ رڪعت ۾ ختمون شريف پورو ڪري ويهين رڪعت ۾ "الم" کان "مفلحون" تائين پڙهي تہ جائز آهي يا نہ؟
- سومهياڻي جو فرض هڪ امام ۽ تراويحون ٻيو امام پڙهائي تہ جائز آهي يا نہ؟
- مقتدي کان ڪي رڪعتون تراويحن جون رهجي ويون آهن اهو امام سان گڏ وتر پڙهي يا نہ؟
- حافظ هڪ هنڌ ختمون پورو ڪري ٻي جماعت کي ٻئي پيري ختمون ٻڌائي تہ انهن تان سنت جو حق ادا ٿيو يا نہ؟
- امام کان دعا قنوط وسري وئي، رڪوع ڪيو اٿس هاڻي ڇا ڪري؟
- حافظ تراويحن ۾ ختمون پڙهي تہ ان کي بسم الله ڏاڍيان پڙهڻ گهرجي يا نہ؟
- حافظ کي ختمون پڙهندي سجدو تلاوت جو اچي تہ ڪيئن ادا ڪري؟

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

باب التراويح

سوال: جيڪڏهن ڪنهن شخص رمضان شريف ۾ امام سان سومهياڻي جو فرض گڏجي نہ ادا ڪيو آهي تہ ان کي امام سان تراويحون ۽ وتر پڙهڻ جائز آهي يا نہ؟

جواب: جيڪڏهن ڪو شخص رمضان شريف ۾ سومهاڻي جو فرض امام سان نہ پڙهي تہ بہ تراويحون ۽ وتر امام سان گڏ پڙهي سگهي ٿو قال في الشرح الصغيري للمنية "واذا لم يصل الفرض مع الامام قيل لا يتبعه في التراويح و لا في الوتر. و كذا اذا لم يصل التراويح لا يتبعه في الوتر و الصحيح انه يجوز ان يتبعه في ذالک کله". اهـ

سوال: حافظ تراويحن ۾ ١٩ رڪعتن ۾ ختم شريف قل اعوذ برب الناس تائين پڙهي پورو ڪيو اتس وري ويهين رڪعت ۾ آلم کان مفلحون تائين پڙهڻ جائز آهي يا نہ؟

جواب: جائز آهي قال في الهندية "من يختم القرآن في الصلواة اذا فرغ من المعوذتين في الركعة يركع ثم اذا قام الیٰ الثانية يقرء الفاتحة الكتاب وشيء من البقرة". كذا في الخلاصة.

سوال: فرض پڙهائيندڙ امام کان سواءِ ٻئي شخص کي امام بڻجي تراويحون پڙهائڻ جائز آهن يا نہ؟

جواب: جائز آهن لما في الهندية ”و الافضل ان يصلي التراويح بامام واحد فان صلوها بامامين فالمستحب ان يکون انصراف کلواحد علىٰ کمال الترويحة الیٰ قوله اذا جازت التراويح بامامين“. علىٰ هٰذا الوجه جاز ان يصلي الفريضة احدهما ويصلي التراويح الآخر وقد کان عمر رضي الله عنه تعالیٰ عنه يؤمهم في الفريضة و الوتر و کان ابي يؤمهم في التراويح. اهـ هن عبارت مان معلوم ٿو ٿئي تہ فرض پڙهائيندڙ کي وتر بہ پڙهائڻ گهرجي باقي تراويحون ٻيو امام پڙهائي تہ جائز آهي توڙيڪ افضل ساڳي امام کي امامت ڪرڻي آهي.

سوال: تراويحن جون ڪي رڪعتون مقتدي کي رهيل آهن هاڻي هو امام سان گڏجي وتر پڙهي ۽ رهيل تراويحون پوءِ پڙهي يا اڳ ۾ رهيل تراويحون پڙهي وتر جدا وجي پڙهي؟

جواب: وتر امام سان گڏ پڙهي پوءِ رهيل تراويحون پڙهي ڇڏي صغيري ۾ آهي تہ ”فا تتہ ترويحة او تروحتان و قام الامام الیٰ الوتر صلي الوتر مع الامام ثم يقضي ما فاتہ“. اهـ

سوال: حافظ هڪ هنڌ ختمون پورو ڪري ٻي جماعت کي ختمون ٻڌائي ٿو تہ انهن شخصن تان ختم جي سنت جو حق ادا ٿيو يا نہ؟

جواب : بياض واحدي ۾ جواهر اخلاطي کان نقل ڪيو اٿس تہ ان ۾ اختلاف آهي پر ترجيح ان کي آهي تہ ختم جو ثواب ٿيندن باقي سنت جو حق ادا نہ ٿيندو. کما في آخره "لٰكن ما يحصل السكوت بها هو ان لهم ثواب الختم ولا يسقط عنهم سنة الختم". اهـ ان لاءِ بهتر آهي تہ ٻي جماعت لاءِ امام ختم ٻڌائڻ جو نذر ڪري.

سوال: دعا قنوت امام کان وسري ويو ۽ رکوع کيو اتس پوءِ مقتدين ياد ڏياريس تہ ان صورت ۾ امام ڇا کري موٽي اچي قنوت پڙهي يا سجدو وجي کري؟

جواب: موٽڻ نہ کپيس بلک نماز پوري کري پڇاڙي ۾ سجدا سهو جا ڏئي. وفي الهندية ”لو نسیٰ القنوت فتذکر في الرکوع فالصحيح انه لا يقنت في الرکوع و لا يعود الیٰ القيام“. الخ و في البحر ”و لو عاد و قنت لا تفسد علیٰ الاصح.“ اھ ان مان ظاهر آهي تہ جي قنوت لاءِ موٽيو تہ بہ نماز باطل نہ ٿيندي.

سوال: تراويحن ۾ حافظ ختم ڪلام الله شريف پڙهي ٿو تہ ان ڪي بسم الله شريف جهراً پڙهڻ بابت ڪهڙو حڪم آهي.

جواب: حافظ کي کپي تہ ڪنهن بہ صورت ۾ هڪ ڀيرو بسم الله شريف ڏاڍيان پڙهي تہ ٻڌندڙن کي سڄي قرآن شريف جي سنت ادا ٿي وڃي. پر جي نہ پڙهيائين تہ بہ نمل صورت جي پڙهڻ ڪري ادا ٿي وڃي ٿي. قال المخدوم السيوستاني في بياضه. "و السماع متحقق بالجملة بجهر التسمية التي في سورة النمل، نعم لو جهر بها مرة في افتتاح سورة لخرج عن العهدة بيقين."

سوال: ختم پڙهندي سجدو تلاوت جو اچي ته ڪهڙي طرح ادا ڪجي؟

جواب: جيڪڏهن وچ سورة ۾ آهي ته رڳو سجدو ادا ڪري وري قرات شروع ڪري. يا رڪعت ختم ڪري تلاوت واري سجدي جي نيت سان رڪوع ڪري. قال في الدر المختار. ”وتؤدي برکوع و سجود في الصلواة لها و برکوع صلواة اذا كان الركوع علىٰ الفور من قراءة آية.“ اه ملخصا وفي الدرالمختار في الحلية. ”ثم اذا سجد اوركع لها علٰحدة فورا يعود الىٰ القيام ويستحب ان لا يعقبه بالركوع بل يقرء آيتين او ثلاث فصاعدا ثم يركع.“ اه

باقي نماز کان ٻاهر نماز وارو سجدو ادا ڪري نه سگهبو. و في نورالايضاح. ”و لم تقض الصلواتية خارجها.“ پر جي سورت جي پڇاڙي ۾ آيت سجدي جي آهي ته ان تي رڪوع ڪٽي ڪري ته سجدي جو به حق ادا ٿي ويندو. و في بياض عن المجبا. وانما ينوب الركوع عنها بشرطين. احدهما النية. والثاني ان لا يخلل بين التلاوة والركوع ثلاث آيات الا اذا كانت الآيات من آخر السورة بني اسرائيل و انشقت.

فهرست - كتاب الحج

- حج جي احرام وارو نحر جي ڏينهن جمره جي چُنڊ ۽ قرباني ڪرڻ کان پوءِ پنهنجو مٿو ڪوڙي يا ٻئي احرام واري کان ڪوڙائي يا نہ؟
- مڪه معظم جو رهاڪو ٻہ ٽي ڏينهن کان پوءِ يا روزانو ميقاتن کان ٻاهر وڃي وري اچي تہ عمره جو احرام ٻڌڻ لازم اٿس يا نہ؟
- ڪو حاجي مسڪين قران يا تمتع ڪري ٿو ڪيس ٽي روزا حج کان اڳ ۽ ست پوءِ رکڻ لازم هئا پر روزا ڪونہ رکيائين هاڻي ڇا ڪري؟
- وارن جي قصر ڪرڻ جي حد ڪيتري آهي؟
- ڪا عورت حيض جي پاران ايام النحر ۾ طواف زيارت جو نہ ڪري سگهي آهي ۽ پوءِ هلي وئي آهي تہ هاڻي ان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟
- حرم شريف جي بند هجڻ ڪري طواف وداع جو ڪونہ ڪيو ويو تہ دم پوندو يا نہ؟

- ڪو ماڻهون عمره جو احرام ٻڌي مڪه شريف آيو مگر عمره نه ڪيائين احرام سان ٻئي پاسي ويو پوءِ وري انهي ئي احرام سان عمره ڪيائين ته دم پوندو يا نه؟
- تيرهين تاريخ منىٰ شريف مان سومهياڻي نماز پڙهڻ بعد مڪه شريف ويو، تيرهين جي رمي نه ڪرڻ سان دم پوندو چا؟
- زالون يا ضعيف بيمار ماڻهون يارهين جو رمي يارهين ۾، ٻارهين جو رمي تيرهين ۾ ڪن ته جائز آهي يا نه؟
- بنا احرام جي مڪه معظم ۾ داخل ٿيو دم ساقط ڪرڻ لاءِ ڪٿان احرام ٻڌي؟
- ڪو ماڻهون رمضان شريف ۾ يا اڳ عمره ڪري مدينه شريف وڃي ٿو وري رمضان شريف ۾ موٽيو ته ان جو تمتع ٿيندو يا نه؟
- جمرن چُٽڻ لاءِ عذر پاران ٻئي ماڻهون کي نائب ڪري موڪلجي ته جائز آهي يا نه؟
- قران واري جو حج ۽ عمره احصار پاران قضا ٿيو آهي ته ڪيئن ادا ڪري؟

- عذر پاران ٻارهين جو رمي تيرهين جي رات تي ڪري مڪہ شريف وڃي تہ جائز آهي يا نہ؟
- ڪو شخص مدينہ شريف کان مڪہ شريف اچي ٿو پر حج يا عمره جو ارادو نہ اٿس تہ بنان احرام جي مڪہ شريف وڃڻ جائز اٿس يا نہ؟
- طواف زيارت جو ايام النحر کان پوءِ ڪري تہ ان جو ڇا حڪم آهي؟
- جيڪڏهن ميقاتن کان ٻاهر رهڻ وارو ماڻهون، جده شريف ڪنهن ڪم ڪار لاءِ آيو پوءِ جي اتان مڪي شريف وڃي تہ احرام ٻڌي يا نہ؟
- مٿي تي وار ڪونہ اٿس، عمره کان پوءِ وار ڪوڙائڻا يا ڪترائڻا آهن، اهو ڇا ڪري؟
- حج تي حڪومت ٽيڪس وجهي ٿي اهو جائز آهي يا نہ؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

كتاب الحج

الاستفتآء: حج جي احرام وارو يوم النحر ۾ جمره عقبه جي رمي ۽ قرباني کان پوءِ پنهنجو مٿو پاڻ کوڙي يا ٻئي احرام واري کان کوڙائي جنهن جو بہ وقت پورو ٿيل هجي تہ کوڙيندڙ ۽ کوڙايل جي مٿان دم پوندو يا نہ؟

الجواب: حلق جو وقت يوم النحر جي پره ڦٽڻ کان وٺي شروع ٿئي ٿو ۽ ٻارهين تاريخ سج لهڻ تي ختم ٿئي ٿو پر جمره عقبه چٽڻ يا ذبح کان اڳ حلق ڪندو تہ امام ابو حنيفہ رحمه اللّٰه عليه وٽ دم لازم ٿيندس اگرچہ احرام کان تحليل حاصل ٿي ويندي قال في ارشاد الساري الیٰ مناسک الملا علي قاري صہ ١٥٤ (و اول وقت صحة الحلق في الحج طلوع فجر يوم النحر و وقت جوازه بلا جابر) اي بلا كفارة (بعد رمي جمرة العقبة لانه قبله موجب للدم عند ابي حنيفة رحمه اللّٰه تعالیٰ و آخر وقت الواجب غروب الشمس من آخر ايام النحر ولا آخر له في حق التحلل) اي خروجه من احرامه". اھ وكذا في اللباب للعلامة السندي صہ ٢٣ انهي عبارت مان واضح ٿيو تہ يوم النحر جي صبح کان وٺي حلق جو وقت شروع ٿي ويو

پوءِ جيڪڏهن ڪو شخص يوم النحر جا سمورا ڪم رمي ذبح پورا ڪري پوءِ حلق پاڻ ڪري يا ٻئي ڪنهن احرام واري يا غير احرام واري کان حلق ڪرائيندو ته مٿس دم لازم نه ٿيندو نه وري ڪوڙيندڙ تي دم پوندو احرام وارو هجي يا نه هجي.
قال في اللباب ”و اذا حلق راسه او راس غيره عند جواز التحلل لم يلزمه شيءٌ“. اهـ لباب صـ ٢٣ وقد صرح به الملا علي قاري رحمه الله تعالىٰ في شرحه حيث قال (واذا حلق) اي المحرم (رائسه) اي رائس نفسه (او رائس غيره) اي لو كان محرما (عند جوازالتحلل) اي الخروج من الاحرام باداء افعال النسك (لم يلزمه شيءٌ) الاولىٰ لم يلزمهما شيء و هٰذا حكم يعم كل محرم في كل وقت فلا مفهوم لتقييد المصنف في الكبيري بقوله عند جواز الحلق يوم النحر. اهـ هي حڪم ته حالق محلوق تي ڪجهه به جزا نه آهي انهي وقت لاءِ آهي جڏهن حلق جي وقت يعني ايام النحر ۾ حلق ٿئي ۽ حج جا افعال رمي ۽ ذبح ادا ٿيل هجن پر جيڪڏهن حج جا فعل پورا ٿيل نه آهن اڳ ۾ حلق هوندو ته اتي ترتيب بين افعال الحج جي مخالفت پاران امام اعظم رحمه الله تعالىٰ وٽ مٿس دم لازم ٿيندو بخلاف صاحبين جي چو ته هنن وٽ ترتيب لازم نه آهي.

سوال: مكه معظم جو رهاكو ٢-٣ ڏينهن يا روزاو ميقات كان ٻاهر مثلا مدينہ منور وڃي ٿو تہ واپس موٽندي عمره جو احرام ٻڌڻ لازم اٿس يا نہ؟

جواب: تہ عمره جو احرام ٻڌڻ لازم اٿس قال في الدرالمختار "المكي اذا خرج منها و جاوز الميقات لا يحل له العود بلا احرام لٰكن احرامه من الميقات بخلاف مريد نسك فانه من الحل". حہ ٢ صہ ١٥٥ وفي الفتح "وكذا المكي اذا خرج من مكة لحاجة فبلغ الوقت و لم يجاوزه يعني له ان يدخل مكة راجعا احرام فان جاوز الوقت لم يكن له ان يدخل مكة راجعا بغير احرام فان جاوز الوقت لم يكن له ان يدخل مكة الا باحرام". اهـ اتان معلوم ٿيو تہ ماڻهون جو چوندا آهن تہ ميقات كان ٻاهر وڃڻ كان پوءِ چاليهہ ڏينهن ٻاهر رهي تہ پوءِ احرام لازم ٿيندو نہ تہ نہ اهو سندن چوڻ غلط آهي.

سوال: ڪو حاجي مسڪين قران يا تمتع ڪري ٿو ڪيس ٣ روزا حج کان اڳ ۽ ست گهوٽ رکڻ لازم هئا پر انهي مسئلہ جي خبر ڪيس حج جي ڏينهن پئي تنهنڪري ٣ روزا ڪو نہ رکيا اتس ان بابت شرعاً ڪيس ڇاڪرڻ گهرجي؟

جواب: ڪيس دم ڀرڻ لازم آهي هڪ ٻهرو قرباني جو مڪه شريف ۾ ذبح ڪرڻو آهي. جو پاڻ وڃي تہ پاڻ ڪري نہ تہ ٻئي ڪنهن بہ معتمد عليه ماڻهون جي وساطت قرباني ڪرائي. قال في ارشاد الساري "فان لم يصم اصلا او صام يوما او يومين حتىٰ دخل يوم النحر فقد فات البدل. و هو الصوم و وجب الاصل و هو الهدي و لا يسقط عنه مدة عمره فمتىٰ قدر عليه اراقه بمكة". اه

سوال: احرام كولڻ لاءِ حلق كرائي تہ بهتر اٿس ۽ جي قصر كرائي تہ بہ جائز اٿس انهي قصر جي حد كيتري آهي؟

جواب: قصر جي حد محل جي اعتبار سان يعني سڄي مٿي مان چوٿين پتيءَ جو قصر واجب آهي ۽ سڄي مٿي جو قصر كرڻ مستحب آهي پوءِ جي مٿي جي چوٿين پتيءَ جو قصر كيو ويو تہ بہ دم نہ پوندو جيكڏهن چوٿين پتيءَ كان گهٽ هوندو تہ پوندو ۽ قصر جي حد مقدار جي اعتبار سان آڱر جي چوٽي جوقدر آهي جي آڱر جي چوٽي كان گهٽ قصر هوندو تہ دم پوندو. قال في ارشاد الساري صہ ٧٣ ۽ صہ ١٥٣ "اما التقصير فاقله قدر انملة من شعر ربع الرائس. اهـ وفي الحواشي عليٰ قوله (قصر) بان ياخذ من كل شعرة قدر الانملة وجوبا و تقصير الكل مندوب و الربع واجب". اهـ صہ ٧٩.

سوال: ڪا عورت حيض جي عذر پاران ايام النحر ۾ طواف زيارت جو نڪري سگھي آھي ۽ ڳوٺ ھلي وئي آھي تہ ھاڻي ان ڪي ڇا ڪرڻ گھرجي؟

جواب: جيڪڏھن اھا عورت پاڪ ٿيڻ ڪان پوءِ مڪة شريف ۾ رھي آھي ۽ طواف جو اڪثر حصو پاڪائي سان ڪرڻ ممڪن ھوس پر نہ ڪيو اتس تہ تاخير پاران متس دم لازم ٿيندو ۽ جيڪڏھن ايام النحر ۾ پاڪائي ڪا نہ ٿي اتس تہ پوءِ جڏھن پاڪ ٿئي تڏھن طواف ڪري تہ دم ڪو نہ پوندس. پر جيڪڏھن باوجود مڪة شريف ۾ رھڻ جي طواف رڪن جو نہ ڪيو اتس پر طواف وداع جو يا نفلي طواف ڪيو اتس تہ بہ متس طواف رڪن حق ادا ٿي ويندو باقي طواف وداع جي ڇڏڻ ڪري دم ڏيڻو پوندس. پر جيڪڏھن انھي عورت نہ طواف صدر جو ڪيو آھي نہ نفلي بلڪ ڳوٺ ھلي وئي آھي تہ ان جو احرام باقي رھندو ۽ موٽي اچي طواف ڪرڻ لازم ٿيندس جڏھن تہ منىٰ ۾ قصر بعد احرام جون ٻيون سڀ شيون حلال اتس ۽ رڳو جماع جي منع باقي رھي ٿي تنھنڪري ٻئي ڪنھن بہ احرام جي محذور يعني ممنوع فعل سان متس دم نہ پوندو باقي احرام سان جماع ڪرڻ ڪرائڻ سان تعدد مجلس وقت ھر ھڪ ڦيري سان دم پوندو پر جي ڪو اڻ ڄاڻ احرام جي پڇڻ جي نيت سان اھو فعل ڪندو تہ پوءِ سيني جنايتن لاءِ

ھک دم پرٹو پوندو. قال في الدرالمختار "وحيضها لا يمنع نسكا الا الطواف و لا شيءَ عليها بتاخيره اذ لم تطهر الا بعد ايام النحر فلو طهرت فيها بقدر اكثر الطواف لزمها الدم بتا خيره". حـ٢ صـ ١٩٠. "لو طاف بعد ارادة السفر و نوىٰ التطوع اجزائہ عن الصدر. كما لوطاف بنية التطوع في ايام النحر وقع عن الفرض". حـ٢ صـ ١٨٧ وفي الدر ايضا "و بترک اكثر (الفرض) بقي محرما ابدا في حق النسآءِ حتىٰ يطوف فكلما جامع لزمه دم اذا تعدد المجلس الا ان يقصد الرفض". فتح اهـ و قال في الدرالمختار معزيا الىٰ اللباب. "و اعلم ان المحرم اذا نوا رفض الاحرام و جعل يصنع ما يصنع الحلال من لبس الثياب والطيب والحلق والجماع و قتل الصيد فانه لا يخرج بذالک من الاحرام و عليه ان يعود كما كان محرما و يجب الدم واحد لجميع ما ارتكب ولو كل محذورات وانما يتعدد الجزاء بتعدد الجنايات اذا لم ينو الرفض". الخ ردالمحتار حـ ٢ صـ ٢٠٧.

سوال: حرم شريف جي بند ٿيڻ سبب حاجي طواف وداع جو نہ ڪري سگھيا آھن ۽ بنا طواف وداع جي ھليا ويا ان حالت ۾ انھن تي دم پوندو يا نہ؟

جواب: لاچاري حالت ۾ طواف وداع جو نہ ڪيائين تہ مٿس دم لازم نہ ٿيندو. وفي الدر (او) ترک (طواف الصدر او اربعة منه او السعي) او اکثره او رکب فيه بلا عذر". الخ وفي المحتار تحت قوله (بلا عذر) اي ان ترک بلا عذر لزمه دم وان بعذر فلا شيءَ عليه مطلقا". رد حـ٢ صـ ٢٠٧.

سوال: ڪو شخص عمره جو احرام ٻڌي مڪة معظم ۾ آيو مگر عمره نہ ڪيائين بنا عمره ڪرڻ جي انهي احرام سان ڪنهن ڪم لاءِ جده شريف آيو جو ميقات کان اندر آهي يا طائف شريف هليو ويو جو ميقات کان ٻاهر آهي پوءِ وري انهي احرام سان عمره ادا ڪري ٿو تہ مٿس ڪا جزا پوندي يا؟

جواب: عمره جو احرام ٻڌي مڪة معظم مان بنا عمره ڪرڻ جي انهي احرام سان جده شريف يا طائف شريف ويو وري اچي عمره ڪيو اتس تہ ان تي دم ڪونہ پوندو ڇا ڪاڻ تہ دير پوڻ ڪري احرام کي ڪو نقصان ڪو نہ پهچندو جيسائينڪ ممنوعات احرام جو مرتڪب نہ ٿئي.

سوال: ذوالحج جي ١٣ تاريخ منا شريف مان سومهٽي نماز پڙهڻ يا سومهاٽي جي وقت مكة معظم ڏي هليو اچي ته ان حالت ۾ متس ١٣ تاريخ جي رمي نہ كرڻ كري دم پوندو يا نہ؟

جواب : ١٣ تاريخ حاجي كي سج منا ۾ لٿو تہ كيس رات رهڻ ضروري آهي ۽ ١٣ تاريخ رمي بہ كري ۽ اهو رمي قبل الزوال بہ جائز آهي پر جي ١٣ جي پرهہ ڦٽڻ كان اڳ مكہ شريف هليو ويندو تہ گنهگار ٿيندو باقي دم لازم نہ ٿيندو ۽ پرهہ ڦٽڻ كان پوءِ بنا رمي جي ويندو تہ بالاتفاق دم لازم ٿيندس. قال في الدرالمختار "و له النفر من منىٰ قبل الفجر الرابع لا بعده لدخول وقت الرمي". و في الالدرالمختار تحت قوله قبل طلوع الفجر الرابع. الخ "ولاكن ينفر قبل غروب الشمس الثالث فان لم ينفر حتىٰ غربت الشمس يكره له ان ينفر حتىٰ يرمي في الرابع ولو نفر في الليل قبل الفجر الرابع لاشيءَ عليه وقد عصىٰ وقيل لزمه دم. و لو نفر بعد طلوع الفجر قبل الرمي لزمه الدم اتفاقا".اهـ لباب و فيه ايضا "ان قدم الرمي فيه اي في اليوم الرابع علىٰ زوال جاز فان وقت الرمي فيه من الفجر الىٰ الغروب واما في الثاني و الثالث فمن الزوال لطلوع الذكا". اهـ

سوال: ايام النحر ۾ راتيون تابع ڏينهن جون هونديون آهن. ان موجب زالون يا ضعيف بيمار مرد ڏهين جو رمي ١١ جي رات ۾ ١١ جو رمي ١٢ جي رات ۾ ڪن تہ جائز آهي يا نہ؟ اهڙي طرح ١٢ جو رمي ١٣ جي رات ۾ ڪري تہ جائز ٿيندو يا نہ؟

جواب : ١١-١٢ تاريخ رمي جو وقت زوال يعني لڙڻ سان شروع ٿيو. سج لهڻ تائين پر جي ايندڙ رات تي ڪندو تہ بنا عذر جي ڪراهة آهي پر جي عذر هوندو تہ بنا ڪراهة جي جائز آهي. وفي الدر "و لو لم يرم يوم النحر او الثاني او الثالث رماه في الليلة المقبلة اي الآتية لكل من الايام الماضية ولا شيءٍ عليه سوىٰ الاسائة مالم يكن لعذر ولو رمي من ليلة الحادي عشر او غيره من غدها لم يصح لان الليالي في الحج في حكم الايام الماضية لا المستقبل".اھ

سوال: ڪو شخص بنا احرام جي مڪه معظم ۾ داخل ٿيو. ڪتابن جي لکڻ موجب مٿس دم لازم ٿيو. هاڻي انهي دم جي ساقط ڪرڻ لاءِ وري ساڳئي ميقات کان احرام ٻڌي ته دم ساقط ٿيندو يا نہ؟ ۽ اهو احرام فرضي واجبي حج يا عمره جو هجي يا نفلي حج يا عمره جو احرام بہ ڪافي ٿيندو؟ ڪن جو چوڻ آهي ته وڌي عمره وٺان احرام ٻڌي اچي عمره ڪري ته ٿيندو حالانڪ وڌي عمره جي جاء ميقات جي اندر آهي.

جواب : انهي صورت ۾ ميقات کان بنا احرام جي لنگهن سان دم لازم ٿي پوندو ۽ ساقط تڏهن ٿيندو جڏهن وري ميقات کان پيو احرام فرضي يا واجبي حج ياعمره جو ڪري اچي باقي وڏي يا ننڍي عمره کان احرام ٻڌڻ سان دم ساقط نہ ٿيندو. اهڙي طرح جيڪڏهن حج يا عمره نفلي لاءِ ميقات کان احرام ٻڌي ايندو ته دم ساقط نہ ٿيندو. قال في ملا مسكين "ومن دخل مكة بلا احرام وجب عليه احد نسكين ثم حج عما عليه في عامه ذالک صح عن دخول مكة بلا احرام". قال في فتح الله المعين علىٰ قوله (عما عليه) من حجة الاسلام او المنذور و كذا لو احرم بعمرة منذورة". نهر وهو ظاهر في ان المتنفل بالحج اوالعمرة لا يجزئه عما وجب عليه بالدخول".
اهـ

سوال: ڪي حاجي سڳورا پاڪستاني رمضان شريف يا رمضان شريف کان اڳ ۾ عمره ادا ڪري وري مدينہ شريف رمضان شريف ۾ وڃن ٿا ۽ وري رمضان شريف ۾ ئي موٽي آيا ۽ عيد مڪه شريف ۾ ڪيائون تہ انهن جو تمتع صحيح ۽ دم شڪر جو واجب ٿيندو يا نہ؟

جواب: تمتع جي صحيح ٿيڻ ۽ دم شڪر واجب ٿيڻ لاءِ شرط آهي تہ عمره يا اڪثر اشواط عمره جا اشهر الحج ۾ هجن پوءِ جيڪو شخص رمضان شريف يا ان کان اڳ عمره ڪري ويا آهن ۽ وري رمضان شريف ۾ موٽي مڪه شريف ۾ عيد ڪئي اٿن تہ انهن جو تمتع صحيح نہ آهي ۽ نہ مٿن دم شڪر جو واجب آهي پر جيڪڏهن مدينہ شريف کان موٽيا ئي رمضان شريف کان بعد آهن ۽ اتان عمره جو احرام ٻڌي شوال ۾ ادا ڪيو اٿن تہ انهن جو تمتع صحيح ۽ دم شڪر جو مٿن واجب ٿيندو. قال في الدر المختار "التمتع هو شرعا ان يفعل العمرة او اكثر اشواط في اشهر الحج فلو طاف الاقل في رمضان مثلا ثم طاف الباقي في شوال ثم حج من عامه كان متمتعا. اهـ وفي ردالمحتار معزيا الیٰ اللباب "ان شرائط التمتع احد عشر الاول ان يطوف للعمرة او اكثر في اشهر الحج الثاني ان يقدم احرام العمرة علیٰ الحج الثالث ان يطوف للعمرة كله او اكثر قبل احرام الحج الیٰ قوله العاشر ان لا تدخل عليه اشهر

الحج وهو حلال بمكة او محرما و لكن قد طاف للعرة اكثره قبلها الا ان يعود الیٰ اهله و يحرم العمرة”. الخ

سوال: رمي جمرن ۾ جيڪڏهن انبوه پاران عورتون يا ضعيف ماڻهون پنهنجي طرفان ٻئي مانهون کي نائب کن تہ جائز آهي يا نہ؟

جواب: طاقت هوندي نائب ڪرڻ جائز نہ آهي ۽ جي ضعيفائي يا مرض يا ٻئي عذر پاران پاڻ کي قدرت نہ هجي تہ انهن عذرن پاران نائب ڪرڻ جائز آهي قال في مناسک الحج. "الخامس ان يرمي بنفسه فلا يجوز النيابة عند القدرة وتجوز عند العذر". اهـ ص۲۲. اتان معلوم ٿيو تہ نيابت وارو رمي عذر پاران صحيح ٿي ويو وري ۱۲ يا ۱۳ تي انهن ضعيفن کي رمي ڪرڻ جو کو ضرور نہ آهي نہ وري کو مٿن دم پوندو.

سوال: قران واري جو حج ۽ عمره احصار جي پاران قضا ٿيو آهي هاڻي ڪيس اهو حج قران سان ادا ڪرڻ ڪپي يا افراد سان؟

جواب: انهي احصار واري کي حج ۽ ٻہ عمره قضا ڪرڻا آهن پوءِ قران جي نيت سان ڪري يا افراد جي نيت سان ڪري.
قال في مناسک الحج "وان كانت قارنا فعليه اداء حجة وعمرتين ويخير ان شاء يقضي بقران او افراد". اهـ صـ ٥٣.

سوال : عذر پاران ١٢ جو رمي ١٣ جي رات كري مكي شريف وڃي تہ جائز آهي يا نہ؟

جواب: ١٢ جو رمي ١٣ جي رات ۾ كرڻ جائز آهي جيكڏهن كنهن بہ عذر جي كري ١٢ جي ڏينهن كو حاجي رمي نہ كري سگهيو آهي تہ ان كي كيپي تہ ١٣ جي رات اتي ٽكي پوي ۽ ١٢ جي ٽيپهري مكي شريف ۾ نہ وڃي پوءِ رات جو ١٢ جورمي ادا كري وري پره ڦٽي كان پوءِ ١٣ جورمي بہ كري پوءِ مكه شريف وڃي تہ ان كري مٿس دم بہ نہ پوندو ۽ كراهة بہ لازم نہ ايندي پر جيكڏهن ١٣ جي رات ۾ ١٢ وارو رمي كري وري ١٣ وارو رمي كري رات جو مكه شريف هليو وڃي تہ ١٢ جو رمي صحيح ٿيندو چو تہ عذر اٿس باقي ١٣ وارو رمي رات پوڻ كري لازم ٿيو اٿس ان كي نہ كرڻ پاران دم لازم كونہ ٿيندس باقي گناهہ اٿس. قال في الدرالمختار "و الحاصل انه لو اخر الرمي في غير اليوم الرابع يرمي في ليلة التي تلي ذالک اليوم الذي اخر رميه وكان اداء لانها تابعة له وكره لتركه السنة وان اخره الیٰ يوم الثاني كان قضاء لزمه الجراء وكذالو اخر الكل الیٰ رابع مالم تغرب شمسه فلو غربت سقط الرمي و لزمه دم الیٰ قوله لان مابعد فجر الرابع وقت لرمي الرابع اداء ولرمي غيره من الايام والثلاثة قضاء". فافهم اھ

سوال: جيكڏهن كو شخص مدينہ شريف كان يا پنهنجي ڳوٺ كان جو ميقاتن كان ٻاهر آهي مكه شريف اچي ٿو پر حج يا عمره جو ايرادو نہ اٿس ۽ مكه شريف ۾ بنا احرام جي داخل ٿيو آهي تہ ڇا لازم اٿس؟

جواب: جيكڏهن كو شخص مدينہ شريف كان يا ميقاتن كان ٻاهران اچي تہ احرام سان اچڻ لازم آهي توڙي حج ياعمره كرڻ جو ايرادو نہ هجيس پر جيكڏهن بنا احرام جي مكي شريف ۾ داخل ٿيندو تہ ان تي حج كرڻ يا عمره كرڻ لازم ٿيندو.قال في الهندية "و لا يجوز للآفاقي ان يدخل مكة بغير احرام نوىٰ النسک او لا ولو دخلها فعليه حجة او عمره. كذا في محيط السرخسي في باب دخول مكة بغير احرام". اھ قال في درالمختار "يجب علىٰ من دخل مكة بلا احرام لكل مرة حجة او عمرة". اھ وفي الدرالمختار "سواءٌ قصد التجارت او النسک او غير هما". اھ

سوال: طواف زيارت جو ايام النحر كان پوءِ كيو وڃي ته انهي جو ڇا حكم آهي؟

جواب: طواف زيارت جو ايام النحر كان پوءِ كرڻ سان دم واجب ٿيندو جيئن امام سائين اعظم رحمه الله تعالىٰ جو قول ۽ ظاهر روايت آهي قال في الكنز "تجب شاة ان اخر طواف زيارت عن ايام النحر". اهـ و فيه ايضا "ولو ترک اكثره (اي طواف الركن) بقي محرما". الخ اي فصار كان لم يطف اصلا و "و قوله بقي محرما اي عن النسآء دائما مستمرا حتىٰ يطوف للزيارت". اهـ

سوال: جيڪڏهن ڪو شخص جده شريف ۾ ڪنهن ڪم ڪار سان داخل ٿئي يا ڪنهن ڳوٺ ۾ جو ميقات کان اندر آهي ۽ حرم شريف کان ٻاهر آهي تہ ان کي مکه شريف ۾ بنا احرام جي وڃڻ جائز آهي يا نہ؟

جواب: تہ جيڪڏهن ڪو شخص جده شريف ۾ ڪنهن ڪم ڪار سان داخل ٿيو يا ڪنهن ڳوٺ ۾ جو ميقات کان اندر آهي ۽ حرم شريف کان ٻاهر آهي تہ ان کي مکه شريف ۾ بنا احرام جي وڃڻ جائز آهي پر جيڪڏهن خاص مکه شريف اچڻو هوندس تہ بنا احرام جي نہ ايندو پوءِ صورت مسئوله ۾ جو جده شريف وارو جده کان طائف ويو آهي ۽ اتان وري موٽي جده آيو آهي تہ ان تي بہ احرام لازم نہ ٿيندو. جيستائينڪ خاص قصد مکه شريف جو نہ ڪري.قال في الكنز "لو دخل الكوفي البستان لحاجة له دخول مكة بلا احرام". اھ

سوال: ڀہ ٿي عمره لاڳيتا ادا كري ٿو انهي كي مٿي تي وار كو نہ آهن اهو كيئن مٿو كوڙائي؟

جواب: ڀہ ٿي عمره لاڳيتا ادا كري تہ ڀہ ڀنهي ركنن ادا كرڻ بعد مٿي تي پاكي ڦيرائڻ كپي توڙي وار نہ هجن قال في العالمگيري حہ ٢ "و ان جاء وقت الحلق ولم يكن علىٰ رائسه شعر بان حلق قبل ذالک او بسبب آخر ذكر في الاصل انه يجري موسىٰ علي رائسه". اهـ

سوال: هڪڙي عورت حيض جي ڪري طواف زيارت جو نہ ڪري سگهي آهي نڪي نفلي يا وداع جو ڪيو اٿس ڳوٺ وڃڻ واري آهي جو قافلو تيار آهي حيض کان پاڪائي بہ ڪا نہ ٿي اٿس اڪيلي نہ رهي سگهندي نڪي ڳوٺان موٽي اچي طواف زيارت جي ڪرڻ جي طاقت اٿس انهي صورت ۾ ڇا ڪري؟

جواب: انهي عورت ڪي چئبو تہ توکي حيض سان مسجد الحرام ۾ داخل ٿيڻ حلال نہ آهي پر جيڪڏهن تون مسجد الحرام ۾ ويندين ۽ طواف زيارت جو ڪندين تہ گنهگار ٿيندين باقي تنهن جي زيارت وارو فرضي طواف ادا ٿي ويندو ۽ حيض سان طواف ڪرڻ جي ڪري بدنة قربان ڪرڻ لازم ٿيندو. قال في الرد. "يقال لها لايحل لک دخول المسجد و ان دخلت و طفت اثمت و صح طوافک و عليک ذبح بدنة و هٰذه المسئلة کثيرة الوقوع يتحير فيها النساء ح ٢ ص ١٨٤.

الاستفتاء: فريضه حج تي جو اسلام جي پنجن رڪنن مان هڪ رڪن آهي جيڪڏهن ڪا بہ حڪومت پوءِ اها اسلامي هجي يا غير اسلامي ڪابہ ٽيڪس يا اجازت جو معاوضو مقرر ڪري ڪجهہ رقم ٿوري يا گهڻي وصول ڪري تہ اها مداخلة في الدين ۽ فرض اسلام تي بندش چئبي يا نہ؟

٢. پياده حج تي ويندڙنکي ڪنهن بہ مسلم خواه غير مسلم حڪومت جو منع يا روڪ ڪرڻ ۽ مقرر ڪوشان يعني ٽيڪس ادا ڪرڻ ڪان سواء واپس موٽائي ڇڏڻ شريعت ۽ مذهب اسلام جي برخلاف ۽ قرآن شريف جي فرمايل حڪم تي بندش آهي يا نہ؟

الجواب: - ١ حج اسلام جي پنجن رڪنن مان هڪ وڏو رڪن آهي قرآن شريف ۾ فرمايل آهي تہ ”وَلِلّٰهِ عَلَى النَّاسِ حِجُّ الْبَيْتِ مَنِ اسْتَطَاعَ إِلَيْهِ سَبِيلاً“. ۽ حديث شريف ۾ آهي تہ ”و عن ابن عمر رضي الله عنه تعالىٰ عنهما قال قال رسول الله صلي الله تعالىٰ عليه و اٰله و سلم بني الاسلام علىٰ خمس شهادة ان لآ الٰہ الا الله و ان محمدا عبده ورسوله اقام الصلواة وايتاء الزكواة و الحج و صوم رمضان متفق عليه وعن علي رضي الله عنه تعالىٰ عنه قال قال رسول الله صلي الله عليه و اٰله و سلم من ملک زادا وراحلة تبلغه الىٰ بيت الله و لم يحج فلا عليه ان يموت يهوديا او نصرانيا وذالک ان الله تبارک و تعالىٰ يقول و لله علي الناس

حج البيت من استطاع اليه سبيلا“. رواه الترمذي. پوءِ جيئن نماز يا روزي تي ڪنهن بہ حڪومت اسلامي ياغير اسلامي طرفان ڪا بہ بندش يا ڪن شرطن جو عائد ڪرڻ يا ٽورڙي ڪان ٽورڙي رقم معاوضي طرح مقرر ڪرڻ ۽ وصولي ڪانسواءِ اجازہ نہ ڏيڻ صريح مداخلة في الدين ۽اسلام جي رڪنن ڪي ڍاهڻ جي ڪوشش سمجهي ويندي تيئن حج جي فريضه ادا ڪرڻ وارن ڪان ڪرايي جهاز ۽ ريل ۽ خرچ خوراڪ ڪان علاوہ ٻي ڪنهن بہ رقم جو وصول ڪرڻ بلڪل ناجائز ۽ مداخلة في الدين ڇئبي. قال الله تبارڪ وتعالىٰ “و من اظلم ممن منع مساجد الله ان يذكر فيه اسمه و سعىٰ في خرابها”. الآية وفي روح البيان “فالمراد بالخراب في قوله وسعىٰ في خرابها”. تعطيلهم المسجد الحرام عن الذكر والعبادة دون تخريبه و هدمه حقيقة. و جعل تعطيل المسجد عنهما تخريبا له لان المقصود من بنائه انما هو الذكرو العبادة فيه”. الخ و قال تعالىٰ و ما لهم ان لا يعذبهم الله و هم يصدون عن المسجد الحرام. الآية وقال عزمن قائل. “ان الذين كفروا و يصدون عن سبيل الله والمسجد الحرام الذي جعلناه للناس سواء ن العاكف فيه والباد. الآية وقوله تعالىٰ. هم الذين كفروا وصدوكم عن المسجد الحرام والهدي معكوفا ان يبلغ محله. الآية. پوءِ جيڪا رقم گذريل سال ۾ ڪرايہ ۽

معاوضه کان وڏيک حکومت برطانيه ٩٣ روپيہ ڏھ آنا وصول ڪئي آهي يا وري نجدي حڪومت جده بندر تي حاجين کان اهڙيون رقمون ورتيون آهن سي سڀ فريضه حج تي پائبنديون ۽ خالص مذهبي امر تي ٽيڪسون وڌل آهن جنهن لاءِ سيني مسلمانن کي متفق آواز سان قانوني احتجاج ڪرڻ لازم آهي بي ڪنهن بہ قوم تي اهڙي طرح سندن مذهبي فرضن يا رسمن ادا ڪرڻ لاءِ اهڙيون پابنديون ۽ ٽيڪسون وڌل ڪونہ آهن. جهڙو اهل اسلام تي ڪين غافل ۽ احساس کان خالي سمجهي وڌيون ويون آهن.

٢. قرآن شريف ۾ آهي تہ "و اذن في الناس بالحج ياءتوک رجالا و علیٰ کل ضامر ياءتين من کل فج عميق". (١١-١٧) قال في المدارک "قدم الرجال علیٰ الرکبان اظهار لفضيلة المشاة". کما ورد في الحديث اه و في الخازن "بداء بذکر المشاة تشريفالهم". اه وفي الدرالمختار "من نذر حجا ماشيا وجب عليه المشي". في الاصح و عليه المتون وعلله في الهداية وغيرها بانه التزم القربة بصفة الکمال لقوله صلي الله عليه و آله و سلم "من حج ماشيا کتب الله له بکل خطوة حنسة من حسنات الحرم قيل ما حسنات الحرم؟ قال کل حسنه بسبع مائة و لانه اشق علیٰ البدن فکان افضل". اه وفي الجوهرة "فان قيل ما الافضل ان يحج ماشيا او راکبا".

قيل روي الحسن عن ابي حنفة رحمه‌الله تعالىٰ "ان الحج راكبا افضل لان المشي يسيء خلقه". وروي ان الحج ماشيا افضل لان الله تعالىٰ قدم المشاة. فقال تعالىٰ ياءتوک رجالا و علىٰ كل ضامر وروي ان الحسن بن علي ﷺ تعالىٰ عنهما. "كان يمشي في حجه والجنائب تقاد الىٰ جنبه. اهـ اتان پڑرو آهي پياده تي حج فرض هجڻ نہ هجڻ ۾ گوڪ ائمة كرام جو اختلاف آهي مگر شريعت جي حڪم موجب پياده حج ڪرڻ كي طاقت واري لاءِ سواري كان وڏيڪ فضليت ڏني وئي آهي پوءِ هي جو نجدي حڪومت پياده كي ڪوشان ونڻ كان سواءِ داخله حجاز مقدس جي اجازت نتي ڏئي ۽ جهاز تي ويندڙن كان جده بندر تي سواري لاءِ پنهنجي مقرر ڪيل رقم جبرا وني چڏي ٿي سا قرآن شريف جي حڪم "ياءتوک رجالا". جي بر خلاف ۽ حديث شريف "من حج الخ". جي صريح مخالفت آهي ۽ ان كان علاوه وري سواري جو معاوضو ۽ ڪرائي جو نرخ بہ موتمار ۽ نهايت گران مقرر ڪري گوياڪ حج جي فرض مٿان ڪنٽرول وڌو ويو آهي ايئن سمجهڻ ڪپي تہ حڪومت برطانيہ پنهنجي حد اندر حج جهڙي فرض ۽ رڪن تي ڪنٽرول جاري ڪيو آهي ۽ حڪومت نجدي پنهنجي حد اندر ڪنٽرولي قاعدن سان هن اسلامي رڪن تي بندشون وڌيون آهن. جنهن جي خلاف پنهنجي وسعت آهر صدائي

احتجاج بلند كرڻ هر هڪ مسلمان تي فرض آهي. وما علينا الا البلاغ.

هو

لاريب في صحة الجواب فان المقرر فيه هو نهج الصواب اذ لا يرتاب مرتاب في محظورية اخذ المال علىٰ اداء الفرائض الشرعية فانه في معنىٰ اخذ الرشوة علىٰ اداء العبادات المكتوبة و هٰذا دخل في الدين و تعطيل لاحكام الشرع المبين. يلزم علىٰ سائر المسلمين ان يحتجوا بخلافه بقدر وسعهم حتىٰ يفيي الامر الىٰ ما امراللّٰه المتين. هٰذا واللّٰه الموفق والمعين. و قال عزمن قائل. ”و لينصرن اللّٰه من ينصره ان اللّٰه لقوي عزيز“.

قاله بفمه و كتبه بقلمه العبد المفتقر الىٰ رحمة ربه ذي المراحم القاسم عفي عنه الماءثم والمغرم.

تمت الجزء الاول تليه الجزء الثاني ان شاء اللّٰه تعالىٰ.

جلد شايع ٿيندڙ ڪتاب

ڪرامات قاسمية

هن ڪتاب ۾ حضرت محبوب مرشد ڪريم جن جي
ڪرامتن جو بيان ڪيو ويو آهي
سهڙيندڙ: ميان منير احمد مشوري عفي عنہ

نفحات الانس
في حظيرة القدس

ملفوظات شريف حضرت محبوب مرشد ڪريم مشورن وارا
سائين جن جي جلد شايع ٿي شائقين فيض رسول ﷺ
فيض اولياء ڪرام جي هٿن ۾ ايندي.
ترتيب ڏيندڙ: منير احمد مشوري سگدر
درگاه عاليہ مشوري شريف

فقير ڊاڪٽر محمد حنيف مشوري
درگاهہ عاليہ حضرت مشوري شريف
ضلع لاڙڪاڻو، سنڌ، پاڪستان

http://www.qasimia.org